# البير ڪاميو

# ڏاريو (ناول)



ترجمو

ولي رام ولڀ

هي ترجمو ارپيان ٿو
پنهنجي دوست
طارق اشرف
کي
(جنهن جي اُتساهڻ تي هيءُ ترجمو ڪري سگهيس)
۽
ماهوار سهڻي حيدرآباد
کي
(جنهن ۾ 'ڏاربو' جي هن ترجمي جون ٻه قسطون پهريون پيرو شايع ٿيون)

Roshni Book No. 76

"ڌاريو"

[البير ڪاميو جي فرينچ ناول "L' Etranger" جو سنڌي ترجمو]

هن ترجمي جا حق ۽ واسطا سنڌيڪار وٽ محفوظ

پهريون ايڊيشن © جنوري 1993ع

ڪمپوزنگ: (بشير جمالي، ڪمپيوٽر آپريٽر) عبدالبرادرس، ليزر ڪمپوزنگ سسٽم، حيدرآباد سنڌ.

ڇپيندڙ: سهيل آرٽ پريس، ڪراچي

ڇپائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ضلعو نوشهرو فيروز، سنڌ، پاڪستان.

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

قيمت:

ٽائيٽل ڊزائين

جيڪس وِلان جو ٺاهيل آر - ڊيوچئمپ جو پورٽريٽ، جيڪو پيرس جي ماڊرن ميوزيم ۾ رکيل آهي.

DHARYO- A Sindhi Translation by Vali Ram Vallabh
(From English Translation "The Outsider" by Stuart Gilbert of French Novel "L' Etranger" by Albert Camus)
Composed by Abdul Brothers, Laser Composing System, Hyderabad.
Printed by Suhail Art Press, Karachi.
Published by Roshni Publication, Kandiaro, Sindh.
First Edition © January 1993.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

البير ڪامیو

---

# ذاريو

(ناول)

ترجمو

ولي رام ولڀ

روشني پبليڪيشن
حيدرآباد / ڪنديارو
1993ع

# سنڌيڪار جي قلم مان

## البير ڪاميو

البير ڪاميو (Albert Camus) الجيريا جي منڊووي شهر ۾ 7 نومبر 1913ع تي جنم ورتو. پٽس لوسين فرينچ نسل مان هو ۽ هاريو ڪندو هو. سندس وڏا فرانس جي 1870ع جي شڪست کان پوءِ، الجيريا ۾ لڏي آيا هئا. ماڻس ڪٽترائين سنتيس اسپيني نسل جي هئي. ميٽرو پوليٽن فرانس ۾ اچي اخبار نويسيءَ جون ڏنڊو اختيار ڪرڻ کان اڳ، سندس ننڍپڻ اُتر افريقا ۾ گذريو، جتي فوٽ بال راند ڪيڏڻ ۽ ترڻ جي شوق سان گڏوگڏ گهٽيئي نوڪريون ڪيائين. 1934ع ۾ هوُ ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو، پر پوءِ جڏهن 1940ع ۾ فرانس تي جرمنيءَ قبضو ڪيو تہ علحدگي اختيار ڪري، 1941ع ۾ مزاحمتي تحريڪ ۾ حصو ورتائين ۽ 1944ع ۾ مُخفي اخبار "Combat" جو ايڊيٽر مقرر ٿيو. جنگ ڇڙڻ کان اڳ هڪ ناٽڪ "Caligula" (1939ع) ۽ جنگ جي دوران ٻہ ڪتاب "L' Etranger" (The Outsider- ناول: 1942ع) ۽ " Le Mythe de Sisyphe" (The Myth of Sisyphus- نظرياتي مضمون: 1942ع) لکيائين، جن جي ڪري کيس وڏي شهرت ملي.

1954ع ۾ جڏهن الجيريا ۾ لڙائي ڇڙي تہ ڪاميو ڪنهن بہ ڌر جي حمايت ۾ ڪو بيان ڪونہ ڏنو، پر 1956ع ۾ لڙائي بند ڪرڻ لاءِ اپيل ڪيائين، جيڪا 1958ع ۾ " Chronigues- Algeriennes" (Algerian Chronicles) ۾ ورجايائين. هن يورپي- الجيريائي هئڻ جي حيثيت سان، جنهن جي ماءُ ۽ پاءُ اڃا الجيريا ۾ رهيل هئا، فرانس جي ڪابي ڌر جي انهن ميمبرن جي حمايت نہ ڪئي، جن عرب باغين جي مڪمل طور تي حمايت تي ڪئي. پر ڪابي ڌر جي فرد هئڻ جي حيثيت سان، جيئن 1930ع ۽ وري 1945ع دوران الجيريائي عربن جي مخالفت ۾ فرينچ رويئي جي خلاف احتجاج ڪيو هئائين، تيئن الجيريائي فرانس جي انتها پسند حمايتين جي حمايت ڪرڻ کان پاسو ڪيائين.

پڇاڙيءَ ۾ سياست ۽ صحافت کان پاسو ڪري، هو سمورو وقت ڪتاب لکڻ ۾ گذارڻ لڳو. La Peste (The Plague- ناول: 1947ع)، "L'Etat de Siege"

(The Just –ناٽڪ؛ "Les Justes" 1949ع)، ناٽڪ؛ Stage of Seige -

1949ع)، "L'Homme revolte" -The Rebel) سياسي فلسفو؛ 1952ع)،

"La Chute" (The Fall- ناول؛ 1956ع)، "L' Exil et le Royaume"

(Exile and Kingdom- ڪهاڻيون؛1957ع)، "Resistance, Rebellion and Death"

(نظرياتي مضمون)، "Carnets 1935-42" (نظرياتي مضمون) ۽ دوستووسڪيءَ جي ناول تان ڪنيل "The Possessed" (ناٽڪ؛ 1959ع) ۽ ٻين ڪيترن ئي تصنيفن جي ڪري مهانتا حاصل ڪئي.

ڪاميو پنهنجي لکڻين ۾ "Absurdity and Existentialism" جي نظريئي پيش ڪرڻ ڪري اهميت حاصل ڪئي آهي، جنهن ۾ هو اڄوڪي انسان جي اندر جي پيڙا ۽ ذهني ڇڪتاڻ کي سلينڌو نظر اچي ٿو. سندس ادبي مهانتا جي ميڃتا ۾ کيس 1957ع ۾ ادب جي نوبيل انعام سان نوازيو ويو. اهو انعام فرانس ۾ جن ٻه حاصل ڪيو آهي، ڪاميو ڇمار ۾ انهن سڀني کان ننڍو هو. 1930ع کان، ڪاميو سلهه جي بيماريءَ ۾ ورتل هو ۽ مٿس وقت بوقت اُن جو حملو ٿيندو رهندو هو. ڪاميو 4 جنوري 1960ع تي موٽر جي حادثي ۾ گذاري ويو. مرڻ کان پوءِ، 1970ع ۾ سندس ناول "The Happy Death" شايع ٿيو آهي، جيڪو هن مرڻ کان اڳ ۾ مڪمل ڪري ڇڏيو هو.

## ناول جي ڪهاڻي

'ڌاريئي' جو مرڪزي ڪردار ميرسو هڪ نوجوان آهي، جيڪو الجيئر ۾ رهي ٿو. پٽس مري ويو آهي ۽ ماڻس ٻُڍن جي گهر ۾ رهي ٿي. جيئن ته هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ لاءِ وٽن ڪجهه ناهي، تنهنڪري هو ساڻس ورلي ملڻ ويندو آهي. هو معمولي ڪلرڪيءَ جي نوڪري ڪري ٿو، پر اڳتي وڌڻ ۾ دلچسپي نٿو وٺي. حقيقت ۾، هو پنهنجي ترقيءَ کان انڪاري آهي، جو کيس پيرس وڃڻو پوي ٿو. هو اڪيلو رهي ٿو. سندس رڳو ڪيفي جا ڪجهه دوست آهن. هفتي جي آخري ڏينهن تي پنهنجي گرل فرينڊ ماريءَ سان ملندو آهي، جيڪا ساڻس محبت ڪندي آهي، جيتوڻيڪ پاڻ ساڻس محبت نٿو ڪري. جڏهن

ماڻس مري ويجي ٿي، تہ سندس جنازي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ هو پنهنجي ڪم مان وقت ڪڍي ٿو، پر ڪوبہ ڏک محسوس نٿو ڪري ۽ سوڳواريءَ جون رسمون مٿاڇري طور ادا ڪري ٿو. اُن جي پيٽ ۾، هو ٻئين جي گهر جي هڪ ٻئي سوڳوار پيريز تي ڌيان ڏي ٿو، جيڪو سندس ماءُ کي ويجهو آهي ۽ خلوص سان رنجيده آهي. ڪفن دفن کان پوءِ ميرسو الجيئر موٽي اچي ٿو ۽ آچر جي موڪل جو ڏهاڙو پنهنجي گرل فرينڊ ماريءَ سان گهاري ٿو.

ميرسو جي وڪريل گهر ۾ ٻين سان گڏ غيمون سنتيس رهي ٿو، جيڪو عورتن جي دلالپ ڪندو آهي. جڏهن غيمون، ميرسو کي هڪ واقفڪار کي سيڪت ڏيڻ لاءِ چوي ٿو تہ هو ڪا آناڪاني نہ ٿو ڪري. غيمون کي ميرسو جي مدد جي ضرورت آهي. سندس پنهنجي سَريت سان جهيڙو ٿي پيو هو، جنهن لاءِ سندس چوڻ آهي تہ هن ساڻس بيوفائي ڪئي آهي، جيتوڻيڪ پڙهندڙن کي اهو شڪ ٿو ٿئي تہ هو ڪيس بدپيشي لاءِ مجبور ٿو ڪري. انهيءَ مقصد لاءِ هو ميرسو کي ڏانهس خط لکڻ لاءِ چوي ٿو تہ جيئن هوءَ وٽس موٽي اچي تہ هو ڪانئس پنهنجو بدلو وٺي سگهي. ميرسو سندس چيو مڃي پڙهندڙن تي چٽو ٿو ڪري، ”مون غيمون کي راضي ڪرڻ چاهيو ٿي، جو ائين نہ ڪرڻ لاءِ ڪو سبب نہ هو.“

ٻئي آچر تي غيمون جي گهر تي خوفناڪ جهيڙو ٿي پوي ٿو، جتي هو پنهنجي سَريت کي، جيڪا عرب عورت آهي، مار ڪڍي ٿو. پوليس پهچي وڃي ٿي ۽ غيمون کان پڇا ڳاڇا ڪري ٿي، ۽ ميرسو شاهدي ڏي ٿو تہ سندس دوست غيمون اشتعال ۾ اچي ائين ڪيو هو. انهيءَ وچ ۾ ڇوڪريءَ جو ڀاءُ بدلو وٺڻ جي نيت سان غيمون جي تاڙ ۾ رهڻ لڳي ٿو. هفتي کان پوءِ، غيمون، ميرسو ۽ ماريءَ کي سمنڊ-ڪناري تي ڏينهن گهارڻ جي دعوت ڏي ٿو، جتي سندس دوست جو بنگلو آهي. بہ عرب سندن پيڇو ڪن ٿا ۽ غيمون سمجهي ويجي ٿو تہ مٿس حملو ٿيندو. اها ڳالهہ ڳٽي، هوَ ئي اول حملو ڪري ٿو. پوءِ ٻنهي ڌرين ۾ ڇڪري لڳي ٿي، جنهن ۾ هو عربن کي ڀڃائي ڪڍن ٿا. پر منجهانئن هڪ عرب، غيمون کي خنجر وهائي ڪڍي ٿو. انهيءَ ڏينهن، ان کان پوءِ ڪين اهي ٻئي عرب بي هٿيار ملي وڃن ٿا ۽ غيمون ڪين گولي هڻڻ جو سوچي ٿو، يا گهٽ ۾ گهٽ ڀيو حملو ڪري اشتعال ڏيارڻ

چاهي ٿو تہ جيئن پاڻ پنهنجو روالور استعمال ڪري سگهي. ميرسو اهڙو طريقو اختيار ڪرڻ جي صلاح نٿو ڏي ۽ غيمون کي روالور ڏيڻ لاءِ چوي ٿو. غيمون ائين ئي ڪري ٿو ۽ عرب پڇي وڃن ٿا.

ٿوري دير ڪان پوءِ، ميرسو جڏهن سمنڊ - ڪناري، اهو سوچي تہ جهيڙو ٽري ويو آهي، چهل قدمي ڪري رهيو آهي تہ اوچتو هڪ عرب کيس ٽيون ڀيرو ملي ٿو. اُن وقت ڏينهن نهايت گرم آهي ۽ سج جا تيز ڪرڻا سمنڊ - ڪناري تي پئجي رهيا آهن. ميرسو جي رڳو انهيءَ ڳالهہ ۾ دلچسپي آهي تہ گرميءَ کان ڪيئن ڇوٽڪارو حاصل ڪجي. لڳو ٿي تہ هو گرميءَ جي جهولي جو شڪار ٿي رهيو آهي. هو عرب ڏانهن وڌي ٿو، مٿس حملي ڪرڻ لاءِ نہ، پر رڳو کنهن ڇانوَ هيٺ ويهڻ لاءِ. عرب چاقو ڪڍي ٿو، جنهن تان سج جو ترورو ترڪي، ميرسو جي اکين ۾ پوي ٿو. اوچتو سندس اعصاب ڀڙڪو کائين ٿا ۽ هو پنهنجي کيسي ۾ پيل روالور ٻاهر ڪڍي شوٽ ڪري ٿو. ٿوري ساهيءَ کان پوءِ، ۽ کنهن سبب کان سواءِ، هو سندس زمين تي ڪريل جسم تي فائر ڪري ٿو.

ميرسو کي گرفتار ڪيو وڃي ٿو ۽ ڪورٽ سندس بچاءَ ڪرڻ لاءِ وڪيل مقرر ڪري ٿي. سندس لاپرواهي، پڇتاءَ جي اڻ هوند ۽ پنهنجي مقدر کان بي نيازي ڏسي سندس وڪيل ۽ جاچ ڪندڙ مئجسٽريٽ مُنجهي پون ٿا. مئجسٽريٽ کيس عيسائي هجڻ جي حيثيت سان پڇتاءَ ڪرڻ لاءِ چوي ٿو. وڪيل کيس صلاح ڏي ٿو تہ جيوريءَ تي پنهنجي ڊپ جو هلڪو تاثر ڏيڻ لاءِ، هو ڪجهہ نہ ڪجهہ چوي. مقدمي هلندي، سندس ماءُ جي موت تي رنجيده نہ ٿيڻ لاءِ گهڻي ڏي وٺ ٿئي ٿي. اها ڳالهہ سندس سخت بدڪرداريءَ کي ثابت ڪرڻ لاءِ حوالي طور ڪم آندي وڃي ٿي. ڏوهہ جي ثابتيءَ جو فيصلو ڏنو وڃي ٿو ۽ ميرسو کي ڪنڌ لاهڻ جي سزا ڏني وڃي ٿي.

سزا تي عمل جي انتظار دوران، ڪوٺڙيءَ ۾ جيل جو پادري ساڻس ملڻ اچي ٿو، جيڪو کيس چرچ پاران تسلي ڏئي ٿو. ميرسو، جنهن جو ڪو مذهب ناهي، آٿت حاصل ڪرڻ ۽ پشيمان ٿيڻ کان انڪار ڪري ٿو. پادريءَ جي هدايتن هيٺ، هو نيٺ پنهنجي زندگي ۽ پنهنجي ورتاءَ جي بچاءَ ۾ دانهون ڪري چوي ٿو تہ جيئن تہ سيني ماڻهن کي مرڻو آهي، تنهنڪري سموريون

زندگيون بي معنيٰ آهن ۽ سڀ ماڻهو هڪ جهڙا ڏوهاري يا بي ڏوهي آهن. انهيءَ سان ڪهڙو فرق ٿو پوي ته هو پنهنجي زندگي ڪيئن ٿو گذاري يا هو ڪنهن کي قتل ڪري ٿو. ڦاٽ ڪائڻ سان ڪيس سڪون ملي ٿو ۽ ڪيس ننڊ وٺي وڃي ٿي. جڏهن هو سجاڳ ٿئي ٿو ته رات هوندي آهي، ۽ هو نيٺ سُڪون محسوس ڪندو آهي:

> ”اٿين لڳو ٿي ڄڻ ته انهي غضب جي غصي مون کي سيني ڏکن کان ڌوئي پاڪ ڪري ڇڏيو آهي. اُميد ۽ امنگ کان خالي هن تارن ڀري رات ۾ مون تي پهريون ڀيرو دنيا جي نازڪ ۽ ملائم بي نيازيءَ جو راز کليو. اهو نيڪ منهنجي پنهنجي تجربي پٽاندر هو. بني نوع آدم ۾ هڪ اخوت جو سلسلو آهي. هاڻي مون کي خوشيءَ جو احساس ٿيو. مون کي تارن ڀرئي اونداهي آسمان ڏانهن تڪيندي، پهريون ڀيرو پنهنجي من کي ڀلاري بي پرواهه ڪائنات ڏانهن کولي رکيم، ۽ ان کي پاڻ جهڙو محسوس ڪندي، سچ پچ اٿين لڳو ته مان خوش هئس ۽ هن وقت به خوش آهيان.“

## تنقيدي راءِ

ماڻهوءَ کي هن ڪائنات ۾ ڪيئن رهڻو ٿو پوي؟ اهو سوال، جيڪو ’ڌاريئي‘ جو مرڪزي مسئلو آهي، يورپي ماڻهو جو ترت مسئلو آهي، يا ائين ڪٿي چئجي ته اسان جي دؤر جو ڳوڙو سوال آهي. ماضيءَ ۾، مذهب يورپ کي معنيٰ جو سلسليوار سرشتو ميسر ڪري ڏنو، جنهن زندگيءَ ۾ انسان جي مقصد ۽ ڪيس اهو حاصل ڪرڻ ۾ مدد جو سمجهايو ٿي. جيئن عيسائيت جو اثر گهٽيو ته ڊيڪارٽيس کان هيگل تائين جي ٻين سرشتن اهو ٻڌايو ته دنيا سمجهه ۾ ايندڙ ۽ منطقي آهي. ڪاميو وٽ پڻ انهيءَ پڪ جي حيثيت ختم ٿي ويئي هئي. سندس نظر ۾، ماڻهو جي مقدر ۾ ڪوبه رهنما ٿنيو يا منزل نه آهي. اڄ جيڪي ماڻهو اهو محسوس ڪن ٿا ته خدا پنهنجي اخلاقي توڙي عقلي سيني جاودانين سان مري چڪو آهي، ڪاميو کي سندن حالت سان ڳالهائيندي ڏسن ٿا. هاڻي اهڙا پڙهندڙ گهٽا آهن. گهڻو ڪري ادب جو هرڪو استاد ڏسي ٿو ته سندس شاگرد ڪاميو کي عزت ڀرئي ڏيان سان پڙهي ٿو، جنهن جو سئي گريڊ ۾ پاس ٿيڻ جي خواهش سان ڪو لاڳاپو ناهي. اهوئي سبب آهي جو ’ڌاريو‘ ڪتابن جي انهيءَ ورلي قسم مان آهي، جيڪي گهڻو ڪري ڇپجڻ جي وقت کان وٺي ڪلاسڪ طور مڃيا ويا آهن.

اها ڳالهہ چوڻ تہ دنيا ائبسرڊ آهي، دنيا جي پنهنجي باري ۾ ايترو نٿي ٻڌائي جيترو اسان جو اُن ڏانهن ردعمل آهي. اسان جو ان جي ائبسرڊ هجڻ جو احساس، اسان جي ناڪام توقعات مان، غلطين مان، جيڪي اسان زندگيءَ مان چاهيون ٿا- خاص ڪري ترتيب ۽ موافقت- ۽ جيڪي اسان کي حاصل ٿئي ٿو، اُپري ٿو. اهو پرم ٿڪڻ جو احساس، جيڪو گهڻ ۾ گهڻ ايتروئي پراڻو آهي جيترو ايڪسليسيئٽيس (Ecclesiastes)، ڪن عام روين يا زندگيءَ بابت فيصلن ۾، خاص نموني اظهار پائي ٿو. انهن ۾، سڀ کان پهرين، شين جي بي ترتيبيءَ جو احساس شامل آهي. واقعا هڪ ٻئي جي پٺيان رونما ٿيندا وڃن ٿا، پر اُهي پاڻ ۾ ڳنڍجي ٺڪيل ناهن. سندن وچ ۾ ڪوبہ ضروري سنبنڌ ناهي. ڪاميو جي تشبيهہ موجب دنيا ڏاڍي ۽ ائبسرڊ ڏسڻ ۾ اَئين بي رُخ نظر اچي ٿي جيئن ڪنهن شخص جي عينڪ ڪنهن ٽيليفون جي بوٿ جي شيشي جي پويان خاموشيءَ سان اشارا ڪندي آهي. ساڳي ائبسرڊتي عقلي دائري ۾ راڄ ڪري ٿي. سمورن فلسفيانہ سرشتن، ۽ انهن سان گڏ قانون ۽ اخلاقيات جي سمورن سرشتن، جيڪي مطلق ورتاءُ جا قطعي درجا ڏيڻ جو اقرار ڪن ٿا، سواليہ بنجي وڃن ٿا. جيئن تہ عام قائدا خاص صورتحال کي رهنمائي نٿا بخشين، تنهنڪري هر پل پنهنجو پاڻ بيهي ٿو ۽ پنهنجا قانون پاڻ ناهي ٿو. ترت لمحي جو تجربو ئي اڻ انڪار جوڳي ۽ مصدق حقيقت آهي. آخر ۾، سموري حياتي، موت جي ڇاڇي ۾ گذارجي ٿي، جيڪو شريف ۽ گناهگار، عقل ۽ بي عقلائي کي ساڳي سطح تي سوڙهو ڪري ٿو. جيڪو ماڻهو دنيا کي انهيءَ روشنيءَ ۾ ڏسي ٿو، اُهو ٽن رستن مان ڪنهن هڪ رستي موٽ ڏي ٿو: هو انڌي عقيدي ۾ پناهہ وٺندو، آتم هتيا ڪندو، يا ڇِتي سُچيتائي ۽ پنهنجي صورتحال جي مات ميٺ ۾ مجتا سان گذارڻ جي چونڊ ڪندو. انهيءَ ماڻهو لاءِ، جيڪو اِهو ڪرڻ جي اهل آهي، اها سُچيتائي هڪ وڏو نرواڻ آهي، جو جيڪڏهن خدا ناهي، ۽ ڪوبہ پل ٻئي ڪنهن وانگر موجود آهي، ۽ آخرڪار سڀ ماڻهو مري وڃن، تہ پوءِ هو جيڪي چاهي اُهو ڪري سگهي ٿو.

زندگيءَ جو اهڙو نظريو، ڪنهن ترتيب سان فلسفيانہ سمجهاڻي کان سواءِ، بهترين طريقي سان پيش ڪيو ويو آهي، جو اهڙي هلت مان منطقي ترتيب جو اهو قسم مُراد ٿيندي، جنهن کي ائبسرڊ جو احساس انڪار ڪري

ٿو، پر ناٽڪ يا ناول ۾ اهو اسان کي ائبسرڊٽي جو احساس ڏياريندو. ميرسو اهو شخص آهي، جنهن ۾ اهو احساس سندس هڏين اندر گهڙي ويو آهي. هو جيئڻ زندگيءَ کي پل پل جيئي ٿو تيئڻ وٽس ورلي يادون آهن ۽ توقعات نه آهن. هو ٻين کان ڪي به ڪونه ٿو گهُري، ۽ چاهي ٿو ته ٻيا به ڪانئس گهٽ ۾ گهٽ اُميدون رکن. هن جو وڏو گڻ سندس قطعي ايمانداري آهي. جيتوڻيڪ سندس زندگي داءُ تي آهي، پر هُو انهن آدرشن يا احساسن جي هئڻ جو ڍونگ نٿو رچائي، جيڪي وٽس ناهن.

ميرسو يقيني طور ڏوهاري ناهي. عملي بيچڙائي ڪرڻ جي اهل ئي ناهي، ۽ غيمون جي برعڪس، ماڻهن کي ايذاءُ رسائڻ جي خواهش نه اٿس. سندس گهڻا واقفڪار ڪيس ڪافي گهڻو چاهين ٿا، ايتري قدر جو ماري سندس محبت ۾ مبتلا آهي. هو عام طرح مهربان طبع جو مالڪ آهي، بيشڪ اصولي طور نه، پر چاڪاڻ ته ڪيس ائين نه ٿيڻ ۾ ڪو ڪارڻ نظر نٿو اچي. هو نڪي نيڪ آهي نه بدڪردار. هو رڳو اڻ ٻَڌل آهي، ۽ انهيءَ حد تائين معصوم آهي. پوءِ هن قتل ڇو ڪيو؟ "سج جي سبب." هو وضاحت ڪري ٿو. ڪورٽ انهيءَ صفائيءَ تي مٺس ڪلي ٿي؛ توڙي جو اهو سبب ٻئي ڪنهن سبب جهڙو آهي. اهو قتل پاٺيهي ۽ بي اختيار، بي معنيٰ ۽ بنان ارادي آهي، ۽ ساڳي حالت ۾ ڪوبه ڪري سگهي ٿو.

بهرحال، واقعن جو اهو ائبسرڊ سلسلو، ميرسو کي دنيا جي طاقت جي حوالي ڪري ڇڏي ٿو، جيڪا قطعي عقيدن ۾ اعتبار رکي ٿي، جنهن وٽ پيار ڪندڙ پُٽن لاءِ ورثاءُ جو دستور العمل آهي، جنهن کي خبر آهي ته ڏوهارين ۽ ٻين ماڻهن جي وچ ۾ فرق آهي، ۽ جيڪو هر ڏوهه جي وزن سان لهڪندڙ سزائن سميت قانون جي دستور العمل کي قبول ڪري ٿو. ميرسو هڪ شخص کي قتل ڪيو آهي، پر سمجهه ۾ اچڻ جوڳي خيال موجب، پنهنجي بچاءُ جي بنياد تي ڇڏي سگهيو ٿي ويو. فيصلو انهيءَ ڳالهه تي ٻڌل آهي ته ڪورٽ ميرسو کي ڪيئن ڏسي ٿي. ڇا سندس زندگيءَ جي ڍنگ مان پتو پوي ٿو ته قتل هڪ مڃيل ڏوهاريءَ جو عمل آهي؟ جيڪڏهن ائين آهي ته هو قتل جو ڏوهاري آهي. بدقسمتيءَ سان ڪورٽ هن قسم جي ماڻهوءَ جي عمل کي نٿي سمجهي سگهي. هرڪو ڪانئس رسمي ردعمل ظاهر ڪرڻ جي توقع ڪري ٿو

۽ اها ڳالهه ڏڪار جوڳي سمجهي ٿو تہ هو ائين نٿو ڪري. نتيجي طور ميرسو احتجاج ڪرڻ ۾ صحيح آهي تہ ڪيس هڪ عرب کي قتل ڪرڻ لاءِ نہ، پر سندس ماءُ جي موت تي ماتم نہ ڪرڻ لاءِ سزا ڏني ويئي آهي.

ناول جو آخري مرحلو ميرسو جي سماج جي فيصلي جي شرطن مڃڻ جي ڪوشش لاءِ وقف ٿيل آهي. پهرين، سندس موٽ اهڙي سِڌي ۽ بي ڍنگي آهي جهڙي سندس هر ڳالهه آهي. هو پنهنجي آزادي ۽ ان سان ڳنڍيل جنسي مايوسيءَ تي افسوس ڪري ٿو، پر هو اُن سان پڻ پاڻ کي نهڪائي هلڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿو. جيڪا ڳالهه سندس بي پرواهي مان نيٺ ڪيس ٻاهر ڪڍي ٿي، اُها آهي پادريءَ جو ڪيس چيڙڻ، جيڪا سندس اندر کي باترتيب ظاهر ڪري ٿي، جنهن سان هميشه هو گذاري ٿو.

” هن سموري بيڪار زندگيءَ جي دوران هڪ گمنام نامعلوم نفس منهنجي مستقبل جي گهراين کي چيريندو، انهن مهينن ۽ سالن کي اورانگهيندو، جيڪي اڃا وجود ۾ نہ آيا هئا. مون ڏانهن وڌندو رهيو ۽ مون کي چوندو رهيو تہ هن زندگيءَ جي ڪابہ اهميت ناهي. ٻيا مون لاءِ ڪهڙي اهميت ٿي سگهي ٿي، ٻين جي موت جي، هڪ ماءُ جي محبت جي، خدا جي وجود جي، انهيءَ زندگيءَ جي، جيڪا ماڻهو پنهنجي لاءِ چوندي ٿو، انهيءَ تقدير جي، جيڪا هو پنهنجي لاءِ چوندي ٿو. پر اها ئي تقدير مجبور آهي تہ نہ رڳو مون کي بلڪ مون جهڙن لکين ڪروڙين ماڻهن کي چوندي. مون کي رڳو هڪ زندگي ملي ۽ مون سان گڏ لکن کي، جن کي دراصل اقتدار حاصل آهي، پر پنهنجو پاڻ کي منهنجو ڀاءُ چون ٿا. هو سمجهيو ان کي... ٻين کي بہ ڪنهن ڏينهن قتل جو حڪم ملندو. انهن کي بہ ڪو موت جو حڪم ٻڌائيندو. ڪنهن تي الزام لڳائڻ جي ڀلا ضرورت ئي ڪهڙي آهي تہ هو پنهنجي ماءُ جي جنازي تي نہ رُنو. انهيءَ سان ڪهڙو فرق پوي ٿو. نيٺ مرلو تہ سيني کي آهي.“

ميرسو جو اهو ڦاٽ آزاديءَ جو اعلان آهي. هو هاڻي پنهنجو مالڪ پاڻ آهي ۽ بيدپائيءَ سان موت کي منهن ڏيئي سگهي ٿو.

هن ناول جو اسٽائيل ۽ گهاڙيٽو ساراهہ جوڳي نموني ميرسو جهڙي ڪردار جي پيشڪش سان، خاص ڪري ضمير متڪلم (First person) جي بياني ٽيڪنڪ اختيار ڪرڻ سان، نهڪي اچي ٿو. جيڪڏهن ميرسو کي ضمير غائب (Third person) ۾ بيان ڪيو وڃي ها، تہ هو اسان کي جج ۽ سرڪاري وڪيل وانگر سمجهہ کان پري لڳي ها. جيڪڏهن اسان کي مٿس اعتماد ڪرڻو آهي تہ ڪيس سندس شرطن سان ڏسڻو پوندو. اسان کي سندس شخصيت جو احساس، خاص ڪري سندس ڳالهائڻ جو اسٽائيل ــ سڌو، سادو ۽ بلڪل بي ڍنگو ـ ملي ٿو، جيڪو ظرفن ۽ صفتن جي غير موجودگيءَ ۾، ۽

اڻ ٻڌل لفظن ’۽‘ يا ’پر‘ کان سواءِ، ننڍن محاورن کي اڻ ڳنڍيندڙ لفظن جي استعمال سان حاصل ڪيو ويو آهي. اسٽائيل ٻڪايل ۽ ٽڪڙو آهي ۽ ڏيکاري ٿو تہ متس امريڪي ليکڪن، خاص ڪري هيمنگوي جو چڱو اثر آهي. جڏهن رسمي لفاظي ظاهر ٿئي ٿي تہ اها رسمي ماڻهن جهڙوڪ جج ۽ سرڪاري وڪيل جي عام زبان آهي، ۽ انهن جو بناوٽي هئڻ ٻڌائي ٿي تہ ڳالهيندڙ پڻ ڪوڙا آهن.

’ڌاريو‘ هڪ ڪلاسڪ، فنڪارانہ ساک ـ پلاٽ، ڪردار، موضوع، اسٽائيل ۽ ڍانچي جي مڪمل هم آهنگيءَ جو درجو ماڻي ٿو. ناول جي ننڍڙي دنيا ۾، فنڪارانہ اِڪائي، اهو ميلاپ ۽ سمجهہ ۾ اچڻ جهڙي ڳالهہ پيدا ڪري ٿي، جيڪا ڪاميو حقيقي دنيا ۾ نٿو ڳولي لهي سگهي. انهيءَ معنيٰ ۾، ڪابہ فنڪارانہ تخليق زندگيءَ کي ٽوڙڻ جي ڌمڪي مثل آهي. ميرسو پنهنجي وجود جي ائبسرڊٽي خلاف ڪنهن بہ وقت احتجاج نٿو ڪري، پر ڪاميو ناول لکڻ جي پهرين عمل ۾ ئي احتجاج ڪري ٿو.

## هيءُ ترجمو

مون ’ڌاريو‘ جو هيءُ ترجمو اسٽوئرٽ گِلبرٽ (Stuart Gilbert) جي انگريزي ترجمي "The Outsider" (1946ع) تان ڪيو آهي، جيڪو البير ڪاميو جي فرينچ ناول "L' Etranger" (1942ع) جو انگريزي زبان ۾ پهريون ترجمو مڃيو وڃي ٿو.

’ڌاريو‘ ٻن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي، جنهن جي پهرئين ڀاڱي جا پهريان ڪجهہ باب ماهوار ’سهڻي‘ حيدرآباد جي آڪٽوبر- نومبر 1967ع ۽ ڊسمبر 1967ع جي ٻن شمارن ۾ قسطوار ڇپيا هئا، پر پوءِ اهو سلسلو منجهس جاري رهي نہ سگهيو. منهنجي دوست مرحوم طارق اشرف، جنهن جي اتساهہ ڏيارڻ تي مون اهو ترجمو مڪمل ڪيو هو، پنهنجي اشاعتي اداري طرفان ڪتابي صورت ۾ شايع ڪرڻ جو پڻ رٿيو هو، پر هو پنهنجي مجبورين سبب ائين بہ نہ ڪري سگهيو. پنهنجي وفات کان ڪجهہ وقت اڳ، گذريل سال هِن ترجمي جي ڇپائيءَ جو پنهنجو دوستاڻو حق، هُن مون کي ”سنڌيڪا“

ڪراچي وارن کي ڏيڻ لاءِ ڇيو. انهيءَ وچ ۾ ”هالار ڊائجيسٽ“ حيدرآباد وارن هن ترجمي جا ٻه حصا جولاءِ 1992ع ۽ آگسٽ 1992ع جي شمارن ۾ قسطوار ڇپيا ته ”سنڌيڪا“ وارن مارڪيٽنگ جي متاثر ٿيڻ جي خيال کان انهيءَ ترجمي کي پنهنجي اداري طرفان شايع ڪرڻ جو خيال ئي لاهي ڇڏيو. اهڙي طرح هيءَ ترجمو گذريل ويهارو سال کن ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيڻ کان رهجي ويو.

هاڻي ”روشني پبليڪيشن“ ڪنڊيارو وارن هن ترجمي کي شايع ڪرڻ جو بيڙو هٿ ۾ کنيو آهي، جنهن لاءِ آئون انهيءَ اداري جي روح روان محترم علي نواز گهانگهرو جو ٿورائتو آهيان، جنهن انهيءَ ترجمي کي وڌيڪ رُلائڻ کان بچائي ورتو آهي.

هيءَ ترجمو ڪرڻ وقت، سنڌي ٻوليءَ جي ناميارې ڪهاڻيڪار- ناول نگار لعل پشپ جو ساڳئي ناول جو ترجمو ’اجنبي‘ منهنجي نظر مان نه گذريو هو، جيڪو سندس ئي ماهوار ڪتابي سلسلي ’پرهه ڦٽي‘ بمبئي ۾ سيپٽمبر- آڪٽوبر 1967ع ۽ نومبر 1967ع جي ٻن شمارن ۾ مڪمل طور تي شايع ٿي چڪو هو. جيڪڏهن مون کي اها سُڌ پوي ها ته شايد آئون هيءَ ترجمو ڪرڻ جي همت نه ڪري سگهان ها. اهي اڻ ڄاڻائي جا ڀال آهن، جنهن ڪري هن ’ڪلاسڪ‘ جا هاڻي اسان وٽ سنڌي ۾ ٻه ترجما (Versions) ميسر آهن، جيئن مغرب جي مختلف ٻولين جي ’ڪلاسڪس‘ جا انگريزيءَ ۾ هڪ کان وڌيڪ ترجما موجود آهن. خود ڪاميو جي هن ناول جي انگريزي ترجمي "The Outsider" کان سواءِ، هڪ ٻيو ترجمو "The Stranger" پڻ موجود آهي.

جيئن ته هيءَ ترجمو انگريزي زبان تان ڪيو اٿم، تنهنڪري ناول ۾ آيل فرينچ ڪردارن جا نالا، انگريزي اچارن پٽاندر سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيا هئم. پر پنهنجي محترم دوست ۽ ڪهاڻيڪار ظفر حسن جي صلاح تي، ته انهن ڪردارن جي نالن جا فرينچ زبان ۾ اچار، انگريزي زبان جي اچارن کان بلڪل مختلف ٿيندا آهن، مون هن ترجمي ۾ فرينچ زبان ۾ اچارجندڙ فرينچ ڪردارن جا نالا ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مثال طور Ce'leste کي ’سيليت‘،

Meursault کي 'ميرسو'، Marie Cardona کي 'ماري ڪارڊونا'، Raymond Sinte's کي 'غيمون سنتيس'، Masson کي 'ماسون' ۽ ڪتاب جي ليکڪ Albert Camus کي 'البيرڪاميو' لکيو اٿم. فرينچ اُچارن جو اهو ڏکيو ڪم، فرينچ زبان جي ڄاڻو، ڊاڪٽر ابراهيم شاهه بخاري صاحب، سائين ظفر حسن جي وسيلي سان، ڪري ڏنو آهي، جنهن لاءِ آئون پنهي صاحبن جو ٿورائتو آهيان.

آئون ترجمي جي مسودي تي نظرثاني ڪرڻ لاءِ پڻ سائين ظفر حسن جو احسانمند آهيان، جنهن نه رڳو مون کي پنهنجي قيمتي مشورن سان نوازيو پر ترجمي جون ضروري درستيون ڪري پريس لائق بنائڻ ۾ مدد ڪئي.

مون هن ناول جي مُنڍ ۾ 'ڏاريو' جي باري ۾ البيرڪاميو جي 1942ع واري "Notebook IV" ۾ ڪيل داخلائن (1)، "The Outsider" جي پهرئين انگريزي ايڊيشن (1946ع) تي لکيل سِرل ڪونولي جي تعارف (2)، ۽ البيرڪاميو جي پنهنجي ناول "L' Etranger" جي امريڪن يونيورسٽي ايڊيشن (1955ع) تي لکيل مهاڳ "Avant Propos" (3) جا ترجما ڏنا اٿم ته جيئن ليکڪ جي وجوديت (Existentialism) جي نظريئي ۽ ناول جي پس منظر کي سمجهڻ ۾ وڌيڪ آساني ٿئي.

هن ناول کي دنيا جو 'جديد ڪلاسڪ' مڃيو ويو آهي، جنهن جي خوبيءَ جو سهرو ناول نگار جي سِر تي آهي ۽ ترجمي جي ڪوتاهي آئون پنهنجي سِر تي کڻان ٿو.

ولي رام ولڀ

2- شمس چيمبرس، ٽرڊ فلور،
رسالا روڊ، حيدرآباد سنڌ.
17 ڊسمبر 1992ع

(1) Albert Camus: "Selected Essays and Notebooks", (The Reception of the "Outsider"- From Notebook IV), Ed. & Tr. by Philip Thody, Penguin Books Ltd., 1970, pp. 209-212.

(2) Albert Camus: "The Outsider", Tr.by Stuart Gilbert, (Introduction by Cyril Connolly), Hamish Hamilton, 1946, pp. 5-10.

(3) Albert Camus: "Selected Essays and Notebooks", (Preface to the Amereican University Edition of the "L' Etranger"), Ed. & Tr. by Philip Thody, Penguin Books Ltd., 1970, pp. 207-208.

# ”ڏاريو“ جو آجياڻو

(البيرڪاميو جي 1942ع واري ”Notebook IV“ ۾ ڪيل داخلائن مان)

## ’ڏاريو‘ جي باري ۾ .J.T ڪي جواب

هيءَ هڪ تمام خبرداريءَ سان رٿيل ڪتاب آهي، ۽ انهيءَ جو لهجو... سوچيل سمجهيل آهي. اهو درست آهي تہ اهو چار يا پنج پيرا اُپار ڪائي ٿو، پر ساڳيائپ کان پاسو ڪرڻو هو ۽ هڪ بناوٽ مهيا ڪرڻي هئي. منهنجو ’ڏاريو‘ جيل جي پادري اڳيان پنهنجو پاڻ کي بي ڏوهي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش نہ پيو ڪري. هو جنهن غصي ۾ وڦلي ٿو، اهو تمام مختلف آهي. اوهان چئي سگهو ٿا تہ اهو مان آهيان، جيڪو وضاحت پيو ڪريان. بيشڪ، ۽ مون انهيءَ باري ۾ گهڻو ڪجهہ ويچاريو آهي. مون ائين ڪرڻ جو انهيءَ ڪري فيصلو ڪيو جو مون پنهنجي انهيءَ ڪردار کي روزمره ۽ قدرتي واقعن جي وسيلي هڪ وڏي مسئلي سان مُنهان مُنهن آڻڻ چاهيو ٿي. انهيءَ وڏي لمحي کي اهميت ڏيڻي هئي. وڌيڪ اهو ڏسو تہ هتي ميرسو ۾ اوچتو تبديلي نہ ٿي اچي. هِن باب ۾ ڪتاب جي رهيل حصي وانگر هو پنهنجو پاڻ کي ”سوالن جا جواب“ ڏيڻ تائين محدود رکي ٿو. شروع ۾، اُهي سوال آهن، جيڪي دنيا اسان کان روزمره پڇي ٿي- هاڻي، اُهي سوال آهن، جيڪي پادري ڪانئس پڇي ٿو. اهڙيءَ ريت مان پنهنجي ڪردار کي ناڪاري نموني واضح ڪريان ٿو.

بيشڪ انهيءَ سموري ڳالهہ جو فنڪارانہ وسيلن سان تعلق آهي، نہ ڪي نتيجن سان. هن ڪتاب جي معنيٰ بنهي ڀاڱن جي هڪجهڙائيءَ ۾ مختصر طور تي آيل آهي. نتيجو: سماج کي انهن ماڻهن جي ضرورت آهي، جيڪي پنهنجي ماءُ جي ڪفن دفن تي رُئن؛ يا، اوهان انهن ڏوهن لاءِ ڪڏهن بہ سزاوار نہ آهيو، جيڪي اوهان سوچيو ٿا. انهيءَ سان گڏ، ڏهہ ٻيا ممڪن نتيجا منهنجي ذهن ۾ آهن.

## ’ذاريو‘ تي تنقيدون

هوا اوچن اخلاقي اصولن ۾ سرسراهٽ ڪري رهي آهي. بيوقوف سوچين ٿا تہ انڪار معنيٰ هار مڃڻ. جڏهن تہ حقيقت ۾ اها هڪ چونڊ آهي. "The Plague" ناول ۾ ساڳيو ليکڪ انڪار جو سورهيائيءَ وارو پهلو ڏيکاري ٿو.) خدا کان وانجهيل ماڻهوءَ لاءِ بہ ڪا زندگي ممڪن ناهي- ۽ سمورا ماڻهو خدا کان وانجهيل آهن. جيڪي ماڻهو اهو تصور ڪن ٿا تہ مردانگي پيغمبرانہ هيٺ مٿي ٿيا ڏيڻ تي مشتمل آهي، اها عظمت روحاني محبت ۾ آهي! پر شاعريءَ ۾ اُن جي ابهام ذريعي اها جدوجهد، اها ذهن جي ظاهري بغاوت، بيحد سستي آهي. انهيءَ جو ڪو اثر ناهي ۽ اها ڳالهہ عوام آزاريندڙ ماڻهو چڱي ريت ڄاڻن ٿا.

*

## سياڻي نہ

’مان اُن تي چا ويچاريان، جيڪو مون کان اعليٰ آهي ۽ جنهن کي مان واضح ڪري سگهڻ کان سواءِ محسوس ڪريان ٿو؟ اها انڪار جي سنتپٽي ذاتهن هڪ قسم جي ڏکي ڊوڙ آهي- خدا کان سواءِ هڪ سورهيائي- حقيقت ۾ خالص ماڻهو. سمورا انساني گڻ، جنهن ۾ ايڪانت سان خدا جو احترام شامل آهي.

’اها ڪهڙي ڳالهہ آهي، جيڪا عيسائيت کي سندس برتري ” هڪ مثال جي طور“ (جيڪا وٽس رڳو هڪ آهي) ڏي ٿي؟ عيسيٰ ۽ سندس پوئلڳ سنت- ”زندگيءَ جي ڊنگ“ لاءِ ڪوچ. هِن ڪتاب ۾ ايترائي گهاڙيتا شامل آهن، جيترا پورٽتا جي راهہ ۾ مرحلا آهن، جيڪي ڪوبہ ثواب نٿا آڇين. ’ذاريو‘ قطعي طور بُڙيءَ جو انگ ڏيکاري ٿو. جيئن "The Myth" ۾ ڏيکاريل آهي."The Plague" ترقي ڏيکاري ٿو، بُڙيءَ کان بي حد تائين نہ، پر هڪ گهري مرڪبيت ذاتهن، جيڪا وصف جي اوسيئڙي ۾ آهي. آخري مرحلو سنت ٿيندو، پر ڪيس پنهنجو حسابي مُلهہ هوندو- ايئن ماڻ جوڳو، جيئن ماڻهو آهي.

## تنقيد بابت

ٽي ورهيہ ڪتاب لکڻ ۾ لڳا، پنج سِٽون متّس ٽنولي ڪرڻ تي- ۽ غلط حوالا ادبي نقاد، A.R ڏانهن خط (جيڪو موڪليو نہ ويو).

تنهنجي مضمون جو هڪ جملو خاص طور تي مون کي دل سان لڳو: ”مان ليکي ۾ نہ آئيندس...“ هڪ تجربيڪار نقاد، اهو ڄاڻيندي تہ ڪا فن جي ڪاوش ڪيئن سوچي ويچاري رِٿي وڃي ٿي، ڪردار کي چٽڻ ۾ اُن ”اڪيلي لمحي“ کي ليکڻ کان ڪيئن ٿو انڪاري سگهي، جڏهن اهو ڪردار پنهنجي باري ۾ ڳالهائي ٿو ۽ پنهنجي راز جو ڪجهہ حصو پڙهندڙ کي سونپي ٿو؟ ۽ تون اها ڳالهہ ڇو محسوس نہ ڪري سگهيو آهين تہ اها پُڄاڻي مختلف موضوعن سان گڏ هڪ نقش هئي، هڪ خصوصي حيثيت وارو هنڌ هئي، جنهن ۾ سَنڌ- سَنڌ ڏار ٿيل ڪردار آهي، جنهن کي مون آخرڪار ڪنهن يڪ وجودي شڪل ۾ آڻي بيان ڪيو آهي؟

... تون مون کي حقيقت پسندانہ لکڻ جي موهہ لاءِ جس ڏين ٿو. حقيقت پسندي هڪ کوکلو لفظ آهي. ("Madame Bovari" ۽ "The Possessed" حقيقت پسندانہ ناول آهن ۽ منجهن هڪ جهڙائي ناهي). انهيءَ سان منهنجو ڪو واسطو نہ آهي. جيڪڏهن مون کي پنهنجي موهہ کي بيان ڪرڻو هجي ها تہ ان جي ابتڙ ڪنهن اهڃاڻ جي باري ۾ ڳالهايان ها. ۽ تون اهو محسوس ڪرين ٿو. پر تو انهيءَ اهڃاڻ کي اهڙي معنيٰ ڏني، جيڪا اُن جي ناهي، ۽ تو، مختصر طور، هرويرو هڪ ڪلتهاب فلسفي سان مون کي ساراهيو آهي. حقيقت ۾، هن ڪتاب ۾ اهڙي ڪا ڳالهہ ناهي، جيڪا توکي اهو چوڻ جي موڪل ڏي تہ مان فطري انسان ۾ ويساهہ رکان ٿو، تہ مان انسان کي بناسپتي ساهواري جهڙو سمجهان ٿو، تہ انساني فطرت جو اخلاقيات سان ڪو واسطو نہ آهي، وغيره. منهنجي ڪتاب جو مرڪزي ڪردار ڪڏهن بہ اوائلي قدم نٿو کڻي. تو ڌيان ۾ ئي نہ آندو آهي تہ هو هميشہ پاڻ کي زندگيءَ جي باري ۾ يا ماڻهوءَ جي باري ۾ ”سوالن جا جواب“ ڏيڻ تائين محدود رکي ٿو. اهڙي طرح هو پڪ سان ڪجهہ بہ نٿو چوي. ۽ مون رڳو سندس جهلڪ جو ٿرت اُبتو عڪس ڏنو آهي. مختصر طور تي آخري باب کان سواءِ، سندس بيحد گهري

روئي سان ڪابہ ڳالهہ توکي بدگمان نہ ڪري سگهندي. پر تون "اها ليکي ۾ نہ آئيندين."

ٿوري ۾ ٿورو چوڻ' جي انهيءَ خواهش جا سبب گهڻو وقت وٺي ويندا. پر مان گهٽ ۾ گهٽ افسوس ڪري سگهان ٿو تہ منهنجي ڪتاب جي سطحي اپياس توکان ڪاروباري فلسفي واري شاباس مون کي ڏياري آهي، جيڪا مان قبولڻ لاءِ تيار ناهيان. تون شايد مون کي بهتر طور تي سمجهي سگهندين جيڪڏهن مان اهو چوان تہ تو پنهنجي مضمون ۾ جيڪو واحد حوالو ڏنو آهي، اهو غلط آهي (اهو حوالو ڏيءِ درست ڪر) ۽ جن نتيجن کي اهو جائز ٺهرائي ٿو، تنهنڪري اهي قبولڻ جوڳا ناهن. اهو شايد ٻيو ڪو فلسفو هو ۽ تو 'غير انساني' لفظ استعمال ڪري، اهو لاڳو ڪيو. پر اهو ثابت ڪرڻ مان ڇا حاصل؟

شايد تون اهو سوچين تہ هڪ گمنام ليکڪ جي ننڍڙي ڪتاب تي اهو اجايو ڳالهوڙو آهي. پر مان سمجهان ٿو تہ اهو معاملو منهنجي ذات کان اڳيرو نڪري ويو آهي. ڇاڪاڻ جو تو اخلاقي رويو اختيار ڪري ورتو آهي، جيڪو توکي ڇتي نظر ۽ ذهانت سان، جنهن جي توکي ميتا مليل آهي، پرکڻ کان روڪي ٿو. اها صورتحال بچاءَ جوڳي ناهي، جيڪا تون ڪنهن ٻئي کان بهتر سمجهين ٿو. تنهنجي تنقيدن ۽ اهڙن ۽ اهڙي ڪاوش جي اخلاقي ڪردار سان لاڳاپيل، حڪومت جي طابع ادب تحت جلدي جڙيل تنقيدن (جيڪي تمام آڳاٽو نہ جڙيون هيون) جون حدون تمام مبهم آهن. مان بلڪل ناراض نہ آهيان. جڏهن توکي اهو چوان ٿو تہ اها تمام ڏڪار جوڳي ڳالهہ آهي. تون يا ٻيو ڪوبہ اهو پرکڻ جي اهل ناهي تہ اهو ناول هينئر ڪڏهن بہ ڪا قوم جي خدمت ڪري سگهي ٿو يا نقصان رسائي سگهي ٿو. ڪنهن بہ صورت ۾، مان اهڙي اختيار اڳيان پيش پوڻ کان انڪار ڪريان ٿو ۽ اهوئي ڪارڻ آهي جو مان هيءَ خط توڏانهن لکي رهيو آهيان. مون کي تنهنجو ٿورائتو ٿيڻ گهرجي، جيڪڏهن تون سچ پچ ويساهہ ڪندين تہ مان گهٽ ناروا جذبي سان ڪيل سخت تنقيدون بيحد ماٺ ميٺ ۾ قبول ڪريان ها.

مان ڪنهن بہ صورت ۾ اهو نہ چاهيندس تہ هيءَ خط ڪا وڌيڪ غلط فهمي پيدا ڪري. اهي جملا ڪنهن ناراض ليکڪ طرفان ناهن ۽ مان

توڪي اهو چوندس تہ هن خط جو ڪوبہ حصو ڇپڻ لاءِ نہ ڏج. تو منهنجو نالو اچ ڪالهہ شايع ٿيندڙ تبصرن ۾ عام جام نہ ڏٺو هوندو، جن جو انهيءَ هوندي چڱو سولو دخل آهي. انهيءَ جو اهو سبب آهي تہ انهن ۾ ڪا ڳالهہ نہ چوڻ سان، مان مشهوريءَ لاءِ ڪا قرباني ڪرڻ نٿو چاهيان. مان هاڻي اُهي ڪتاب شايع ڪرايان ٿو، جن تي ڪئين ورهيہ لڳايا اٿم- تہ انهيءَ جو رڳو اهو سبب آهي تہ اهي مڪمل ٿيا آهن ۽ اهُي مُڪمل ڪري رهيو آهيان، جن ڪي ڪانئن پوءِ اچڻو آهي. مان انهن مان نہ دنياوي فائدي ۽ نہ وري شهرت جو آرزو مند آهيان. مان اها توقع ڪري رهيو هوس تہ اُهي مون کي ڏيان ڇڪائڻ ۽ صبر ڪرڻ ۾ سوپارو ڪندا، جيڪي عام طرح ڪنهن بہ خلوص ڀرئي جوکم کي عطا ڪيا ويندا آهن. هاڻي مون کي ويسام ڪرڻ گهرجي تہ اها خود هڪ وڏاءُ ڪيل گهُر هئي. انهيءَ هوندي، مان آهيان اوهان جو خلوص سان...

*

’ڏاريو‘ جي جوڙڻ ۾ ٽي ماڻهو داخل ٿيا: ہہ مرد (جن مان هڪ مان هوس) ۽ هڪ عورت.

*

’ڏاريو‘ ۽ اُن جا نقاد: اُهي چون ٿا ’دُک نہ سهڻ جي قوت‘. غلط. ’خيرانديشي‘ بهتر ٿيندو.

*

# ’ڏاريو‘ جي پهرئين انگريزي ايڊيشن جو تعارف

’ڏاريو‘ البيرڪاميو جو پهريون ڪتاب آهي. هو هينئر تيهن جي پيٽي ۾ آهي. هن فرينچ مزاحمتي تحريڪ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو، روزنامہ "Combat" ايڊٽ ڪيائين ۽ سندس نالو فرينچ ادب جي نئين فلسفيانہ ۽ حقيقت پسند اسڪول جي مهڙ ۾ جان پال سارتر سان گڏ ڪنيو ويندو آهي. البيرڪاميو 1942ع ۽ 1946ع جي وچ ۾ ٻہ ناٽڪ "Le Meletendu" "Caligula" ۽ هڪ مضمونن جو ڪتاب "Le Myth de Sisyphe" شايع ڪيا. پر سندس امتيازي خصوصيت، جيڪا سندس سيني لکتين کي رنگ بخشي ٿي، اها آهي سندس الجيريائي هئڻ.

الجيريائي هجڻ ڇا آهي؟ هو فرينچ بيٺڪي راڄ جو باشندو نہ، پر فرانس جو شهري اُتر آفريقا جو ڊوميسائيل رڪندڙ آهي. هو يونوچ سمنڊ جي علائقي جو رهاڪو، هڪ Homme du Midi برابر آهي، توڙي جو وئليري (Vale'ry) جي ابتڙ، جنهن جون پاڙون Se'te کان مونٽ پيليئر (Montpellier) جي رستي کان جينوئا (Genoa) تائين پکڙيون، پر روايتي يونوچ سمنڊ واري ڪلچر سان وابستہ ناهي. هن لاءِ نہ ارڙهين صدي آهي، نہ سترهين ۽ ارڙهين صدين جو يورپي عمارت سازيءَ جو شاندار فن ’بروق‘، نہ جاگرتا جو دؤر، نہ صليبي جنگيون يا بربري سامونڊي ڪناري (Barbary Coast) جا تيرهين ۽ چوڏهين صدين وارا پَٽ ۽ چارڻ- ڪجهہ بہ نہ آهي. پر وٽس رومي سلطنتون، تُرڪن ۽ حبشين جا زوال پذير خاندان، فرينچ فتح ۽ اسلامي کنڊهرن تي ٽين ريپبلڪ جا لاڳو ٿيل قانون ۽ تجارت آهن. ”پئگن “(Pagan) ۽ ويران فلسطيني ڪلچر جو گل، اهو ’ڏاريو‘ گرم ۽ گهميل آب و هوا ۽ لاطيني تهذيب جي افريقي کنڊ مان اُپري ٿو. انهيءَ سماجي ماحول سان هيمنگوي جي Key West (ويسٽ انڊيز جو هيٺاهين وارو ٻيٽ)، يا فاڪنر ۽ ڪالڊ ويل جي ڏور ڏکڻ جي انهن گرم امريڪي شهرن جو ڳانڍاپو آهي، جتي ’غريب ڪارن‘ سان گڏ ’غريب گورا‘ ڏکيا ڏينهن گهارين ٿا. حقيقت ۾ ”نيو-پئگنزم“(New-Paganism) ڪاميو

جي تڪڙي ۽ ڪجهہ قدر عام مروج ٻولي (Colloquial) جي اسٽائيل سان گڏ. ڪجهہ نقادن کي انهيءَ ڳالهہ تي غور ڪرايو آهي تہ 'ڌاريو' رڳو امريڪي 'ڏکئي مڙس' (Tough guy) ڍنگ جو هڪ فرينچ تجربو آهي. پر اُن ۾ پيش ڪيل ماحول سچ پچ ساڳيو نہ آهي. 'ڌاريو' بيمار ڪتاب بلڪل نہ آهي. اها صحت ۽ عقل جي هڪ جبري ميجتا آهي. منجهس ديوَ، زنا، بدڪاري، بي قاعدي سزائون ناهن. منجهس مجموعي طور هڪ خوشحال سماج جو اولڙو آهي. سارتر کان سندس هڪ دوست هڪ تازي انٽرويو ۾ ڪاميو جي 'وجوديت پسند' (Existentialist) هئڻ جو پڇيو تہ هن وراڻيو، "نہ، اها نهايت ئي غلط سوچ آهي. جيتوڻيڪ هو ڪجهہ قدر ڪيرڪگارڊ، جيسپرس ۽ هئڊيگر کان متاثر آهي، پر سندس حقيقي سونهان اٺويهين صديءَ جا فرينچ 'اخلاق پسند' (Moralists) آهن. هو ڪلاسيڪي يونوچي آهي. مان سندس نراجيت (Pessimisim) کي 'شمسي' چوندس، جو اوهان کي ياد هوندو تہ ناول ۾ سج ڪيڏو نہ تپيل آهي. ڪاميو جو فلسفو 'ائبسرڊ' "(Absurd) جو فلسفو آهي، ۽ سندس پٽاندر، اهو ائبسرڊ، انسان جي دنيا سان ناتي مان، انساني خواهشن جي هٺ ۽ بيسودگيءَ لاءِ سندس جائز آرزوئن مان اُپري ٿو. انهيءَ مان جيڪي نتيجا هو ڪڍي ٿو، اُهي ڪلاسيڪي نراجيت جا آهن."

اسان وٽ شاهديءَ لاءِ هڪ قيمتي حوالو آهي، جنهن مان اهو نظريو اُپري ٿو. 1936ع ۽ 1937ع ۾ ڪاميو ٻہ ٽي مضمون لکيا هئا، جيڪي "Les Noces" جي عنوان سان پيهر ڇپجي چڪا آهن. ڪوبہ ليکڪ پنهنجي شروعاتي مضمون ۾، انهن موضوعن جي ذڪر کي ٽاري نٿو سگهي، جيڪي سندس پوءِ جي لکڻين کي ڇِتو ڪن ٿا. انهن ورقن مان ٻہ آلاپ اُڀرن ٿا: هڪ الجيئر ۽ ڏکڻ فرانس جي ڳهري لهر لاءِ جوشيلي محبت، جيڪا نوجوان اُتي ماڻين ٿا، ۽ ٻيو غصو ۽ موت کان بي پرواهي، جنهن تي اسان جو اُتر وارو زور آهي. 'ڌاريو' کي سمجهڻ جون اهي ٻہ ڪنجيون آهن.

> Le bourreau e'trangla le Cardinal Carrafa avec un cordon de soie qui se rompit- il fallut y revenir deux fois. Le Cardinal regarda le bourreau sans daigner prononcer un mot.
>
> STENDHAL, La Duchesse de Palliano.

"Les Noces" جو شروع ۾ ڏنل اهو حوالو، ٿي سگهي ٿو تہ ناول جي مقصد طور بيهي.

ڪاميو پنهنجي مضمون "Summer in Algiers" ۾ اسان کي هڪ اهڙي قسم جي سماجي ماحول سان متعارف ڪرائي ٿو، جنهن کي اسان پوءِ جي ڪتاب ۾ ڏسنداسين.

"ماڻهو هتي پنهنجي سموري جواني دوران زندگيءَ گذارڻ جو هڪ اهڙو رستو ڏسن ٿا، جيڪو سندن خوبصورتيءَ سان برميچي ٿو. اُن کان پوءِ، زوال ۽ ويسارو آهي. انهن اهو سمورو بار جسم تي ڪنيو آهي ۽ ڪين خبر آهي تہ ڪين هار ڪاٽڻي آهي. الجيئر ۾، جيڪي جوان ۽ جيئرا آهن، انهن لاءِ هر ڪا شيءَ – ڪاڙي، سج، سمنڊ ۾ هيٺ لهي ويندڙ ٽيرسن جا ڳاڙها ۽ اڇا چيڪ بورڊ، گل ۽ اسٽيڊيم، تازا ناسي جسم – سندن اجهو ۽ بازي کٽڻ جو هڪ موقعو آهن... پر جن جي جواني گذري ويئي آهي، انهن لاءِ سندن اُداسي گهٽائڻ لاءِ ڪو عبادتگاهہ نہ ٿو هجي."

اڳتي هو انهن رانديگرن جي اخلاقيات جو مختصر احوال ڏي ٿو:

"مثال طور دوزخ جو خيال هتي هڪ بيوقوفاڻي لطيفي کان وڌيڪ ناهي. اهي تصوراتي ڳالهيون بيحد گُٺوانن لاءِ آهن. ۽ مان مطمئن آهيان تہ 'گُڻ' جو لفظ سموري الجيريا ۾ مڪمل طور تي بي معنيٰ آهي. انهيءَ جو اهو مطلب ناهي تہ هتان جا ماڻهو ڪي بي اصولا آهن. ڪين پنهنجو اخلاقياتي دستور العمل آهي. اسين پنهنجي مائرن کي 'تنگ' نٿا ڪريون، اسين گهٽين ۾ پنهنجي زال جو احترام ڪندا آهيون، اسين حاملائن جو خيال ڪندا آهيون، اسين دشمنيءَ ۾ ڪنهن تي بہ ڄڻا گڏجي حملو نہ ڪندا آهيون، جو اها ڪريل حرڪت آهي. جيڪو بہ انهن بنيادي احڪامن جي پوئيواري نٿو ڪري، 'اهو ماڻهو ناهي' ۽ اها ڳالهہ طئہ آهي.

"اهڙا لفظ بہ آهن جن جي معنيٰ مون واضح طور نہ سمجهي آهي (هو جاري رکندي چوي ٿو)، مثال طور لفظ 'گناهہ' آهي. پر اهو ڏسي مون کي ڪافي خبر آهي تہ انهن ماڻهن زندگيءَ جي خلاف ڪڏهن بہ گناهہ نہ ڪيو آهي، جو جيڪڏهن زندگيءَ جي خلاف ڪو گناهہ آهي، تہ اهو شايد زندگيءَ جي مايوسين لاءِ ايترو گهٽو ناهي، جيترو بي زندگيءَ جي اميد رکڻ ۾، هن زندگيءَ جي بي رحم شان جي جهلڪ وڃائڻ لاءِ آهي. انهن ماڻهن سان دوکو نہ ڪيو آهي. ويهين ورهين جي ڄمار دوران پنهنجي زندگي خوشين سان گهاريندڙ اهي اونهاري جا شهزادا، جيتوڻيڪ سيني اُميدن کان وانجهيل آهن، اڃا تائين فرشتن وانگر آهن. مون اهڙن بن ڄڻن کي دهشت وچان پر خاموشيءَ سان مرندي ڏٺو. اهو ائين بهتر آهي. اهو الجيريائي ڪتن جي دور جو سخت سبق هو."

'ڏاريو' لاءِ ايترو مواد ڪافي آهي. جڏهن اسين انهيءَ جي فلسفي جو

اپياس ڪريون ٿا تہ انهيءَ جو اُجلو اسلوب ڪنهن مونجهاري کي لڪائي ٿو. هڪ نقاد پٽاندر، جيڪو 'ڌاريو' خود حس جي سيني بورجوا وسيلن جي سُڪي وڃڻ، ۽ انساني جاڳرتا جي مڪمل زوال جي نمائندگي ڪري ٿو، اُهو 'غريب گورو' آهي. هڪ ٻئي نقاد مؤرائيس بلانڪو (Maurice Blanchot) پٽاندر، آخري صفحن ۾ جڏهن هو پنهنجي ڪردار کان ٻاهر نڪري ٿو تہ هو بيحد چٽو ٿي پوي ٿو ۽ اهڙي طرح ڪتاب جي وحدت کي وڃائي ٿو ڇڏي. مان پنهي سان سهمت ناهيان. ميرسو 'نيوپئگن' جي نمائندگي ڪري ٿو، جيڪو يُونوچي ماٿهوءَ جو وارث آهي، جيئن هو ڪنهن زماني ۾ 'ڪورنٿ' يا 'ڪارٿيج' يا 'اسڪندريہ' يا 'تارشيش' ۾ هوءَ جيئن اڄ ڪلهہ 'ڪيسابلانڪا' يا 'ڏکڻ ڪيليفورنيا' ۾ آهي. هو زندگيءَ سان گهري محبت ۾ مبتلا. نفساني ۽ نيڪ نيت آهي، جنهن جون وهنجڻ کان وٺي اوباسي ڏيڻ جون ننڍيون عياشيون ڪيس مڪمل ۽ خاموش خوشيون مهيا ڪن ٿيون. هو زمان حال استمراريءَ ۾ ٻيڄڻيءَ کان سواءِ زندگي گذاري ٿو ۽ ڪيس سوچڻ يا پنهنجي اظهار جي ضرورت ناهي، جو فطرت سان سندس ناٽم ۾ اُتر يورپ (Nordic) جي سوالي شق ناهي. پنهنجي خوشي خاطر سست خواهش جي ڪري، هو جن مصيبتن ۾ ڦاسي ٿو ۽ پنهنجي سرڪش سچاين جي ڪري هوريان هوريان محسوس ٿيل پر سندس وجود جي اڻ چيل فلسفي کي ڪُلئي عام اُپرڻ لاءِ، ۽ آخرڪار پنهنجو پاڻ کي لفظن جي اظهار لاءِ زور ڀري ٿو. اهو آخري ڦاٽ سمجهڻ لاءِ، اسان کي ڪاميو جي موت ڏانهن رويئي جو اپياس ڪرڻ گهرجي. جيميلا (Djemila) جي رومي کنڊرن تي لکيل پنهنجي مضمون ۾ هوُ اهو چٽو ڪري ٿو تہ هو 'پئگن' پڄاڻيءَ جي همت کي ڪيترو ساراهي ٿو، جيئن هو 'پئگن' جي زندگيءَ لاءِ خواهش ۾ حصو وٺي ٿو. "منهنجي لاءِ دائميت ڪهڙي معنيٰ رکي ٿي؟ ڳلن ۽ عورت جي هٿن جي ڇهاءُ کي وڃائڻ هڪ سڀ کان وڏي جدائي آهي." آتر هتيا تي لکيل پنهنجي ڊگهي مضمون "The Myth of Sisyphus" ۾، هو پنهنجي ائبسرڊ جي تصور کي متعارف ڪري ٿو. "هر ڳالهہ جيڪا زندگيءَ کي اوج تي رسائي ٿي، اُها اُن جي ائبسرڊتي ۾ واڌارو ڪري ٿي." هو اهو "Summer in Algiers" ۾ چوي

تو ۽ "Myth" ۾ انهيءَ نتيجي تي پهچي ٿو تہ ”موت جي سزا هيٺ ماڻهو آتم هتيا کان وڌيڪ آزاد آهي- اُن ماڻهوءَ کان جيڪو پنهنجي زندگي پاڻ وٺي ٿو.“ ’آتم هتيا ڪندڙ ڪائر آهي. هو اهو ماڻهو آهي، جيڪو قسمت سان ويڙهاند ڪرڻ ڇڏي ڏي ٿو؛ پر ’سزاوار شخص‘ کي سماج کان مٿي اُڀرڻ جو موقعو مليل آهي، جنهن کيس سزا ڏني آهي ۽ پنهنجي همٿ ۽ دانشورانہ آزاديءَ سان ان کي رد ڪرڻ جو موقعو حاصل آهي. پنهنجي الوداعن ۽ مزاحمتن سان، آتم هتيائن جي اناپرستي بعض ڪِل جهڙي هوندي آهي، ڦاهيءَ جي تختي تي بهادر شخص جو شان ڪڏهن نٿو رهي. سندس لفظن ۾ ”آتم هتيا جو پورو پورو مخالف اهو ماڻهو آهي، جيڪو موت جو سزاوار آهي... سزاوار ماڻهوءَ جي خدا جهڙي Disponibility، جنهن جي اڳيان هڪ ڏينهن صبوح ٿيڻ کان اڳ جيل جا دروازا کلي پون ٿا، سندس اندر ۾ زندگيءَ جي نج شعلي کان سواءِ، سيني سان لاڳو ٿيندڙ نہ وسهڻ جوڳي عدم دلچسپي، هتي مون کي پڪ آهي تہ ’موت‘ ۽ ’ائبسرڊٽي‘ اهي اصول آهن، جيڪي رڳو عاقلاڻي نجات کي پيدا ڪن ٿا- اُها جيڪا هڪ انسان جسم ۽ روح سان انوڀو ڪري سگهي ٿو.“

اهو سڀ چئي، مان پڙهندڙ تي ڇڏيندس تہ هو پنهنجو فيصلو پاڻ ڪري. ’بورجوا مشينري پنهنجي زوال پذير عيسائي اخلاقيات سميت ۽ ڪامورا شاهي واري پاڻ کي سچو سمجهڻ واري سوچ، جيڪا ’ڏارئي‘ کي رڳو انهيءَ ڪري سزاوار ٺهرائي ٿي جو هو غير آهي، انصاف جي يورپي قانون بنديءَ جي اهڙي حرڪت آهي جيڪا غير يوربي ماڻهن سان لاڳو ڪئي ويئي آهي. بيشڪ مقامي ماڻهوءَ جي قاتل گوري جوابدار جو مقدمي مان ڇُٽي وڃڻ جو ڪارڻ ڏکڻ ۾ ڪي سؤ ميل اڳتي جو رهاڪو هجڻ ۽ ’سج جو ڇهاءُ‘ ڏنو ويو آهي، پر مرٽينگ فرينچ ڪورٽ جي سختيءَ جو ڪردار ڪوڙو ڏيکاءُ دار پيڪو آهي تہ الجيئر فرانس آهي. ٻئي طرف ڪاميو جي نازڪ دليءَ جي اها ناڪامي آهي تہ ڪهاڻيءَ جي ٻئي پيڙا ڀوڳيندڙ ڪردار، هڪ شيدياڻي ڇوڪريءَ کي وساريو ويو آهي، جنهن کي سندس عاشق ماري ٿو ۽ سندس ڀاءُ، پنهنجي ڀيڻ کي بچائيندي مارجي وڃي ٿو. هوءَ پڻ اوتروئي زندگيءَ سان

محبت ڪندڙ ”خصوصي“ هجي ها. جيترو سندس مقتول ياءُ، پر اُهي بينڪي نظام لاءِ ڏاريا هئا. مان سمجهان ٿو ته پراڻي جي پيٽ ۾ ”نئون پڻگن- ازم“، عورتن تي مهربان ناهي.

انهيءَ جي باوجود ڪجهه ٿيڻو ضرور آهي ۽ ماڻهن لاءِ خوشي، خيرات ۽ انصاف جو نئون متو آڻڻو پوندو. ’ڏاريو‘ رڳو هڪ مرحلو آهي. هو ناڪاري تباهه ڪن قوت آهي، جيڪو بورجوا اخلاقيات جي ڪوڙ کي پڌرو ڪري ٿو. زندگيءَ سان محبت ڪرڻ ڪافي ناهي، اسان کي گهرجي ته هر ڪنهن کي ساڻس پيار ڪرڻ سيکاريون. اسان قدر ڪريون ته خوشي سَچيتائي آهي ۽ سچيتائي هڪ آهي- سندس سمورا مظهر مقدس آهن ۽ سيني ملڪن جي ناول نگارن ۽ شاعرن جي انهن نوَن اسڪولن کان اسان هڪ ڏينهن اهو سکي وٺنداسين.

سرل ڪونولي
(Cyril Connolly)

# 'ڏاريو' جي امريڪن يونيورسٽي ايڊيشن جو مهاڳ

[البيرڪاميو پنهنجي ناول L'Entranger (1955) جو مهاڳ Avant Propos جي عنوان سان لکيو هو، جيڪو هن Bre'e and Carlos Lynes, Jr جي ايڊٽ ڪيل ۽ Appleton- Century- Crofts, Division of Meredith Publishing Company جي پبلش ڪيل ايڊيشن لاءِ خاص طور تي لکيو هو.]

گهڻو وقت اڳ ۾ مون 'ڏاريو' جي پڇاڙي هن جملي سان پوري ڪئي هئي، جيڪا مان مڃان ٿو تہ تڪراري هئي: "اسان جي سماج ۾ ڪوبہ ماڻهو جيڪو پنهنجي ماءُ جي ڪفن دفن مهل نٿو روئي، هو موت جي سزا جي فيصلي جو جوکم کڻي ٿو." منهنجي مراد اها هئي تہ ناول جو هيرو سزاوار ٺئي ٿو، ڇو جو هو قانون جي پيچڪڙي ڪري ٿو. انهيءَ لحاظ کان هو انهيءَ سماج ۾ ڌاريو آهي، جنهن ۾ هو رهي ٿو. هو سمنڊ ڪناري، خانگي طور، اڪيلي نفساني زندگيءَ جي پسگردائيءَ ۾ آوارگردي ڪري ٿو ۽ اهوئي ڪارڻ آهي جو پڙهندڙ ڪيس سماجي پيچ ڏاهہ جي هڪ حصي طور ڏسڻ لاءِ هرڪيا آهن. انهيءَ ڪردار جو وڌيڪ ٺڙ خيال، يا گهٽ ۾ گهٽ ناول نگار جي خيال جي گهڻو ويجهو تڏهن اُپرندو، جيڪڏهن اهو پڇبو تہ ميرسو عقيدي کان ڪيئن انڪاري آهي. جواب سولو آهي: هو ڪوڙ ڳالهائڻ کان انڪار ڪري ٿو. ڪوڙ ڳالهائڻ معنيٰ اها ڳالهہ چوڻ جنهن جو وجود نہ هجي. سيني کان مٿي، انهيءَ جي اها پڻ معنيٰ آهي تہ حقيقي ڳالهہ کي وڌائي چئجي، ۽ جيتري قدر انساني دل جو تعلق آهي، اها اسان جي محسوس ڪرڻ کان مٿي هجي. زندگيءَ کي سولو ڪرڻ لاءِ، اسان روزمرهہ ائين ڪندا آهيون. ميرسو، ظاهري ڳالهہ جي ابتڙ، زندگيءَ کي سولو ڪرڻ نٿو چاهي. هو اهوئي چوي ٿو، جيڪي هو آهي. هو پنهنجي احساسن ۾ وڌاءُ نٿو ڪري، ۽ تنهنڪري سماج هڪدم پنهنجو پاڻ کي دٻاءُ هيٺ محسوس ڪري ٿو. مثال طور کيس چيو ويچي ٿو تہ هو پنهنجي ڏوهہ تي ميڇيل ڍنگ سان، پڇتاءُ ظاهر ڪري. تنهن تي هو وراڻي ٿو تہ ڪنهن مجبوريءَ جي صورت ۾، هو جيڪي محسوس ڪري ٿو، اهو سچو

پڇو پڇتاءُ ناهي. ۽ اهوئي معنيٰ جو باريڪ فرق، ڪيس سزاوار پڌرو ڪري ٿو.

منهنجي سوچ پٽاندر، ميرسو انهيءَ ڪري سماجي پيچ ڏاهه جو حصو نہ آهي، پر هو هڪ اهڙو شخص آهي، جيڪو 'سچ' جي محبت ۾ اگهاڙو ۽ ڪنگال آهي ۽ سچ مٿانئس ڪابہ ڇانءُ نٿو ڇڏي. سڀني احساسن کان خالي هجڻ کان گهڻو اڳتي، ڪيس هڪ خواهش مان اُتساهہ ملي ٿو، جيڪا گهري آهي- ڇاڪاڻ تہ اها مڃڏ آهي، ۽ اها خواهش آهي: ڪامل لاءِ ۽ سچ لاءِ اهو سچ تہ اسين ڇا آهيون، ۽ اسين ڇا محسوس ڪريون ٿا- اهو سچ اڃا ناڪاري آهي. پر انهيءَ کان سواءِ اسان جي يا دنيا جي سوڀ ڪڏهن بہ ممڪن نہ ٿيندي.

تنهنڪري، 'ڌاريو' کي هڪ اهڙي ماڻهوءَ جي ڪهاڻي طور پڙهڻ ۾ گهڻي غلطي نہ ٿيندي، جيڪو ڪنهن سورهيائيءَ کان سواءِ، سچ لاءِ مرڻ قبولي ٿو. مان اڃا بہ تڪراري طرح سان چوندو آهيان تہ مون پنهنجي هن ڪردار ۾ رڳو يسوع کي پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جنهن جا اسان حقدار آهيون. منهنجي انهيءَ وضاحت کان پوءِ، مون کي اميد آهي تہ اهو ڄاتو ويندو تہ مون اهو ڪفر بڪڻ جي نيت سان نہ چيو آهي. مون اهو رڳو ڪي قدر مضبوط محبت جي جذبي سان چيو آهي، جيڪو هڪ فنڪار کي سندس تخليق ڪيل ڪردارن لاءِ محسوس ڪرڻ جو حق آهي.

# ذاريو

پاڳو پهريون

# پاڳو پھريون

## 1

● اڄ امان مري ويئي. ٿي سگھي ٿو ڪالھ مري ويئي ھجي. مون کي پڪ ناھي. جيڪا تار مليِ اٿم، انھيءَ ۾ بہ چٽي طرح لکيل ڪونھي. بس ايترو لکيل آھي: ”*تنھنجي ماءُ مري ويئي آھي. سڀاڻي ڪفن دفن ٿيندو. انھيءَ ڏک ۾ توسان ھمدردي اٿم.*“ اھو واقعو ڪالھ جو بہ ٿي سگھي ٿو.

ٻُڍن جو گھر مارنگو ۾ آھي، جيڪو آلجيئر کان پنجاھہ ميل کن پري ٿيندو، جتي ٻيءَ وڳي واري بس ۾ رات پوڻ کان اڳ پھچي ويندس، تڏھن تہ اُتي امان جي جنازي ۾ شامل ٿي سگھندس ۽ سڀاڻي شام تائين واپس موٽي سگھندس. صاحب کان ٻن ڏينھن جي موڪل ورتي اٿم. جيڪا ھو ظاھري حالتن جي مدِنظر ڏيڻ کان انڪار بہ نہ ٿي ڪري سگھيو. اوڏيءَ مھل ڏنو ھئم تہ ڪيس اھا ڳالھہ اڻ وڻندڙ لڳي ھئي ۽ مون بہ بنان سوچڻ جي چئي ڏنو ھو: ”افسوس اٿم سائين. توھان کي تہ خبر آھي، ڀلا انھيءَ ۾ منھنجو ڪھڙو قصور آھي؟“

پوءِ مون محسوس ڪيو تہ مون کي ائين نہ چوڻ گھرجي ھا. مون کي پاڻيھي چوڻ جي ڪھڙي ضرورت ھئي؟ اھو تہ مٿس ڇڏيل ھو تہ ھمدرديءَ جو اظھار ڪري. ھو جڏھن پرھينءَ مون کي ڪاري ماتمي ويس ۾ ڏسندو تڏھن شايد ھمدرديءَ جو اظھار ڪري. ھينئر چڻ تہ امان سچ پچ مري ڪانہ ويئي ھئي. چئبو تہ ڪفن دفن جي رسمن کان پوءِ ئي سندس موت جي پڪ ٿيندي ۽ سرڪاري تصديق پڻ.

مان ٻيءَ وڳي واري بس تي وڃي پھتس. انھيءَ ڏينھن شام جو ڏاڍي گرمي ھئي. ھميشہ وانگر سيليت جي ريسٽارنٽ ۾ ماني ڪاڌم. مون تي ھرڪو مھربان ٿي ڏٺو. سيليت ھمدرديءَ وچان مون کي چيو ھو: ”حقيقت ۾، دنيا ۾ ماءُ جھڙي ٻي ڪا شيءِ ئي ڪانھي.“ منھنجي رواني ٿيڻ وقت، سڀيئي مون کي در تائين اماڻڻ آيا ھئا. سڀيئي منھنجي چوڌاري مڙيو بيٺا ھئا ۽ مون کي دير پئي ٿي جو اڄا مون کي ايمانيئيل کي گھران سڏي ڪانئس

سندس ڪاري تاءِ ٻانهن تي ٻڌڻ جي ڪاري پٽي ونڌي هئي جو سندس چاچو به تازو ڪجهه مهينا اڳ مري ويو هو.

مون کي ٻوڙي وجي بس جهلڻي پيئي. مان سمجهان ٿو ته منهنجي هن طرح ٻيچ ڏک، پڪي سڙڪ جي گرم ٻاڦ ۽ مٿان آسمان مان گرميءَ جا الا، پيٽرول سڙڻ جي دونهاتيل بوءِ ۽ بس جي لوڏن لمن مون کي سُست ڪري ٿڪائي ڇڏيو هو، جنهن ڪري ساري واٽ جهوٽا کائيندو آيس. جڏهن جاڳيس ته ڏٺم ته هڪ سپاهي تي آهليو پيو هوس. هُن ڏند ڪڍي پڇيو: ”پري کان پيو اچين ڇا؟“ مون کي ڳالهائڻ اصل وڻيو نه پئي، تنهنڪري ڪنڌ لوڏي ماٺ رهيس.

ٻُڍن جو گهر ڳوٺ کان مشڪل سان ميل کن جي مفاصلي تي ٿيندو. مان پنڌ وجي اُتي پهتس. مون امان جو منهن ڏسڻ لاءِ جلد اجازت ٿي چاهي پر چوڪيدار مون کي اول وارڊن سان ملڻ لاءِ چيو. وارڊن انهيءَ وقت واندو ڪونه هو، تنهنڪري ٻاهر ٿورو انتظار ڪرڻو پيم. انهيءَ وچ ۾ چوڪيدار سان گشاپتا به هنيم. ٿوري وقت کان پوءِ هو مون کي آفيس ڏانهن وٺي هليو. وارڊن قد جو ننڍو ۽ وار ڪارا هئس. سندس ٻٽڻ جي سوراخ ۾ فرانس جي ’ليجين‘ جي اعزازي ٻلي جي گلابي رِبن اٽڪيل هئي. هو اول ته پنهنجي نيرين اکين سان مون ڏانهن ڏسندو رهيو ۽ پوءِ اسان هٿ ملايو. هُن منهنجو هٿ پنهنجي هٿ ۾ ايترو وقت ته جهلي رکيو جو نيٺ مون پريشان ٿي ڇڏائي ورتو. انهيءَ کان پوءِ هو پنهنجي ميز تي وجي رجسٽر کولي ڏسڻ لڳو ۽ چيائين: ”مادام ميرسو ٽي سال اڳ ٻُڍن جي گهر ۾ داخل ٿي هئي. سندس ٻيو ڪوبه اوهي واهي ڪونه هو. رڳو تون ئي سندس سارسنڀال لهندو هئين.“

مون محسوس ڪيو ته هُو مون تي ڪنهن ڳالهه جو الزام هڻي رهيو هو. مان وضاحت ڪرڻ لڳس پر هُن وچ ۾ ئي منهنجي ڳالهه ڪاٽي چيو: ”ڪنهن به وضاحت جي ضرورت ناهي بابا. مون رڪارڊ ڏٺو آهي. تون ظاهري طرح پنهنجي ماءُ جي سارسنڀال لهڻ کان مجبور هئين. مرهيات کي ٿهل ٽڪور لاءِ هر وقت ماڻهوءَ جي ضرورت هئي، پر تو جهڙا نوجوان نوڪريءَ مان ايترو ڪٿي ٿا ڪمائين. بهرحال مرهيات هتي ٻُڍن جي گهر ۾ ڏاڍو خوش هئي.“

”برابر، انهي جي مون کي به پڪ آهي.“ مون چيو.

هو وري چوڻ لڳو: ”خبر اٿيئي، هتي سندس ڏاڏا سنا ساٿي هئا- پراڻا، ٻاڻ جهڙا. ماڻهو هميشه پنهنجي همر- عُمر وارن سان وڏيڪ وندريل رهندو آهي. تون ڇمار ۾ ڪانئس ننڍو هئين، تنهن ڪري سندس ساٿي بنجي نـ سگهين ها.“

اها حقيقت آهي تـ جڏهن مان ۽ امان، ٻئي ڄڻا گڏ رهندا هئاسين، تڏهن امان منهنجي اوسيئڙي ۾ ويٺي هوندي هئي، پر منهنجي اچڻ تي اسان ٻاڻ ۾ ورلي ڳالهايو هوندو. شروعات ۾ ڪجهہ هفتا ٻڍن جي گهر ۾ ڏاڍو روئيندي رهندي هئي، پر اهو رڳو ٽيستائين، جيستائين هوءَ اتي هِري مِري نـ ويئي هئي. مهيني ٻن کان پوءِ، امان کي ٻُڍن جو گهر ڇڏي ٻئي ڪنهن هنڌ هلڻ لاءِ ڪٿي چئبو هو تـ روئڻ لڳندي هئي، ڇاڪاڻ تـ اهو بـ هڪ جبر وارو عمل هو ۽ اهوئي سبب هو جو مان گذريل سال ڪيس ملڻ بـ نـ ويو هوس. انهيءَ جو اهو بـ مطلب هو تـ ٻڍن جي گهر وڃي مان آچر جو ڏينهن اجايو وڃايان ۽ بس جي مسافريءَ جي مصيبت، ٽڪيٽ جو خرچ، سفر جا ٻـ ٻـ ڪلاڪ اوٽ موٽ ۽ مٿان بس ۾ ويهڻ جي تڪليف جا جدا. خير انهيءَ مصيبت جي تـ ڳالهہ ئي نـ پڇو.

واربن ڳالهائيندو رهيو پر مون ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو. نيٺ چيائين: ”هاڻي سمجهان ٿو تـ تون پنهنجي ماءُ جو منهن ڏسڻ چاهيندو هوندين.“

مان جواب ڏيڻ کان سواءِ اٿي بيٺس ۽ واربن جي پويان در ڏانهن وڌيس. ڏاڪڻ تان لهڻ مهل چيائين: ”مون لاش مڙدا خاني ڏانهن اماڻي ڇڏيو هو تـ جيئن ٻين پوڙهن تي اثر نـ ٿئي. هتي تـ هر وقت ڪونـ ڪو مرندو ئي رهندو آهي. بـ ٽي ڏينهن، اهي ٻيا اعصابي ڪيفيت هيٺ خراب حالت ۾ هوندا آهن، جنهن ڪري اسان جي عملي لاءِ ڪم وڌي ويندا آهن ۽ پريشاني ٿيندي آهي.“

ايوان ۾ ڪافي ٻيا ننڍيون ٽوليون ناهي، ٻاڻ ۾ ٽِٽ شٽ هئي رهيا هئا. اسان جڏهن اُتان لنگهياسون تـ سڀيئي ماٺ ٿي ويا ۽ اسان جي گذري وڃڻ کان پوءِ وري پنهنجي ڳالهين ۾ لڳي ويا. سندس آواز پڃري ۾ بند جابلو طوطن جي آوازن جهڙو محسوس ٿي ٿيو، فرق رڳو ايترو هو جو طوطن جو آواز صفا سنهڙو ٿيندو آهي. آخر واربن هڪ ننڍي ۽ هيٺاهين جاءِ جي لنگهہ ٻاهران بيهي رهيو.

”مسٽر ميرسو، توکي پهچائي ڇڏيو اٿم. جيڪڏهن منهنجي ضرورت پوئي تہ مون سان آفيس ۾ ملي سگهين ٿو. ڪفن دفن جي رسم سڀاڻي صبوح جو ٿيندي، تنهن ڪري تون پنهنجي ماءُ جي جنازي جي تابوت پرسان رات جاڳي سگهين ٿو، جنهن جو تون بيشڪ خواهشمند هوندين. هڪ ٻي ڳالهہ مان توکي ٻڌائڻ ٿو چاهيان تہ مون کي تنهنجي ماءُ جي ساٿين مان خبر ملي آهي تہ مرحيات جي خواهش هئي تہ کيس مذهبي رسمن پٽاندر دفنايو وڃي. مون انهيءَ جو بہ بندوبست ڪري ڇڏيو آهي.“

مون سندس مهرباني مڃي. جيتري قدر مون کي سڌ آهي تہ امان جيتوڻيڪ ظاهري طرح ناستڪ نہ هئي تہ بہ ڪڏهن مذهب کي اهميت نہ ڏني هئائين.

مان مڙداخاني ۾ گهڙيس. ڪمرو اندران روشن هو. ڀتيون صاف سٿريون هيون، جن کي اڇي چُن جي پوچي ڪيل هئي. ڇت ۾ مٿان هڪ وڏو روشندان هو. ڪجهہ فرنيچر، ڪرسيون ۽ ميزون بہ پيل هيون. ڪمري جي وچ ۾ ٻن ميزن مٿان امان جي لاش وارو تابوت رکيل هو، جنهن جو ڍڪ بند هو، پر پيچ ٿورا اٽڪيل، پر قابو ڪيل ڪين هئا، ۽ نڪل جي پالش ڪيل پيچن جا فقط مٿيان حصا اکروٽي ڪاٺ جي تختي مان ٻاهر نڪتل هئا.

هڪ عرب عورت، جيڪا پانيان ٿو تہ نرس هئي، جنازي پرسان ويٺي هئي. کيس نيري رنگ جو چولو پاتل هو ۽ تکي رنگ جو رومال وارن مٿان ٻڌل هوس. سُتتي چوڪيدار منهنجي پويان ڊوڙندو آيو. هو سهڪي رهيو هو. چوڻ لڳو: ”اسان تابوت جو ڍڪ اڻين ٺي ڏيئي ڇڏيو هو، پر مون کي چيل آهي تہ جڏهن بہ توهان اچو تڏهن کولي ڏيان تہ جيئن توهان پنهنجي مرحيات ماءُ جو ديدار ڪري سگهو.“

هُو جيئن ئي تابوت ڏانهن وڌيو، تيئن مون کيس منع ڪئي مانس ۽ چيم: ”تڪليف نہ وٺ.“

”هان! انهي ۾ ڇا آهي؟“ هُن عجب وچان پڇيو، ”اوهين نہ ٿا چاهيو تہ مان ....؟“

”نہ نہ، اها ڳالهہ ناهي.“ مون وراڻيو.

هن پيچڪس پنهنجي کيسي ۾ واپس رکي ڇڏيو ۽ قائل اکين سان

مون ڏانهن نهارڻ لڳو. محسوس ڪيم ته مون کي انڪار ڪرڻ نه گهربو هو. اهو سوچي مان پريشان ٿي ويس. هو ڪجهه دير مون ڏانهن نهاريندو رهيو ۽ پوءِ پڇيائين: ”چو ڀلا؟“ سندس لهجي ۾ شڪايت نه هئي، هُن رڳو ڄاڻڻ چاهيو ٿي.

”سچ پچ مان ڪجهه چئي نه سگهندس.“ مون ورائيو.

هُن پنهنجي اڇين مُڇن کي وٽڻ شروع ڪيو ۽ مون ڏانهن نهارڻ کان سواءِ آهستي چيائين: ”هاڻي سمجهيم.“

هو ڏسڻ ۾ شڪل جو ناهوڪو هو- نيريون اکيون ۽ ڳاڙها ڀريل ڳل. هُن هڪ ڪرسي سيري تابوت جي پرسان منهنجي لاءِ آڻي رکي ۽ پاڻ وچي پويان ويٺو. اوڏيءَ مهل نرس آئي در ڏانهن وڌي. جيئن ئي هوءَ چوڪيدار پرسان لنگهي ته چوڪيدار مون کي ٻڌايو: ”ويچاريءَ کي ڦرڙي ٿي پيئي اٿس.“

مون ڏانهس چتائي نهاريو ته ڏٺم ته سندس مٿي تي چوڏاري اکين کان هيٺ ۽ نڪ مٿان پٽي ٻڌل هئي. سندس چهرو ته ڏسڻ ۾ ئي نٿي آيو، سواءِ پٽيءَ جي اڇاڻ جي. سندس وڃڻ کان پوءِ، چوڪيدار به اٿيو ۽ موڪلائڻ لڳو: ”هاڻي توهان ويهو، مان هلان ٿو.“

مون کي خبر ناهي ته مون ڪيس ڪو اشارو ڏنو هو، پر هو ٻاهر وڃڻ بدران منهنجي ڪرسيءَ جي پويان بيهي رهيو. مان سندس موجودگيءَ ۾ بيچئن ٿي رهيو هوس. سج اولهه ڏانهن وڌندو ٿي ويو ۽ ڪمري ۾ وٽندڙ ۽ هلڪي اُس ڦهلجندي ٿي ويئي. روشندان ۾ پوئرا آڏري رهيا هئا. منهنجي اکين ۾ ننڊ پرجي ويئي هئي ۽ اکيون پاڻمرادو بند پئي ٿيون. مون پويان مُڙي نهارڻ کان سواءِ، چوڪيدار کان سندس ٻڍن جي گهر ۾ رهڻ جي عرصي بابت پڇيو. ”پنج سال.“ هُن ايترو ته جلدي جواب ڏنو، ڄڻ هو انهيءَ سوال لاءِ ترسيل هو. بس پوءِ ته هو اچي ڳالهين ۾ چٽڪيو. جيڪڏهن ڪيس ڪو ڏهه سال اڳ اهو ٻڌائي ها، ته هو مارنگو جي ٻڍن جي گهر ۾ چوڪيدار ٿي ڏينهن پورا ڪندو، ته جيڪر هو ڪڏهن به اعتبار نه ڪري ها. هُن ٻڌايو ته پيرس مان نڪرڻ مهل سندس عمر چوهٽ ورهيه هئي. جڏهن هن اهو ٻڌايو تڏهن مان بنان سوچڻ جي پڇي وينس: ”اوهه، تڏهن تون هِتان جو رهاڪو ناهين؟“

انهيءَ کان پوءِ، مون کي ياد آيو تہ واردن سان ملاڻ کان اڳ، چوڪيدار مون کي امان جي باري ۾ ڪجهہ ٻڌايو هو. هُن وڌيڪ ٻڌايو: ”لاش لاءِ ضروري آهي تہ جلدي دفن ڪجي ڇاڪاڻ تہ انهيءَ علائقي ۾ ڏاڍي گرمي ٿئي ٿي، خاص ڪري ميدانن جي هيٺاهين ۾. پيرس ۾ تہ اُتان جا رهاڪو لاش کي ٽي ڏينهن يا ڪڏهن ڪڏهن تہ چار چار ڏينهن بہ رکي ڇڏيندا آهن.“ بعد ۾ هن ٻڌايو تہ هن پنهنجي زندگيءَجو بهترين حصو پيرس ۾ گذاريو هو، جنهن کي هو اجا تائين وساري نہ سگهيو هو. وري چوڻ لڳو: ”هِتي ڳالهيون ۽ واقعا اڄ وانگر تکو تکو گذريو وڃن. ڪنهن ماڻهو جي مري وڃڻ کي محسوس ڪرڻ لاءِ هِتي ڪنهن کي وقت آهي؟ ڪو ماڻهو مئو ناهي، ڪيس ڪفن دفن جي رسمن جي ادائيگي لاءِ قبر ۾ نيڻ لاءِ ڪوٺائي بہ ٿي ويندي.“

”اهو ڪافي آهي.“ سندس زال اندر گهڙنديئي وچ ۾ ڇئي ڏنو، ”توکي اهي سڀ ڳالهيون هن ويچاري نوجوان سان نہ ڪرڻ کپنديون هيون.“ پوڙهو لڄي ٿيو ۽ افسوس ظاهر ڪيائين. مون کيس ٻڌايو: ”اهو سڀڪجهہ صحيح آهي. حقيقت ۾ مون کي اهي سڀ ڳالهيون دل سان لڳي رهيون آهن، جيڪي مون پهرين نٿي سمجهيون ۽ ڌيان بہ نہ ٿي ڏنم.“

هاڻي هن وري چوڻ شروع ڪيو تہ هو انهيءَ ٻُڍن جي گهر ۾ هڪ عام رهندڙ جي حيثيت سان جڏهن داخل ٿيو هو، تڏهن بہ تندرست ۽ برجستو هوندو هو. جڏهن چوڪيداريءَ جي جاءِ خالي ٿي تہ هن نوڪريءَ ڪرڻ جي درخواست ڏني.

مون کيس چيو تہ انهيءَ هوندي بہ هو سچ پچ ٻين وانگر لڳي رهيو هو. پر هو اهو مڃڻ لاءِ تيار نہ هو. هو پاڻ کي عملي جي هڪ فرد وانگر سمجهندو هو. مان شروع ۾ تہ ڇرڪي ويو هوس جو عادت پٽاندر سندس ”آهي“ چوڻ مان مراد ”آهي ٻيا“ هو ۽ جڏهن ٻين رهندڙن جو حوالو ڏنائين ٿي تہ ڇڻ ڪانئس ڇمار ۾ ڪوبہ وڌو ڪونہ هو. هاڻي مون کي سندس نقطہ نظر سمجهہ ۾ اچي ويو هو. چوڪيدار جي حيثيت ڪري کيس اهميت حاصل هئي ۽ ٻين تي سندس ڌاڪ ويٺل هئي.

نرس جلدي واپس موٽي آئي. رات گذرندي ٿي ويئي جو روشندان مان

آسمان ڪارو ڏسڻ ۾ پئي آيو. چوڪيدار بتيون ٻاري ڇڏيون هيون ۽ انهن جي تکي روشنيءَ ۾ مون کي پهريائين ڪجهه دير ته ڪي ڏسڻ ۾ به نه ٿي آيو.

هُن مون کي ماني کائڻ لاءِ بورچيخاني ڏانهن وڃڻ لاءِ چيو، پر مون کي بک اصل ڪانه هئي، تنهن ڪري مون کان ڪافي آڻڻ جو پڇيائين. مان ڪافيءَ جو ڏاڍو شوقين آهيان، سو هڪدم مهرباني مڃي، آڻڻ لاءِ چيم. ٿوري دير کان پوءِ هو ٽري کڻي واپس آيو. ڪافي پيئڻ کان پوءِ سگريٽ ڇڪڻ جي خواهش ٿيم، پر انهيءَ جي پڪ نه هئم ته موجوده حالتن جي مدِنظر، امان جي موجودگي ۾، سگريٽ ڇڪيان يا نه. مون سوچيو ته اها ڪا اهڙي ڳالهه ڪانهي، تنهن ڪري هڪ سگريٽ چوڪيدار کي ڏنم ۽ پوءِ ٻئي سگريٽ ڇڪڻ لڳاسين. ڪجهه دير رڪي، چوڪيدار وري ڳالهائڻ شروع ڪيو: "توکي خبر آهي ته تنهنجي ماءُ جا ساٿي اجهو اچڻ وارا هوندا. جيڪي جنازي پرسان ويهي توسان گڏجي رات جاڳندا. جڏهن ڪو گذاري ويندو آهي، تڏهن اسان هميشه هتي ئي رات جاڳندا آهيون. بهتر ٿيندو ته مان ڪجهه ڪرسيون ۽ بنان کير واري ڪافيءَ لاءِ ديڳڙيءَ به کڻي اچان."

اڇي پٿين تي پوندڙ روشنيءَ جي چمڪ منهنجي اکين ۾ چڀي رهي هئي. مون کيس ڪا هڪ بتي وسائڻ لاءِ چيو.

"ائين نه ٿيندو." هُن وراڻيو، "هي بتيون اهڙي طرح لڳل آهن، جو يا ته هڪ ئي وقت سڀيئي ٻاري سگهبيون آهن يا وسائي سگهبيون آهن." انهيءَ کان پوءِ مون ان طرف وڌيڪ ڌيان ڪونه ڏنو. هو ٻاهر نڪري ويو ۽ ڪجهه ڪرسيون کڻي آيو. تابوت جي چوڌاري ٺاهي رکيائين ۽ هڪ ڪرسيءَ تي ڪافيءَ جي ديڳڙي ۽ ڏهه ٻارهن ڪوپ رکي، منهنجي سامهون، امان کان ٿورو پريرو ويهي رهيو. نرس ڪمري جي پرين ڪنڊ ۾ مون کي پٺيءَ ڏيئي ويٺي هئي. مان اهو ته نٿي ڏسي سگهيس ته هُن ڇا پئي ڪيو، پر سندس هٿ چُريا پئي، جنهن مان اندازو لڳايم ته ڪجهه مَڙهي رهي هئي. مان لطف محسوس ڪري رهيو هوس. ڪافي مون کي گرم ڪري، تن من ۾ تازگي پري ڇڏي هئي. کليل دروازي مان گلن جي هبڪار اچي رهي هئي ۽ رات جي ٿڌي هوا جي سرسراهٽ بدن ۾ پئي آئي. مون تي ڪجهه دير لاءِ خمار ڇانئجي ويو ۽ اک لڳي ويم.

مان وٺن جي پنن جي مسلسل سرسراهٽ تي اوچتو جاڳي پيو هوس. اکيون وري بند ڪرڻ کان پوءِ محسوس ڪيم ته روشني اڳي کان به وڌيڪ تکي ٿيندي ٿي ويئي. ڪٿي به ڪنهن پاڇي جو نشان ڪونه ٿي ڏٺو. هرڪا شيءِ، هر موڙ يا ڪُنڊ جو اکين ۾ هڪ خاڪو بنجي ٿي ويو. امان جا ساٿي- ٻڍا ۽ ٻڍيون اندر اچي چڪا هئا. ڳڻيم، ڪُل ڏهه ڄڻا هئا. جيڪي هوريان هوريان بنان آواز جي ڪير جهڙي اڇي روشنيءَ جي گهٽيل ۽ اداس ماحول ۾ گهڙي آيا هئا. سندس ڪرسين تي ويهڻ مهل، ڪنهن به ڪرسيءَ مان چيڪاٽ جو آواز به نه نڪتو. مون پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪنهن کي به ايترو چتائي نه ڏٺو هو، جيترو انهن کي ڏٺو هوم. مان اڄ تائين سندن پاتل ڪپڙن ۽ مهانڊن کي وساري نه سگهيو آهيان. اُن وقت تائين مون سندن آواز نه ٻڌو هو، تنهن ڪري حقيقت ۾ سندن وجود جو احساس به مشڪل ٿي ٿيو.

سڀني عورتن کي گهٽو ڪري چوغا پاتل هئا ۽ چيلهه تي چوڏاري ڪمربند ٻڌل هئڻ ڪري سندن وڏا پيٽ وڌيڪ وڏا ڏسڻ ۾ ٿي آيا. هيستائين مون سوچيو به نه هو ته پوڙهين عورتن جي پيٽن ۾ ڇا هوندو آهي. پوڙهن مردن مان گهڻا ته ڪمزور ۽ نبل ٿي ڏٺا ۽ لڪڻ جي ٽيڪ تي ٿي هليا. سندن چهرن ۾ مون کي جيڪا خاص ڳالهه ڏسڻ ۾ آئي، اُها هئي سندن اکين جو نظر نه اچڻ. چمڙيءَ جي گهنجن جي چاريءَ ۾ رڳو هلڪي ڳاڙهاڻ نظر ٿي آئي.

هيٺ ويهڻ مهل، انهن مون ڏانهن ڏسڻ شروع ڪري ڏنو. اُهي بي رُخيءَ سان ڪنڌ لوڏي رهيا هئا ۽ پنهنجا چپ لِبن واتن ۾ وجهي چوسي رهيا هئا. مان چئي نه ٿو سگهان ته اهي مون کي ڀهريون ڀيرو ڏسي دعا سلام ڪري رهيا هئا يا اها حرڪت سندن پوڙهپڻ جي ڪري هئي. مان ته اهو ائين سمجهي ويٺو هوس ته اهي پنهنجي ڍنگ سان منهنجي مرحبا ڪري رهيا هئا. پر عجب تڏهن لڳم جڏهن ڏٺم ته سڀئي چوڪيدار جي چوڌاري مِڙي ويٺا هئا ۽ مون ڏانهن سنجيدگيءَ سان نهاري، هر هر پنهنجي هٿن سان مون ڏانهن اشارا ڪري رهيا هئا. ڪن پل لاءِ انهيءَ جو مون تي ڏاڍو خراب اثر ٿيو، ڇوجو انهن سڀني گڏجي مون تي نُڪتچيني ڪرڻ شروع ڪري ڏني هئي.

ڪجهه منٽ ٿي نه گذريا ته انهن عورتن مان هڪ ڄڻي جيڪا ٻيءَ

قطار ۾ وينل هئي روئڻ شروع ڪيو. سندس اڳيان هڪ ٻي عورت وينل هئي، جنهن ڪري سندس چهرو ڏسي نٿي سگهيس. ٿوري ساهي ڪان پوءِ، سندس گهٽيل گلي مان سڏڪن جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو ۽ ائين ٿي سمجهه ۾ آيو ته هوءَ روئڻ ڪان اصل چپ نه ڪندي. ٻين اوڏانهن ڌيان نه پئي ڏنو. اُهي چُپ چاپ پنهنجي ڪرسين تي ويهي تابوت يا لڪڻ يا ٻيءَ ڪنهن شيءِ ڏانهن، جيڪا سندن اڳيان پيل هئي، گهُوري پئي ڏنو. ٻر پنهنجون اکيون نه ٿي ڦيرايائون. اها عـورت اڃا سڏڪن ۾ هُئي. مـان عـجب ۾ پئـجي ويس ڇاڪاڻ تـه مـون ڪـيس نٿي سڃاتو. مون چاهيو ٿي تـه ڪـيس چُپ ڪرايان پر ڳالهـائڻ جي همٿ نـه ڪري سگهيس. ٿوري ويرم ڪان پوءِ چوڪيدار انهيءَ عورت ڀرسان ويو ۽ جهُڪي ڪـيس ڪجهـه آهسـتي چيائين. جواب ۾ انـهيءَ عـورت ڪـنڌ لوڏيو ۽ ڪجهـه آهسـتي چيائين جيڪـو مان ٻڌي نـه سگهـيس. پر هوءَ اڳي وانگر سڏڪا ڀريندي رهي.

چوڪيدار آٿي، ڪرسي سيري منهـنجي پاسي ۾ اچي وينو. ڀهريائين تـه خامـوش ويـنـو رهيـو، پر پوءِ مـون ڏانـهـن نـهـارڻ ڪان سـواءِ چوڻ لڳو: ”هيءَ تـنهـنجي ماءُ جو ڏاڍو خيـال رکـنـدي هئي. چوي ٿي تـه تـنهـنجي مـاءُ سـندس سيـڪجهـه هئي ۽ هاڻي هوءَ ڪيس هن دنيا ۾ اڪيلو ڇڏي هلي ويئي.“

مون ڪجهـه ٻـه نـه وراڻيـو ۽ ڪجهـه دير ماٺ ڇانيل رهي. انهيءَ عورت جا سڏڪا ۽ ٿڌا ساهـه هاڻي ڪجهـِ گهـٽجي ويا هئا. ڪجهـه منٽ پـنهـنجو وهندڙ نڪ صاف ڪندي رهي ۽ ڇڪون ڏيندي رهي، پر پوءِ چُپ ٿي ويئي.

مون کي ننڊ اچي ورايو هو جو مان ٿڪل ٻـه هوس. ٽنگون سور وچان ڪڙهي رهيون هيون. هاڻي مون محسوس ڪيو تـه انهن ماڻهن جي خاموشي مون کي ڪيـتري نـه قوّت بخشي رهي هئي. البت رکي رکي هڪ عجيب آواز پئي آيو. ڀهريائين تـه مان اهو ٻڌي منجهي پيو هوس، پر پوءِ ڌيان سان ٻڌڻ ڪان پوءِ خبر پيم تـه پوڙهن زبان سان پـنهنجا ڳل اندران پئي چوسيا. انـهيءَ آواز مون کي منجهائي ڇڏيو. اُهي پنهنجي سوچ ۾ ايترو تـه مست هئا، جو ڪين اها خبـر نـٿي پيـئـي تـه هنن ڇا پـئـي ڪـيـو. مـون کي ائين لـڳو تـه لاش جي موجودگي هنن لاءِ بلڪل بي معنيٰ هئي، پر هاڻي سمجهان ٿو تـه منهنجو اهو خيال غلط هو.

چوڪيدار ڪافي آٿي سيني کي پياري. مون کي گهٽي تہ يادگيري ڪانهي، پر بهرحال رات گذرندي ٿي ويئي ۽ البت ايترو ياد اچيم ٿو تہ مون اڪيون ڪوليون هيون ۽ هڪ ڪان سواءِ ٻيا سڀ پوڙها ڪرسين تي آهلجي ويڙهيا سيڙهيا پيا هئا. اهو پوڙهو پنهنجو لڪڻ ٻنهي هٿن ۾ جهلي، مٿان پنهنجي ڪاڏيءَ رکي، مون ڏانهن ائين گهوري رهيو هو، ڄڻ منهنجي جاڳڻ جو انتظار ڪندو هجي. پر مون کي جلدي وري ننڊ ڪٽي ويئي. ڪجهہ دير ڪان پوءِ وري جاڳيس تہ منهنجون ٽنگون سوُر وچان ٻہ اڌ ٿي ٿيون. روشندان مان پرهہ ڦٽيءَ جو هلڪو سوجهرو ڦهلجندو ڏسڻ ۾ پئي آيو. ساعت ڪن ڪان پوءِ هڪڙو پوڙهو جاڳيو ۽ لاڳيتو ڪنگهندو رهيو. هن هڪ وڏي ٿڪ خاص رومال ۾ ڦٽي ڪئي ۽ پوءِ هر ڀيري سندس ٿڪ اُڇلڻ مهل ائين ٿي لڳو، ڄڻ الٽي ڪري رهيو هجي، جنهن ڪري ٻين سيني جي ننڊ ڦٽي پيئي ۽ جاڳي پيا. چوڪيدار سيني کي ٻڌايو: "هلڻ جو وقت ٿي ويو آهي." سيئي هڪدم اُٿي بيٺا. ڊگهي ۽ بي مزي رات جاڳڻ ڪري، سندن چهرا ميرانجهڙا ٿي لڳا ۽ مون کي تڏهن عجب لڳو، جڏهن سيني مون سان هٿ ملائي ڪيڪاريو، ڄڻ انهيءَ رات پاڻ ۾ ڳالهائڻ ڪان سواءِ، رڳو گڏ گذارڻ ڪري پاڻ ۾ ويجهائپ پيدا ٿي پيئي هئي.

مان اندر ئي ٻيٺو رهيس ۽ ڏاڍو ٿڪل محسوس ڪري رهيو هوس تہ چوڪيدار مون کي پنهنجي ڪمري ۾ وٺي هليو، جتي هٿ منهن ڌوئي تازو توانو ٿيس. هن مون کي ڪجهہ چڪيري ڪافي پياري، جنهن ڪري مس مس بدن ۾ تازگي آئي. جڏهن ٻاهر نڪتس تہ سج چڱو مٿي چڙهي آيو هو ۽ مارنگو ۽ سمنڊ جي وچ ۾ ٽڪرين مٿان آسمان ۾ ڳاڙهاڻ ڇانيل هئي. صبوح جي هير لڳي رهي هئي، جيڪا مون کي ڏاڍي پئي وڻي. وڻندڙ ڏينهن هجڻ جا سڀ آثار موجود هئا. مان عرصي ڪان ڪنهن ڳوٺ ۾ نہ ويو هوس. سوچڻ لڳس تہ جيڪڏهن هينئر امان جي موت تي نہ اچان ها تہ جيڪر گهمڻ مان ڪيڏ نہ مزو اچي ها. اهو سوچيندي حالت جو احساس ٿيو.

ڪليل چونڪ ۾ وڻ هيٺيان بيهي انتظار ڪرڻ لڳس. تڏي زمين جي سڳند سنگهي محسوس ڪيم تہ هاڻي ننداڪڙو نہ هوس. پوءِ پنهنجي آفيس جي ٻئي عملي جي باري ۾ سوچڻ لڳس: هِن مهل اُهي ننڊ مان اُٿي پنهنجي

ڪم تي روانا ٿيا هوندا. منهنجي لاءِ ڏينهن ۾ اهوئي خراب ۾ خراب وقت هوندو آهي. مان اهڙيءَ طرح ڏهه منٽ ڪن سوچيندو رهيس. ۽ پوءِ عمارت مان اينڊڙ گهنڊ جي آواز تي منهنجو ڌيان اوڏانهن ڇڪجي ويو. دريءَ جي پويان مون کي ڇُرپُر ڏسڻ ۾ آئي پر ڪجهه دير کان پوءِ خاموشي ڇانئجي ويئي. چوڪيدار ڇوڪرو لتاڙي مون کي اچي چيو: "توهان کي واردن ياد ڪري رهيو آهي." مان سندس آفيس ۾ ويس، جتي هُن مون کان ڪي ڪاغذ صحيح ڪرايا. مون ڏٺو ته ڪيس ڪارو وڳو پيل هو. هو ٽيليفون جو رسيوَر هٿ ۾ کڻي مون ڏانهن ڏسي چوڻ لڳو:

"ڪفن دفن ڪندڙ ماڻهو ڪجهه دير اڳ پهتا آهن. جيڪي ڪمري ۾ وڃي لاش جو تابوت بند ڪندا. مان ڪين ٿورو ترسڻ لاءِ چوانس ته جيئن تون پنهنجي ماءُ جو آخري ديدار ڪري سگهين؟"

"نه." مون ورائيو.

واردن ٽيليفون تي هوريان چيو: "ٺيڪ آهي فجٽڪ. هاڻي تون پنهنجي ماڻهن کي پلي اوڏانهن روانو ڪر."

پوءِ هُن مون کي ٻڌايو ته هو به آخري رسمن ۾ شريڪ ٿيندو. مون سندس مهرباني مڃي. هو بينچ جي سامهون ٽنگ تي ٽنگ چاڙهي، پٺيءَ ٽڪائي ويهي رهيو ۽ مون کي اهو به ٻڌايائين: "آخري رسمن ۾ فقط نرس، مان ۽ تون شامل هونداسين." اها ٻڍن جي گهر جي رسم هئي ته ٻڍن جي گهر جا رهواسي، آخري رسمون ادا ڪرڻ نه وڃن. جيتوڻيڪ گذريل رات منجهانئن ڪي رهواسي، جنازي پرسان ويهي رات جاڳيا هئا پر انهيءَ ۾ ڪو هرج ڪونه هو.

هو وري سمجهائڻ لڳو: "اهو انهيءَ لاءِ آهي ته جيئن اهي پنهنجي اندر جي احساسن جو اظهار نه ڪن. پر هن خاص حالت ۾ مون هڪ پوڙهي کي پاڻ سان گڏ هلڻ جي اجازت ڏني آهي، جو هو اوهان جي ماءُ جو ساٿي هو. سندس نالو ٿامس پيريز آهي..." واردن مُرڪي رهيو هو. "اها شايد ڪا پُراثر ۽ ڏکوئيندڙ ساٿ جي ڪهاڻي آهي. هو ۽ اوهان جي ماءُ، ٻئي سدائين گڏ هوندا هئا ۽ ڪڏهن به جدا نه ڏسبا هئا. ٻيا پوڙها پيريز کي ساٿس شادي ڪرڻ جو چئي چيڙائيندا هئا. اهي کيس چوندا هئا: ڪڏهن ٿو شادي

ڪرين؟‘ جواب ۾ هو فقط ڪلي ڏيندو هو. اهو مذاق حقيقت ۾ ڏاڍو مشهور ٿي ويو هو." هو وري چوڻ لڳو: "انهيءَ مان ٿي اوهان اندازو لڳائي سگهو ٿا تہ اوهان جي ماءُ جي موت مٿس ڪيڏو نہ اثر ڪيو هوندو! مون سوچيو تہ ڪيس آخري رسمن ۾ مناسب نموني شريڪ ٿيڻ کان روڪڻ زيادتي ٿيندي. البت ڊاڪٽر جي صلاح سان گذريل رات، مون ڪيس لاش پرسان ويهڻ کان روڪي ڇڏيو هو."

ڪجھہ وقت لاءِ اسان پاڻ ۾ ڪجھہ بہ نہ ڳالهايو. پوءِ وارڊن اٿيو ۽ وري دريءَ ڏانهن وڌيو ۽ چوڻ لڳو: "اوهہ، مارنگو کان پادري بہ اچي ويو آهي. وقت کان بہ ٿورو اڳ آيو آهي." کن رکي چيائين: "ديول ڳوٺ ۾ ٿي آهي، جتي پهچڻ ۾ اسان کي منو ڪلاڪ کن لڳي ويندو."

پوءِ اسان ڏاڪڻ لهڻ لڳاسين. پادري مڙداخاني جي ٻاهران دروازي تي انتظار ڪري رهيو هو. ساڻس گڏ بہ ديول جا مددگار ڇوڪرا بہ هئا، جن مان هڪ جي هٿ ۾ اگردان هو. پادري مٿي ٽنگيل چانديءَ جي زنجيريءَ جي رکيل وچوٽي، جهُڪي ٺيڪ ڪري رهيو هو. جڏهن سندس نظر اسان تي پيئي تہ سڌو ٿي بيٺو ۽ مون سان "منهنجا پٽ" ڪري مخاطب ٿيو ۽ بہ چار ڳالهيون ڪيائين ۽ پوءِ سڀ-کان اول مڙدا خاني ۾ گهڙي ويو.

اندر گهڙنديئي مون ڏٺو تہ چار ڄڻا، جيڪي ڪارن ڪپڙن ۾ هئا، لاش جي تابوت پرسان بيٺا هئا ۽ ڍڪ کي پيچڪس سان بند ڪري رهيا هئا. اوڏي مهل وارڊن کي چوندي ٻڌم، "گاڏيءَ اچي ويئي آهي ۽ پادري دعا شروع ڪئي آهي. انهيءَ کان پوءِ سڀيئي اٿي هلڻ لڳا. چار ماٺهو ڪاري ڪپڙي جي پٽيءَ کي پڪڙي لاش جي تابوت پرسان آيا. سندن پويان قطار ۾ پادري، دعا ڪندڙ ڇوڪرا ۽ پويان مان بيٺاسون. هڪ عورت دروازي پرسان بيٺي هئي. مون ڪيس هن کان اڳ نہ ڏٺو هو.

"هي مسٽر ميرسو آهي." وارڊن انهيءَ عورت کي ٻڌايو.

مون سندن نالي بابت نہ پڇيو، پر سمجهان ٿو تہ ٻڍن جي گهر جي نگهبان نرس هئي. مون سان واقفيت مهل هوءَ رڳو ٿورو جهُڪي، پر سندس ڏکهي ۽ سکل منهن تي مرڪ جو نالو نشان بہ ڪونہ هو. اسان جنازي جي تابوت کي لنگهڻ جو رستو ڏيڻ لاءِ دروازي پرسان، پاسو ڏيئي بيٺاسين.

تابوت لنگهي وڃڻ کان پوءِ، اسان ڪوريڊار مان هلندا، مُهڙ واري ڦاٽڪ تي آياسين، جتي جنازي جي تابوت کڻڻ لاءِ گاڏي بيٺل هئي. مستطيل ۽ چمڪندڙ. جنهن تي وارنش ڪيل هو... مون کي آفيس ۾ رکيل قلمدان جو خيال ذهن ۾ تري آيو.

گاڏيءَ جي پرسان هڪ عجيب و غريب پوشاڪ ۾ ننڍي قد جو شخص بيٺو هو. هن جو ڪم آخري رسمن جي ادائيگي جي نظرداريءَ ڪرڻ هو- بس هڪ طرح جو پادري ڪٿي سمجهو. هُن جي پرسان منهنجي ماءُ جو خاص ساٿي پيريز بيٺو هو. هو تمام لاچار ۽ بي همت ڏسڻ ۾ ٿي آيو. ڪيس مٿي تي ٽلهو، ويڪرو ۽ نرم فيلٽ هٽ پيل هو، جنهن جا ڪنارا ويڪرا ۽ وڏيل هئا. تابوت جي در مان گذرڻ مهل هڪدم هٽ لاهي ڇڏيائين. سندس پتلون جا پاچا بوٽن تي پٽي ڦڙڪيا ۽ ڪاري ٽاءِ سندس ڊگهن ۽ ويڪرن اڇن ڪالرن تي تمام ننڍي ٿي لڳي. بلب جهڙي ٽلهي ۽ خارش زده نڪ هيٺيان، سندس چپ ڏڪي رهيا هئا. پر خاص ڪري جنهن منهنجو ڌيان ڇڪايو، اُهي سندس ڪن هئا. سندس لڏندڙ ۽ ڳاڙها ڪن ائين ٿي لڳا، ڄڻ بيمار ڳلن تي لاک لڳائي، مهرون هڻي نرم اڇن وارن جي وچ ۾ اٽڪائي ڇڏيا ويا هجن.

ڪفن دفن ڪرڻ واري ملازم اسان کي هڪل ڪري پنهنجي جاين تي ويهڻ لاءِ چيو. پوءِ پادريءَ کي گاڏيءَ اڳيان ۽ ڪارن ڪپڙن وارن چئن ماڻهن کي پاسن کان بيهاريائين. واردن ۽ مان پويان بيناسين ۽ پڇاڙيءَ ۾ پوڙهو پيريز ۽ نرس هئا.

آسمان مان اُس وسي رهي هئي ۽ هوا ۾ گرمي وڌندي ٿي ويئي. مون گرميءَ جون شروعاتي لهرون پٺيءَ تي ائين محسوس ڪيون ڄڻ ڪو گرم چپ سان پٺيءَ چٽي رهيو هجي. منهنجي ڪاري پتلون جي ويتر حالت خراب هئي. مان سمجهي نہ ٿي سگهيس تہ هلڻ ۾ ايتري دير ڇو ٿي ڪيائون. ٻڍي پيريز، جنهن پهرين ٽوپي پائي ڇڏي هئي، هاڻي لاهي ڇڏي هئائين. جڏهن واردن هُن بابت وڌيڪ ٻڌائڻ لڳو تہ مان ٿورو اوڏانهن مڙيس. مون کي سندس ڪيل ڳالهہ ياد آهي تہ پوڙهو پيريز ۽ امان گهڻو ڪري شام جي ٽڪار ۾ گهڻو پري نڪري ويندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن تہ پرواري ڳوٺ کان

ويجي نڪرندا هئا ۽ نرس گهڻو ڪري ساڻن گڏ هوندي هئي.

مون پري چوڌاري ڪليل فضا ۾ ڳوٺ ڏانهن نظر ڊوڙائي. شمشاد جي وڻن جون قطارون ٽڪرين ۾ نيڻ- نهار تائين ڦهليل هيون. جيڪي هيٺ گهاٽيون هيون ۽ پاسن کان سوڙهيون ٿي ويون هيون. گرم ڳاڙهي زمين ساوڪ سان ڍڪيل هئي ۽ روشنيءَ ۾ هيڏانهن هوڏانهن ايڪڙ ٻيڪڙ گهر جڻو ڏسڻ ۾ آيو ٿي ۽ مون کي امان جي سوچ سمجهڻ ۾ ايندي ويئي. هن علائقي جي شام ۾ ڪ سان اُداس هئي، جنهن تي منحوس خاموشيءَ جو پاڇو پيل هو. ان وقت جڏهن صبوح جي وقت، سج جي روشنيءَ ۾ هر شيءَ چمڪي رهي هئي، تہ ائين ٿي لڳو ڄڻ هن علائقي ۾ ڪو غير انساني عنصر آهي- يا اهڙو ڪجهہ آهي جيڪو مَن کي مايوس ٿو ڪري ڇڏي.

نيٺ اسان هلڻ لڳاسين. اوڏي مهل پهرين پيرو ڏٺم تہ پيريز منڊ ڪائي هلي رهيو هو. جڏهن گاڏي ٿورو تڪو هلڻ لڳي، تڏهن بہ اهو پوڙهو پنهنجي رفتار سان هلندو ٿي هليو. گاڏيءَ جي پاسن کان هلندڙن مان هڪ جڻو پوئتي رهجي ويو هو ۽ مون سان گڏ پئي هليو. مون عجب پئي کاڌو تہ ڪيئن نہ سج مٿي چڙهندو ٿي آيو، ڄڻ آسمان ۾ سج کي پر لڳي ويا هئا. ۽ پوءِ مون کي ائين لڳو ڄڻ هوا جيتن جي آواز سان گڏ سُر وڻائيندو هجي ۽ ٻوٽن جا پن لڏندا هجن. پگهر جا ڦڙا، منهنجي چهري تان ڳڙي رهيا هئا. مون وٽ ٽوپلو ڪونہ هو، تنهن ڪري رومال لوڏي هوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هوس.

ڪفن دفن ڪندڙ ملازم مون ڏانهن مُڙي آيو ۽ مون کي ڪجهہ چيائين. پر مان سندس ڳالهہ سمجهي نہ سگهيس. اوڏيءَ مهل هن پنهنجي مٿي تي لڳل پلو لاٿو ۽ ساڄي هٿ سان ٽوپلو سرڪائي، کاٻي هٿ ۾ جهليل رومال سان ڪوپري اُگهي، ٽوپلو وري سڌو ڪيائين. مون کانئس پڇيو: "توهان مون کي ڇا ٿي چيوَ؟" هن آسمان ڏانهن اشارو ڪري چيو: "اڄ گرمي غضب جي آهي."

"ها." مون وراڻيو.

ٿوري دير رکي هُن پڇيو: "پاڻ توهان جي ماءُ کي ئي دفن ڪرڻ پيا هلون نہ؟"

” ها.“ مون وري جواب ڏنو.

” ڪيتري ڇمار هيس؟“

”بس ائين سمجهو تہ ٽڪي رهي هئي.“ حقيقت ۾ مونکي خبر بہ نہ هئي تہ امان جي ڪيتري ڇمار هئي.

انهيءَ کان پوءِ هو خاموش ٿي ويو. مڙي ڏٺم تہ پنجاهہ وال ڪن پري کان پيريز منڊڪائيندو، ٿوپلوهٽ جي وچوٽي تي لوڏيندو، اسان تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪندي اچي رهيو هو. مون وارڊن تي هڪ نظر وڌي. هُن ڏاڍي خبرداريءَ سان ماپيل قدم ٿي کنيا ۽ چهري تي ڪو رنگ ڏسڻ ۾ نہ ٿي آيو. سندس پيشانيءَ تان پگهر ريلا ڪري وهي رهيو هو، پر هُن اُهو اصل نہ ٿي اگهيو.

منهنجي خيال ۾، اسان جو ننڍڙو جلوس آهستي آهستي تڪو ٿيندو ٿي ويو. نيڻ- نهار تائين اُس ۾ ڏوتل پنيون نظر ٿي آيون ۽ مٿي آسمان ۾ ايڏي گرمي هئي جو اوڏانهن نگاهہ ڪٽي نهارڻ جي بہ همت نہ ٿي ٿِي. هاڻي اسان هڪ ڏامر جي نهيل سڙڪ تان هلڻ لڳاسين. گهڻي گرمي سبب ڏامر پگهري پيو هو ۽ هر قدم تي پير چنبڙي ٿي پيا، جنهن ڪري روڊ تي پيدا ٿيل خال، ڪارن زخمن وانگر ٿي لڳا. سامهون ڪوچوان پنهنجي چمڪندڙ ڪاري ٽوپيءَ سان ڪائين جي ڊري پڊل پريءَ وانگر گاڏيءَ تي پيو هو. نيري- اڇي روشنيءَ ۾ چوطرف ڪاراڻ ئي ڪاراڻ- چمڪندڙ ڪاري گاڏي، ماڻهن ڪي پاتل ميرا ڪارا ڪپڙا ۽ روڊ تي چمڪندڙ ڪارا ڪڏا- اهو سڀ هڪ عجيب سپني وانگر ٿي لڳو. مٿان وري بوءِ- گرم، چمڙي مان نڪرندڙ بوءِ، گاڏيءَ ۾ پڊل گهوڙن جي لِڏ جي بوءِ سان گڏ لوبان جي پرڻ جي خوشبوءِ. انهن سيني جي ڪري ۽ رات جو تمام گهٽ ننڊ سبب مون پنهنجي سوچ پڌندي محسوس ڪئي ۽ اکين ۾ ڏنڊ چانئجڻ لڳي.

مون وري پويان مڙي نهاريو. پيريز چڱو پنتي رهجي ويو هو. تڪي اُس ۾ هو ڪٽي ڏنڊلو ڏسڻ ۾ ٿي آيو، ۽ پوءِ اوچتو هڪدم نظرن کان گم ٿي ويو. مان ٿوري دير لاءِ سوچ ۾ پئجي ويس ۽ سمجهيم تہ هُن مڙي وچي پنين وارو رستو ورتو هوندو. پوءِ ڏٺم تہ ٿورو اڳتي هلي رستي جو موڙ هو. پيريز، جنهن اُهو سڀ علائقو چڱي طرح ڏٺو هو، جلدي پهچڻ لاءِ وچان

گذرندڙ نـنڍو پيچرو ورتو هو. اسان رستي جي موڙ تي هٺاسين تہ هو بہ اچي اسان کي رسيو ۽ پوءِ آهستي آهستي پوئتي ٿيندو ويو. هو وري پيو ٽورو مفاصلي وارو رستو وٺي، اڳتي اچي اسان سان مليو ۽ اهڙيءَ طرح اڌ ڪلاڪ ۾ ائين ڪئين ڀيرا ٿيو ۽ مون آخر ۾ ڌيان ڏيڻ ڇڏي ڏنو. جو منهنجي جسم مان هاڻي هلڻ جي قوت موڪلائي چڪي هئي.

انهيءَ ڪان پوءِ هرڪنهن جي هلڻ جي رفتار ۾ ايڏي تيزي اچي ويئي هئي جو مون کي انهي ڪان سواءِ ٻي ڪا ڳالهہ ياد نہ رهي آهي تہ جڏهن ڳوٺ جي ٻاهران آيا هئاسين تہ نرس مون کي ڪجهہ چيو بہ هو. هن جو آواز مٺو ۽ ڏڪندڙ هو ۽ سندس منهن مان نڪتل نہ ٿي لڳو. سندس آواز مون کي چرڪائي ڇڏيو هو. هن مون کي چيو هو: "جيڪڏهن تمام آهستي ٿو هلجي تہ جهولي جي جهڙپ جو خطرو آهي ۽ تمام تکو ٿو هلجي تہ پگهر ٿو وهي ۽ ديول جي سرد ڏڪائيندڙ هوا سان زڪام جي حملي جو ڊپ ٿو ٿئي." ڏٺم تہ سندس ڳالهيون صحيح هيون. ماڻهوءَ کي ڪانہ ڪا ڳالهہ پوڻي ضرور هئي.

آخري رسمن جون ڪجهہ ٻيون ڳالهيون بہ اجا تائين ياد اٿم. مثال طور ٻڍي جو چهرو، جڏهن هو ڳوٺ ٻاهران اسان کي چنبڙي پيو هو. سندس اکين مان لڙڪ لڙي پيا هئا. آهي لڙڪ ڏک وچان يا ٿڪاوٽ وچان يا شايد ٻنهي سببن ڪري وهي رهيا هئا، پر منهن جي چمڙي ۾ گهنج هئڻ ڪري اندر ئي رهجي ويا ۽ هيڏانهن هوڏانهن ڦهلجي جذب ٿي ويا. انهيءَ ڪري، اهو ٿڪل ۽ مرجهايل ٻڍو چهرو آلاڻ سبب چمڪندڙ ٿي لڳو.

ديول جو نظارو ۽ آس پاس جو ماحول بہ ياد اٿم. رستي تي ڳوٺاڻن جي اچ وڃ، قبرن تي آيريل ڳاڙها جهنگلي گل، گڏي وانگر بيهوشيءَ جي عالم ۾ ٻڍي پيريز جو هلڻ، امان جي جنازي جي تابوت تي اڇلايل ميرانجهڙي مٽي، جنهن ۾ وڻن جي اڇين پاڙن جا ٽڪر مليل هئا، پوءِ ماڻهن جو ميڙ، آواز، ڪيفي جي ٻاهران بس جو انتظار، انجڻ جو گجگوڙ، الجيئر جي روشن گهٽين ۾ اول گهڙڻ سان خوشيءَ جو احساس ۽ گهر پهچي سڌو ٻارهن ڪلاڪ يڪي ننڊ ڪرڻ جو تصور ڪرڻ، اڄ بہ مون کي ياد آهن.

## 2

● ننڍ مان اڪ ڪُلڻ تي سمجهه ۾ آيم ته ٻن ڏينهن جي موڪل گهرڻ تي صاحب مون ڏانهن ناراضگيءَ سان ڇو نهاريو هو. اڄ ڇنڇر جو ڏينهن هو. اُن وقت مون اهو سوچيو به نه هو. اهو رڳو هينئر بستري مان اٿڻ مهل سوچ ۾ آيو هئم. ظاهر آهي ته هن سمجهيو هو ته اهڙي طرح منهنجي ته يڪن ڇئن ڏينهن جي موڪل ٿيندي ۽ ائين ڪرڻ هو ڪيئن پسند ڪندو. هائي به، اول ته انهيءَ ۾ منهنجو قصور نه هو، ڇو جو امان کي اڄ جي بدران ڪالهه ئي دفنايو ويو ۽ ٻيو ته مون کي ڇنڇر ۽ آچر به ڏينهن موڪل جا بچي پيا. بهرحال، انهيءَ ڪري قدرتي طرح مان پنهنجي صاحب جي رويئي تي سوچڻ کان سواءِ رهي به نٿي سگهيس.

اُٿڻ اصل ٻڳوئي نه ٿي. گذريل ڏينهن جي ويڌن ڪري سچ پچ ڏاڍو ٿڪجي پيو هوس. ڏاڙهي ڪوڙيندي سوچيم پئي ته اڄوڪو سارو ڏينهن ڪيئن گذارجي ۽ پوءِ ٺئه ڪيم ته ترڻ سان طبيعت ۾ تازگي اچي ويندي. اهو سوچي بندرگاهه ڏانهن ويندڙ ٽرام ۾ روانو ٿيس.

بلڪل اڳي وانگر سُومنگ پول ۾ جوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون تري رهيا هئا. منجهن ماري ڪاردونا به هئي، جيڪا ڪجهه وقت اڳ اسان جي آفيس ۾ ٽائيپسٽ هوندي هئي. انهن ڏينهن ۾ مان متس آڪن ڇڪن هوندو هوس ۽ هوءَ به مون تان اورڪهور ٿيندي هئي. پر هوءَ اسان جي آفيس ۾ تمام ٿورو وقت هئي، تنهن ڪري ڪا ڳالهه نه ٿهي.

پول جي تختي تي چڙهڻ ۾ مدد ڪندي، سندس ڇاتيءَ تي هٿ به گهمائي ورتو هئم. هوءَ اُن تختي تي سِڌو ٿي ليٽي پيئي ۽ مان پاڻيءَ ۾ بيهي ترندي هلڻ لڳس. ڪجهه دير ڪان پوءِ هُن پاسو ورايو ۽ مون ڏانهن گهورڻ لڳي. سندس اکيون وارن سان ڍڪجي ويون هيون ۽ هوءَ کِلي رهي هئي. مان ڇاتيءَ جي زور تي تختي تي چڙهي وڃي سندس پاسي ۾ ليٽي پيس. هوا ڏاڍي وڻندڙ ۽ تڏيرڙي هئي. ڳالهيون ڪندي، مون پنهنجو مٿو سندس هنج ۾ رکي ڇڏيو، پر هن ڪابه آناڪاني ڪانه ڪئي ۽ مون به مٿو اُتي ئي رهڻ ڏنو. هائي منهنجي اکين اڳيان ٻي انت ۽ وشال آسمان هو- نيرو ۽ سونهري. ۽

پنهنجي مٿي هيٺيان ماريءَ جي نرم پيٽ جو هوريان هيٺ مٿي ٿيڻ محسوس ڪري رهيو هوس. انهيءَ لطف ماڻڻ ۾ اسان جون اکيون اڌ ٻوٽجي ويون هيون. انهيءَ ڪيفيت ۾ اسان انهيءَ تختي تي اڌ ڪلاڪ کن ترندا رهياسين. جڏهن گرمي ڪجهه سرس ٿيڻ لڳي ته ماري اُچل ڏيئي پاڻي ۾ ٽپي هنئي. مون به سندس پوٺتان ٽپو ڏنو ۽ کيس پڪڙي پنهنجي ٻانهن سندس چيلهه جي چوڌاري ورائي، هڪ ٻئي جي پرسان ليٽي ترندا رهياسين. هو لڳاتار کِلي رهي هئي.

اسان سُومنگ پول جي ڪناري تي ويهي بدن سُڪائي رهيا هئاسين ته ماري چيو: "تون مون کان وڌيڪ رنگ جو صاف آهين." مون ڪائنس انهيءَ ڏينهن شام جو سنيما تي هلڻ لاءِ پڇيو. هوءَ وري کلڻ لڳي ۽ چيائين: "ها. پر شرط اهو آهي ته انهيءَ مزاحيه فلم ۾ هلندين جنهن ۾ اداڪار فرننڊيل آهي. ڏاڍي ساراهه آهي انهيءَ فلم جي."

جڏهن اسان ڪپڙا پائي ورتا ته هُن منهنجيءَ ڪاري ٽاءِ ڏسي، مون کان انهيءَ جو ڪارڻ پڇيو. مون کيس امان جي گذاري وڃڻ جو ٻڌايو. پڇيائين: "ڪڏهن؟" مون ورائيو: "ڪالهه." هن وڌيڪ ڪجهه به نه پڇيو. مون کي لڳو ڄڻ هوءَ ٿورو ڇرڪي ويئي هجي. ٻهرياڻين ته مان پوري وضاحت سان ٻڌائڻ وارو هوس ته انهيءَ ۾ منهنجو ڪو قصور ڪونه هو، پر پوءِ پاڻ سنڀالي ورتم جو مون کي ياد آيو ته پنهنجي صاحب اڳيان اها ساڳي ڳالهه چئي هئم ۽ محسوس ڪيو هئم ته ڪيڏي بيوقوفي جهڙي ڳالهه ڪئي هئم. هاڻي به بيوقوفي جهڙي لڳي يا نه لڳي، پر مان سمجهان ٿو ته اهڙين ڳالهين ۾ ماڻهو پاڻ کي ڪجهه قدر محسوس ڪرڻ کان سواءِ روڪي نه ٿو سگهي.

بهرحال، سانجهي تائين ماريءَ کي منهنجون سڀ ڳالهيون وسري ويون هيون. فلم جا ڪي حصا مزاحيه برابر هئا، پر هئي سراسر واهيات فلم. جڏهن سنيما هال ۾ ويٺا هئاسين ته هن پنهنجي ٽنگ منهنجي ٽنگ سان لڳائي ڇڏي هئي ۽ منهنجي پير سان پنهنجو پير گسائيندي رهي ۽ مان سندس ڇاتيءَ تي هٿ گهمائيندو رهيو هوس. فلم جي پڇاڙي ٿيڻ تي مون کيس چميو هو، پر اهو چمڻ اهڙي ڍنگ سان ٿيو هو جو اصل مزو ئي نه آيو. انهيءَ کان پوءِ کيس واپس پنهنجي گهر وٺي آيس.

منهنجي جاڳڻ کان اڳ هوءَ وڃي چڪي هئي. هُن مون کي هدايو هو ته سندس ماسي سڀ کان اول سندس انتظار ڪندي آهي. ياد آيم ته اڄ آچر آهي ۽ موڪل آهي. طبيعت خراب ٿيڻ لڳي. مون کي هن نياڳي آچر جو خيال ئي نه رهندو آهي. هاڻي مان وهاڻي ۾ منهن وجهي ماريءَ جي آلن وارن جي ڪاري پاڻيءَ جي بوءِ کي آهستي آهستي ساهه کڻي سنگهڻ لڳس. ڏهين وڳي تائين بستري تي پيو رهيس ۽ پوءِ منجهند تائين بستري ۾ ئي سگريٽ ڦوڪيندو رهيس. مون فيصلو ڪيو ته اڄ وانگر سيليٽ جي ريسٽارنٽ ۾ ماني نه کائيندس، ڇاڪاڻ ته اُتي ماڻهو سوالن مٿان سوال ويندا آهن پڇندا ۽ مون کي بلڪل نه وڻندو آهي ته مون کان ڪو سوال پڇي. پوءِ مون ڪجهه آنا اوباريا ۽ اُن ئي برتن مان کڻي کاڌم. ماني ته بچي ئي ڪانه هئي ۽ نڪي وري مون ۾ هيٺ وڃي خريدي اچڻ جي سگهه هئي، سو بنان مانيءَ جي اوباريل آنا ئي کاڌم.

پيٽ ڀرجڻ کان پوءِ پاڻ کي فارغ محسوس ڪيم ۽ انهيءَ ننڍي گهر ۾ پسار ڪرڻ لڳس. جڏهن امان مون سان گڏ رهندي هئي، تڏهن اهو گهر اسان لاءِ ڪافي هو، پر هاڻي مون اڪيلي لاءِ تمام وڏو هو، تنهن ڪري ڊائننگ ٽيبل به سمهڻ واري ڪمري ۾ آڻي رکي هئم. هاڻي مان رڳو اهوئي ڪمرو ڪم ۾ آڻيندو هوس، جنهن ۾ منهنجي ضرورت جو سڀ سامان جهڙوڪ: پتل جو پلنگ، ڊريسنگ ٽيبل، بيد جون ڪرسيون، جن جون سيٽون ڪجهه قدر اندر پيُجي ويون هيون، وارڊ روب (ڪپڙن جي الماڙي)، جنهن ۾ گسيل ۽ ڏنديل آرسي لڳل هئي، رکيل هئا. گهر جو باقي حصو منهنجي ڪم نه ٿي آيو، انهيءَ ڪري اوڏانهن نهارڻ جي تڪليف به نه وٺندو هوس.

ٿوري دير کان پوءِ، ڪجهه ڪرڻ خاطر، فرش تي پيل هڪ پراڻي اخبار جو پنو کڻي پڙهڻ لڳس. منجهس ڪروسچن سالٽ جو اشتهار ڇپيل هو، جيڪو ڪٽي آڻي البم ۾ رکي ڇڏيم. مون کي اخبار ۾ جيڪي پسند ايندو آهي، اهو گڏ ڪري رکندو آهيان. پوءِ هٿ ڌوتم ۽ جڏهن پيو ڪجهه سمجهه ۾ نه آيو ته بالڪنيءَ ڏانهن ويس. اندر ۾ جڏهن آنڊ مانڊ هوندي اٿم تڏهن بالڪني منهنجي وندر جو آخري وسيلو هوندي آهي.

منهنجي سمهڻ واري ڪمري مان، اسان جي علائقي جي خاص گهٽيءَ جو سمورو حال پيو ڏسبو آهي. اُها شام ڏاڍي وڻندڙ هئي، پر رستي تي پيل

پٽر هينئر ٻه ڪارا پئي لڳا. فٽپاٿ تي پيرُ نه هئي ۽ جيڪي ٻه ايڪڙ ٻيڪڙ ماڻهو ڏسڻ ۾ پئي آيا، ائين پئي لڳو ڄڻ ڪين اجايو جلدي هئي. سڀ ڪان اول هڪ خاندان آچر جي شام ملهائڻ لاءِ گهمڻ وڃي رهيو هو. اڳيان ٻه ننڍا ڇوڪرا هئا، جن کي خلاصين جهڙا ڪپڙا پاتل هئا. ڪين لنڊيون پتلونون پيل هيون، جيڪي مشڪل سان گوڏن تائين ٿي آيون ۽ پنهنجي سِين ڪان سُٺن ڪپڙن ۾ ڏاڍا عجيب ٿي لڳا. انهيءَ ڪان پوءِ سندن ننڍڙي ڌيءَ هئي، جنهن کي هلڪي گلابي رنگ جي وڏي بو لڳل هئي ۽ پيرن ۾ خاص قسم جا بوٽ پاتل هيس. انهن جي پويان سندن ماءُ هئي، جيڪا تمام ٿلهي هئي. ڪيس ناسي رنگ جو ريشمي وڳو پاتل هو. سندن پيءُ قد جو بندرو ۽ چالاڪ ڏسڻ ۾ ٿي آيو. ڪيس ڪڪائون ٽوپلو، ٻترفلاءِ ٽاءِ پيل هئي ۽ هٿ ۾ لڪڻ هو. انهيءَ شخص کي مان ڏٺي سڃاڻيندو هوس. ڪيس پنهنجي زال پرسان هلندو ڏسي سمجهي ويس ته ماڻهن ڪيس ڇو ٿي ڇيو ته هو سٺي خاندان مان آهي ۽ پاڻ ڪان گهٽ درجي واري عورت سان شادي ڪئي اٿس.

انهيءَ ڪان پوءِ ديسي نسل جي نوجوانن جو هڪ ٽولو لنگهيو. سندن ڪليل وارن ۾ تيل مکيل هو، جنهن ڪري چمڪيا پئي. ڪين ڳاڙهيون ٽايون ٻڌل هيون. سندن ڪوٽ ڇيلهه وٽ سوڙها ٿي بدن سان چنبڙيل هئا. ڪيسا مڙهيل هئن ۽ پيرن ۾ چورس ڇهنب وارا بوٽ پاتل هئا. منهنجي اندازي موجب، اهي شهر جي مرڪزي سنيما ڏانهن وڃي رهيا هئا. اهوئي سبب هو جو ايترو سوير نڪتا هئا ۽ ترام جي اسٽاپ ڏانهن تکو وڃي رهيا هئا ۽ زور سان ڳالهائيندا ٻه پئي ويا.

سندن وڃڻ ڪان پوءِ گهٽيءَ گهٽو ڪري خالي ٿي ويئي هئي. انهيءَ مهل گهٽو ڪري سڀ مٿئين شو شروع ٿيندا آهن. ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ دڪاندار پنهنجي دڪانن تي ويٺل هئا ۽ رستي تي ڪا ٻلي نظر آئي ٿي. رستي پرسان بيٺل انجير جي وڻن جي قطار مٿان آسمان صاف هو، پر اُس ۾ تڪاڻ نه هئي. گهٽيءَ جي ٻئي جيڙي تي تماڪ جو دڪاندار ڪرسي ڪڍيو آيو ۽ پنهنجي گهر جي در ساموهون فٽپاٿ تي ٽنگون ڦهلائي ۽ ٻانهون ڪرسي جي پٺيءَ تي ٽڪائي ويٺو هو. ڪجهه وقت اڳ ترامون پرجيو پئي ويون، پر هاڻي اُهي گهٽو ڪري خالي هيون. تماڪ جي دڪان جي پرواري ننڍي ڪيفي ”شيء

پيٽرو" خالي هئي، جنهن ۾ ويٽر ٻهاري ڏيئي رهيو هو. اها آچر جي عجيب شام هئي.

مون ٻه ڪرسي ڦيرائي تماڪ جي دڪاندار وانگر ٽنگون ڦهلائي مٿي چڙهي ويهي رهيس جو ائين وڌيڪ سولائي ٿي لڳم. ڪجهه سگريٽ ڦوڪڻ کان پوءِ اندر ڪمري ۾ ويس ۽ هڪ چاڪليٽ کڻي اچي در تي ويهي چوسڻ لڳس. ٿوري دير کان پوءِ آسمان تي ڪڪر ڇانئجي ويا ۽ ائين ٿي لڳو ڄڻ اجهو ٿو طوفان اچي. پر ڪڪر ته آهستي آهستي ڇنجي ويا، پر گهٽيءَ ۾ اڃا مينهن پوڻ جا آثار نظر ٿي آيا، جو اونده وڌندي ٿي وئي. مان دير تائين آسمان ڏانهن نهاريندو رهيس.

پنجين وڳي ترامن جي گوڙ جو آواز اچڻ لڳو. اسٽيڊيم ۾ فوٽ بال مئچ ٿي رهي هئي، جتان ترامون شهر کان ٻاهر تائين آيون ٿي. منجهن ماڻهو ڏاڍا سٽيل هئا ۽ ڏاڪن تي ويهي درن ۾ هٿ اٽڪائي ڳاهٽ پئي ٿيا. پوءِ هڪ ترام ۾ اها رانديگرن جي ٽولي واپس آئي جن کي مون ڏسنديئي سڃاتي ورتو. سندن هٿن ۾ ٿيلها هئا. اُهي رانديگر هئا ۽ پنهنجي راند جو مَن گهُريو گيت ڳائيندا پئي ويا— "ڪينهو گهمائيندا هلو يارو..." هڪ ڄڻي مون ڏانهن نهاري رڙ ڪري چيو، "اسان جيتي آياسين." مون هٿ لوڏيو ۽ رڙ ڪري "شاباس" چيم. انهيءَ کان پوءِ موٽرن جو اٽڪڻ وهڪرو شروع ٿي ويو.

آسمان جو رنگ وري بدلجي ويو هو. گهرن جي ڇتين مٿان ڳاڙهي رنگ واري فضا ڦهلجندي پئي وئي. گهٽيءَ ۾ اونداهي وڌندي ٿي وئي. ماڻهو گهمي واپس پئي ويا. منجهن اُهو بندري قد وارو شخص پنهنجي ٿلهي زال سان به گڏ هو. سندن ٻار ٿڪا ٽُٽا پنهنجي ماءُ- پيءُ جي پويان آهستي آهستي اچي رهيا هئا. ڪجهه دير کان پوءِ فلم ڏسي ماڻهو ٻاهر نڪتا هئا، جيڪي معمول جي اُبتڙ پنهنجي جسم کي لوڏيندا تڪا تڪا وجي رهيا هئا. پڪ سان ڪا مغربي جهنگلي نموني جي مار ڪُٽ واري فلم ڏٺي هوندائون. اُهي نوجوان، جيڪي شهر جي وچ واري سنيما ۾ فلم ڏسڻ ويا هئا، ٿورو دير سان موٽيا هئا. سندن چهرن تي سنجيدگي ڇانيل هئي، البت ڪي ٽهڪ ڏيئي کلي رهيا هئا، پر گهڻو ڪري ٿڪل ۽ سُست ڏسڻ ۾ ٿي آيا. ڪي ته منهنجي گهر جي درءَ جي آسپاس پئي ڦريا. هاڻي هڪ ڇوڪرين جي ٽولي

هٿ هٿن ۾ ڏيئي اچي نڪتي. منهنجي ڪمري واري دريءَ هيٺيان بيٺل نوجوانن ساٿن ڪلهي گس ڪرڻ ۽ ڪوئنس مسخري ڪرڻ لاءِ جهڪي اوڏانهن رخ ڪري ڪل ٻوڳ ڪيو ته اهو ٻڌي ڇوڪريون پنهنجا منهن ڦيري مشڪڻ لڳيون. مان ڪين سڄاڻيندو هوس- اهي منهنجوڻ پاڙيسري هيون. مون ڏانهن مٿي به ڏسي هٿ لوڏيائون.

انهيءَ ڪان پوءِ رستي جون سڀيئي بتيون روشن ٿي ويون، جنهن ڪري آسمان ۾ تازو اپريل تارن جي چمڪ جهڪي ٿي ويئي. مون محسوس ڪيو ته بتين ٻرڻ سان ۽ لاڳيتو رستي تي نهارڻ سان، منهنجيون اکيون ٿڪجي پيون هيون. بتين ۾ ڪو روشنيءَ جو سمنڊ لڪل هو. جيئن ڪا ترام اُتان گذري ٿي، تيئن اندر ويٺل ڇوڪرين جا وار، سندن منهن جي مشڪ ۽ سونا ڪنگڻ ڪن لاءِ چمڪي گم ٿِي ٿي ويا.

جلدي ئي، جيئن ترامون گهٽبيون ويون ۽ وڻ ۽ بتين مٿان ڇانيل آسمان ڪارو مخملي ٿيندو ويو، تيئن گهٽي ويران ۽ سَڄي ٿيندي ويئي، ايستائين جو نيٺ رستي تي ڪو ماڻهو ڏسڻ ۾ نتي آيو. سواءِ هڪ ٻليءَ جي، جيڪا اڳ شام جو لاپرواهيءَ سان آهستي ويران گهٽيءَ مان لنگهي ويئي هئي.

هاڻي مون کي بک اچي لڳي هئي. هيترو وقت ڪرسيءَ جي پُٺ تيّ ڪنڌ نِوائي هيٺ گهٽيءَ ۾ نهاريندو رهيو هوس ۽ جڏهن سڌو ٿي بيٺس ته ڳچيءَ ۾ سور ٿيڻ لڳو هو. هيٺ لهي ڪجهه ڊبل روٽي وغيره وٺي اچي ڪاڏو تيار ڪري بيهي بيهي کاڌم. مون چاهيو ٿي ته ٻي سگريٽ دريءَ جي پرسان بيهي ڇڪيان، پر پوءِ سرديءَ جي ڪري اهو خيال لاهي ڇڏيم. دري بند ڪري جيئن واپس اچي لالٽين جي روشنيءَ ۾ آرسيءَ ڏانهن ڏٺم ته ميز جي ڪنڊ تي پيل مانيءَ جي ٻور جو عڪس ڏٺم. تڏهن مون کي ائين لڳو ڄڻ مون ٻيو به آچر گذاري ڇڏيو هو. امان جو ڪفن دفن ٿي ويو هو ۽ سڀاڻي واپس وڃي ڪم تي چڙهندس. سچ پچ ته روز مرهه جي زندگيءَ ۾ ڪو ڦيرو ڪونه آيو هو.

# 3

● صبوح جو آفيس ۾ ڏاڍو مصروف رهيس. منهنجو صاحب ڏاڍو خوش نظر ٿي آيو. هو مون کان پڇندو رهيو تہ مان ٿڪل تہ نہ هوس ۽ امان جي عمر ڪيتري هئي. مون ٿورو سوچيو ۽ پوءِ ورائيم: ”سٺ ورهيہ ڪن هوندي،“ جو مون غلطي ڪرڻ نہ ٿي چاهي. انهيءَ تي هو مطمئن ٿيو ڏسڻ ۾ آيو، اهو مان ٿئي نٿو سگهان ۽ مون کي ائين لڳو ڄڻ هو سوچ ۾ پئجي ويو هجي. اهڙي طرح ڳالهہ ختم ٿي ويئي.

منهنجي ميز تي جهاز جي بِلن جا ٿها رکيا هئا، جيڪي سڀ مون کي چڪاسڻا هئا. ماني کائڻ کان اڳ هٿ ڌوتم. منجهند جو هٿ ڌوئڻ ۾ مزو ايندو اٿم، جو شام تائين واش بيسن مٿان رکيل ٽوال، گهڻي استعمال سبب آلو ۽ بدبودار ٿيو پوي، جنهن ڪري ڪراهت ايندي اٿم. اها ڳالهہ مون پنهنجي صاحب جي ڌيان تي بہ آندي هئي، جيڪا هن قبولي هئي ۽ افسوس بہ ظاهر ڪيو هئائين، پر ڪو نتيجو ڪونہ نڪتو. مان معمول کان اڳ، ساڍي ٻارهين وڳي ايمانيئيل سان گڏ، جيڪو روانگيءَ جي کاتي ۾ ڪم ڪندو هو، ٻاهر نڪتس. اسان جي آفيس واري عمارت تان سمنڊ چٽو پيو ڏسبو آهي. ڏاڪڻ تي بيهي ڪن لاءِ بندر تي جهازن ۾ مال چڙهندو ڏسڻ لڳاسين. سج جي گرمي ساڙيو ٿي. اوڏيءَ مهل هڪ وڏي ٽرڪ، زنجيرن جا وڏا آواز ڪيندي ۽ پٺيان انجڻ مان دونهان ڇڏيندي پئي آئي. ايمانيئيل صلاح ڏني تہ انهيءَ ٽرڪ ۾ ٽپي چڙهي پئون ۽ مون وٺي ڊوڙڻ شروع ڪيو. ٽرڪ ڇڳو پري نڪري ويئي هئي، تنهن ڪري ڪافي پنڌ پويان ڊوڙڻو پيو. هڪ طرف گرمي ۽ مٿان وري انجڻ جو آواز- سچ پچ اڌ مئو ٿي ويو هوس. بس ايترو ياد اٿم تہ اسان سمنڊ جي ڪناري پرسان مشينن ۽ جهازن ڪٺن وارين ڪرينن وٽان ڇرين وانگر ڊوڙندا پئي وياسين. پرسان جهازن جا ڪارا ڍانچا پيا هئا ۽ سمنڊ ۾ پريان سِڙهہ لهرائي رهيا هئا. ٽرڪ کي مان ئي اول پهتس ۽ ڇلانگ هڻي ٽپ ڏيئي سلامتي سان وڃي اندر پيس ۽ پوءِ ايمانيئيل کي ڇڪي اندر ڪيم. اسان پئي سهڪي رهيا هئاسين ۽ ٽرڪ جي لوڏن ۾ وينر خراب حالت ٿيڻ لڳي. ايمانيئيل کلندي ۽ سهڪندي سرہاٹ ۾ چيو، ”نيٺ اسان پار پهچي وياسين.“

سيليٽ جي ريسٽارنٽ ۾ پھچڻ مھل اسان جي بدن مان پگھر ٽمي رھيو ھو. سليٽ ھميشه وانگر لنگھہ واري دروازي پرسان ويٺو ھو. سندس پيٽ ھڪ ويڪري چوغي سان ڍڪيل ھو ۽ سندس اکيون مچون اڳي کان اگريون ٿي نظر آيون. مون کي ڏٺائين تہ اڳتي وڌي آيو ۽ ھمدرديءَ وچان مون کان خبرون چارون وٺڻ لڳو. مون کيس چيو تہ اھڙي ڪا ڳالھہ ناھي. ٻک ۾ پاھہ ٿي رھيو ھوس، انھيءَ ڪري ڏاڍو جلدي ماني کاڌم ۽ مٿان ڪافي پيتم. اُن کان پوءِ پنھنجي گھر روانو ٿيس. شراب جي ڇُڪي ٿورو سرس چاڙھي ھئم، تنھن ڪري ٿوري ننڊ ڪيم. جاڳ ٿيڻ تي بستري مان اٿڻ کان اڳ ھڪ سگريٽ ڇڪيم. ٿوري دير ٿي ويئي ھئي، انھيءَ ڪري ڊوڙندو ٽرام تي وڃي پھتس. آفيس ۾ ھيس ھئي ۽ مٿان وري شام تائين ڪم ۾ رڌو رھيس. آفيس بند ٿيڻ تي سک جو ساھہ کنيم. موٽندي سامونڊي ٿڌي ۽ وٿندڙ ڪناري تي چھل قدمي ڪندو رھيس. آفيس جي جھنجھٽ کان آجو ٿي اھڙو لطف ماڻڻ ڪير نہ چاھيندو؟ آسمان سائو ھو ۽ گھٽيل ماحول مان نڪري، ھتي مزو پئي آيو. اُتان سڌو گھر آيس جو پٽاٽا اُوٻارڻا ھئم.

ھال ۾ اونداھي ڇانيل ھئي. جيئن ڏاڪڻ چڙھڻ لڳس تہ ٻڍو سالامانو مليو. ھو بہ ساڳئي ماڙ تي رھندو ھو، جتي مان رھندو ھوس. ھميشه وانگر انھيءَ وقت بہ ڪتو ساڻ ھوس. اِنن سالن کان ٻنھي کي گڏ ڏسندو اچان. اھو شڪاري ڪتو ڏسڻ ۾ ڏاڍو بڇڙو ھو ۽ ان جي جھنگلي ھئڻ جي ڳالھہ سڀني ۾ مشھور ھئي. مان سمجھان ٿو تہ خارش ۾ ورتل ھو، جنھن ڪري سندس بدن تان سڀيئي وار ڪسي ويا ھئا ۽ سارو جسم داغ داغ ٿيل ھو. سالامانو جي شڪل سندس ڪتي جھڙي ٿي ويئي ھئي. ڪتو بہ پنھنجي مالڪ وانگر عجيب نموني منڊڪائي ھلندو ھو ۽ ھميشه ٻوٿ ٻاھر ڪڍي نڪ سان زمين سنگھندو ھلندو ھو. ٻنھيءَ جي پاڻ ۾ جيتوڻيڪ ڪافي مشابھت ھئي، تنھن ھوندي بہ ٻنھي ھڪٻئي کان نفرت ٿي ڪئي.

اھو ٻڍو پنھنجي ڪتي کي ڏينھن ۾ ٻہ ڀيرا، صبح جو يارھين وڳي ۽ شام جو ڇھين وڳي، وٺي ٻاھر نڪرندو ھو. اِنن ورھين کان سندس معمول ۾ ڪوڦيرو ڪونہ آيو ھو. 'ريو ڊي ليان' ۾ مالڪ کي پنھنجي ڪتي جي زنجير زور سان ڇڪيندي ڏسي سگھبو ھو. ڪتو پنھنجي سموري طاقت سان مالڪ

حيثيت سان سڃاڻيندا هئا، پر جڏهن ڪانٽس ڪو پڇندو هو ته ڪم ڪهڙو ڪندو آهين ته پنهنجي باري ۾ ٻڌائيندو هو ته گودام ۾ نوڪري ٿو ڪريان. پر سچي ڳالهه اها هئي ته گهٽيءَ ۾ ڪيس گهٽا ماڻهو ڪونه سڃاڻيندا هئا. مون سان ڳالهه ٻولهه جو رستو هوس ۽ ڪڏهن ڪڏهن منهنجي ڪمري ۾ سلام دعا ڪرڻ ايندو هو، جو مان ٿورو گهڻو منهن ڏيندو هوس. حقيقت ۾ مون کي سندس ڳالهيون دلچسپ لڳنديون هيون ۽ مان ڪيس ڌيان سان ٻڌندو هوس. سندس نالو غيمون سنتيس هو. قد جو ننڍو ۽ بدن ۾ ٿلهو هو. نڪ باڪسرن جهڙو هوس ۽ ڪپڙي لتي سدائين ٺهيل ٺڪيل هوندو هو. هن پڻ مون کي سالامانو جي باري ۾ ٻڌايو هو ته "هو تمام واهيات ۽ بي حيا ماڻهو آهي." ۽ پوءِ مون کان پڇيو هئائين، "ڇا توکي سالامانو جو ڪتي سان سلوڪ پسند آهي؟" پر مون انڪار ڪيو.

اسان ٻئي، مان ۽ سنتيس، ڏاڪڻ چڙهڻ لڳاسين. جيئن ئي مان پنهنجي ڪمري ۾ ويس ٿي ته هن مون کي چيو: "ٻڌو، مون وٽ ماني ڪاٺو ته ڏاڍو سٺو. مون وٽ بليڪ پڊنگ ۽ شراب آهي."

مون ماني ٺاهڻ جي تڪليف کان بچڻ ٿي چاهيو، انهيءَ ڪري چيم، "تنهنجي مهرباني."

وٽس پڻ هڪ ئي ڪمرو هو ۽ بورچي خاني ۾ ڪابه دري نه هئي. سندس بستري مٿان هلڪي گلابي ۽ اڇي رنگ جو هڪ خوبصورت بُت رکيل هو ۽ ڪجهه رانديگرن ۽ اگهاڙين عورتن جون تصويرون سامهون پٽ تي ٽنگيل هيون. پلنگ تي بسترو وڇيل ڪونه هو ۽ ڪمرو گند سان ڀريو پيو هو. هن ميڻ بتي ٻاري ۽ کيسي مان هڪ ميري ڪپڙي جو ٽڪر ڪڍي ساڄي هٿ تي ٻڌڻ لڳو. مون ڪانٽس ان جو سبب پڇيو ته ٻڌايائين ته هو هڪ واهيات گهر ۾ رهيو پيو هو ۽ ساڻس گڏ رهندڙ ساٿي کيس ڏاڍو تنگ ڪيو هو.

"مان مصيبت پنهنجي ڳچيءَ ۾ نه وجهندو آهيان." هن ٻڌايو، "باقي البت غصي جو پارو هڪدم چڙهي ويندو اٿم. مون واري ساٿي مون کي ڌمڪي ڏني ته، "جيڪڏهن مڙس آهين ته هڪدم ترام مان لهي اچ." مون کيس وراڻيو ته "پنهنجي زبان بند رک، مون توکي ڪجهه ڪونه ڪيو آهي." تنهن تي مون کي چيائين ته "تون ڇسو ۽ بي افعالو آهين." بهرحال، ترام مان

لهي آيس ۽ ڪيس چيم تہ، ”بهتر آهي تہ پنهنجو ٻوٽ بند ڪر، نہ تہ ڏند پڇي بند ڪندس.“ هن مون کي چيو، ”همٿ اٿيئي تہ ڪري ڏيکار.“ مون بہ ڪٿي ڪيس ٻوٽ وارو هڪ ٺوڻشو ٺڪاءِ ڪرايو، جنهن جي لڳڻ سان هو منهن ڀر وڃي ڪريو. ٿوري دير کان پوءِ مون کيس اٿڻ ۾ مدد ڪئي پر هن مون کي ٽڏو هٽي ڪڍيو. پوءِ تہ مون بہ لتون ۽ ٺڏا هڻڻ شروع ڪيا. جلدي سندس حالت ڦٽيل سوئر جهڙي ڪري ڇڏيم. مون کانئس پڇيو تہ ”هاڻي تہ طبيعت درست ٿي ويئي هوندي.“ ۽ هن توبهہ ڪئي.

سنتيس ڳالهائيندو بہ ٿي ويو ۽ هٿ تي پٽي بہ ويڙهيندو رهيو. مان بستري تي ليٽئي ڏيان سان سندس ڳالهہ ٻڌي رهيو هوس.

”توهان بہ ڏسو نہ، انهيءَ ۾ منهنجو ڪهڙو ڏوهہ! هن هٿ وٺي مار ڪاڍي آهي. ائين ناهي ڇا؟“

مون ڪنڌ لوڏي هاڪار ڪئي ۽ هن وري چوڻ شروع ڪيو: ”مان توهان کان انهيءَ باري ۾ صلاح وٺڻ ٿو چاهيان. توهان کي دنياداريءَ جو تجربو مون کان وڌيڪ آهي ۽ توهان ئي منهنجي مدد ڪري سگهو ٿا. مان زندگي ڀر توهان جو ساٿي ٿي رهندس. مان پنهنجي محسن کي ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندو آهيان.“

جڏهن مون ڪو جواب نہ ڏنو تہ مون کان پڇڻ لڳو، ”مون کي پنهنجو ساٿي بڻائڻ پسند ڪندؤ؟“ مون وراڻيو، ”مون کي ڪو اعتراض ڪونهي.“ ۽ هو مطمئن ٿي ويو. انهيءَ کان پوءِ هن بليڪ پُڊنگ، فراءِ پان ۾ تري ميز تي رکي ۽ بہ شراب جون بوتلون ڪڍي آيو. انهيءَ وچ ۾ هن ڪجهہ بہ نہ ڳالهايو.

جڏهن اسان ماني کائڻ شروع ڪئي تہ هن هٻڪندي وري پنهنجو داستان ٻڌائڻ شروع ڪيو، ”هيءُ جهيڙو اصل ۾ هڪ ڇوڪريءَ تان شروع ٿيو. اسين ٻئي هميشہ گڏ سمهندا هئاسين ۽ پاڻ ۾ جسماني لاڳاپا هئا. هوءَ منهنجي سُريت هئي. مٿس منهنجو ڍاڍو خرچ ٿيندو هو. منهنجو ساٿي جنهن کي مون سيڪٽ ڏني، سندس ياءُ آهي.“ جڏهن هن ڏنو تہ مون سندس ڳالهہ جو ڪو جواب نٿي ڏنو تہ چوڻ لڳو، ”مون کي خبر آهي تہ منهنجي لاءِ پاڙيسرين جو ڪهڙو خيال آهي، پر حقيقت ۾ اهو سڀ ڪوڙ آهي. مون کي

ٻه ٻين وانگر پنهنجا ڪي اصول آهن ۽ مان ٻه گودام تي نوڪريءَ ۾ آهيان.“

وري پنهنجو سلسلو جاري رکندي چيائين، ”ها سو ڳالهه ٿي ڪيم ته... هڪ ڏينهن چاتم ته انهيءَ ڇوڪريءَ جي ڪري مون تي ڏاڍو قرض چڙهي ويو آهي. مان ڪيس گذاري لاءِ، فضول خرچيءَ کان سواءِ ڪافي پيسا ڏيندو رهيس، جيتوڻيڪ سندس ڪمري جي مسواڙ ٻه مون ٿي ڏني ۽ ويهه فرانڪ روز جي مانيءَ جو خرچ ٻه ڏنم ٿي. يعني ڪل ٽي سو فرانڪ مسواڙ جا ۽ ڇهه سؤ سندس کاڌي پيتي جا. انهيءَ کان سواءِ ٻيون فرمائشون جدا. مطلب ته هزار فرانڪ مهيني جو خرچ هو. پر اهي پيسا ٻه پورا نه ٿي پيس. هوءَ سدائين پيٽي ڪُرڪندي هئي. نيٺ هڪ ڏينهن چوڻو پيم ته، ”ڏس، هونئن ته پيسا پورا نه پوندا، بهتر آهي ته ڪجهه ڪلاڪ نوڪري ڪٿي ڪر. انهيءَ سان اسان ٻنهي جي مشڪل حل ٿي ويندي. هِن مهيني تنهنجو فراڪ آندو اٿم، تنهنجي مسواڙ ٻه مان ٿو ڏيان ۽ ويهه فرانڪ تنهنجي روز جي گذاري لاءِ توکي ملن ٿا، پر تون وچيو ڪيفي ۾ ويهي ساهيڙين تي خرچ ڪري وڃايو اچين ۽ ڪين ڪافي ۽ شربت پيارين. نيٺ پيسا ته منهنجي ڪيسي مان ٿا نڪرن! مان توکي هيترو چاهيان ٿو ۽ تون آهين جو منهنجو تِر جيترو ٻه خيال نٿي ڪرين؟ پر هن ٻُڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو ۽ ساڳيو راڳ آلاپيندي رهي. هڪ ڏينهن ڏٺم ته هن منهنجي گلا پٺي ڪئي“هو اڳتي ٻڌائڻ لڳو، ”هڪ ڏينهن ته مون سندس پيتيءَ مان هڪ لاٽريءَ جو ٽڪيٽ لڌو ۽ جڏهن ڪانئس پڇيم ته وٽس اهو خريدڻ لاءِ پيسا ڪٿان آيا ته هوءَ ڪو جواب ڏيئي نه سگهي.“ انهيءَ کان پوءِ، ٻئي ٻيري ڪيس ٻن سون جي ڪنگڻن جي گروي- رسيد ملي، جيڪي هن وٽس ڪڏهن ٻه نه ڏٺا هئا.

”اهڙي طرح ڏٺم ته قصو وڏيڪ خراب ٿيندو ٿي ويو. مون ڪيس صاف چيو: ’هاڻي پنهنجو نباهه نه ٿيندو.‘ مون ڪيس پناهه ڏني هئي ۽ پنهنجي گهر جا راز سليا هئا. مون ڪيس نيٺ چٽي ڏنو، ’توکي جڏهن ٻه ڪو موقعو ٿو ملي ته وڃيو ڏارين سان سمهي، ڪارو منهن ڪري سندن پاسو گرم ڪرين.‘ ۽ پوءِ سڏوسنواتو چيم، ’ تون مون سان رهين ٿي، انهيءَ ڪري ٻيا منهنجي قسمت تي حسد ڪن ٿا. جڏهن ڏڪا ڪائيندينءَ، تڏهن پاڻيهي پنهنجي ڪئي ته پڇتائي مون وٽ واپس اچڻ لاءِ رت رُئندينءَ.‘

هن ايءا اڳتي ٻڌايو تہ ”مون کيس ايترو ماريو جو رت رت ٿي پيئي. انهيءَ کان اڳ مون مٿس ڪڏهن آڱر بہ نہ کنئي هئي.“ هو اڳتي چوڻ لڳو، ”مون ڪڏهن خلوص وچان ڏک هنيو بہ هوندو تہ اها ڪا اهڙي ڳالهہ نہ هئي. هو سڏڪڻ لڳندي هئي تہ دريءَ بند ڪري ڇڏيندو هوس. انهيءَ کان پوءِ معاملو ٺيڪ ٿي ويندو هو. پر هن ڀيري کيس مطمئن ڪري نہ سگهيس. سمجهان ٿو تہ کيس ايترو مارڻ نہ گهربو هوم. منهنجو مطلب سمجهو ٿا نہ؟“

هو انهيءَ باري ۾ مون کان صلاح پڇڻ لڳو. ميڻ بتيءَ مان دونهان نڪري رهيا هئا. ڪمري ۾ پسار ڪندي هو وَٽ جهڪي ڪرڻ لاءِ بيهي رهيو. مان کيس چپ چاپ ٻڌي رهيو هوس. مون شراب جي بوتل خالي ڪئي، تنهن ڪري مٿو چڪر کائي رهيو هو. منهنجا سگريٽ بہ ختم ٿي چڪا هئا، انهيءَ ڪري غيمون کان سگريٽ وٺي پيتم. دير سان ڪا ترام لنگهي، جنهن جي لنگهي وڃڻ کان پوءِ گهٽيءَ ۾ گوڙ جهڪو ٿي ويو. غيمون ڳالهائي رهيو هو، ”مون کي دراصل خار انهيءَ ڳالهہ تي ٿي آيو جو ڇوڪري بدچال ٿي ويئي هئي، پر ساڻس دل بہ هئم، تنهن ڪري پريشان ٿي ويو هوس. پر هن ڀيري مون فيصلو ڪري ڇڏيو هو تہ کيس سبق ضرور ملڻ گهرجي.“ هو وري چوڻ لڳو، ”پهرين منهنجو خيال هو تہ انهيءَ ڇوڪريءَ کي هوٽل ۾ وٺي ويندس ۽ پوءِ اسپيشل پوليس کي اطلاع ڪري کين يقين ڏياريندس تہ جيئن اهي سندس نالو رنڊي جي حيثيت سان رجسٽر ۾ داخل ڪري ڇڏين. اها ڇڱي سيکت ٿيندي.“ انهيءَ کان پوءِ هن پنهنجي دوستن سان صلاح ڪئي جن جو ڌنڌو ئي غنڊاگردي هو ۽ پنهنجا ڪم ڪيائڻ لاءِ رنڍيون رکندا هئا. اهي پنهنجو مطلب ڪيڻ لاءِ ٿورو تڪا مٿا ٿيا پر عملي طرح وٽن ڪا جوڳي صلاح ڪانہ هئي. هن ٻڌايو تہ جڏهن انهيءَ ڇوڪريءَ سان سندس واسطن جي ڳالهہ گهٽيءَ ۾ مشهور ٿي تہ کيس اها خبر بہ نہ هئي تہ اهڙي ڇوڪريءَ کي سيکت ڪيئن ڏجي، جنهن کيس ايڏو قرضي ڪري ڇڏيو هو. سندس دوستن صلاح ڏني تہ ڇوڪريءَ کي بدنام ڪرڻ گهرجي، پر غيمون کي اها صلاح نہ آئڙي، جو اها سندس مرضي موجب نہ هئي. انهيءَ ڳالهہ تي غور ۽ فڪر جي ضرورت هئي. انهيءَ تي غور

مون خط لکي پورو ڪيو. مون لکڻ ۾ گهڻي مَتاڪڻ ڪانہ ڪئي، پر غيمون کي راضي ڪرڻو هوم جو ائين نہ ڪرڻ لاءِ ڪو سبب ڪونہ هو. پوءِ جيڪي لکيو هوم، پڙهي ٻڌايم. هو گهڙيءَ گهڙيءَ سگريٽ جون ڦوڪون ڀري دونهان ڪڍي رهيو هو ۽ ڪنڌ پئي لوڏيائين. ”وري تہ پڙهجان“ هن چيو. هو ڏاڍو خوش ٿي نظر آيو. ”ڏاڍو زبردست لکيو اٿيئي، نوجوان.“ هو ڪليو. ”ڏاڍو دماغ ڪان ڪم ورتو اٿيئي. توون واقعي مسئلي کي حل ڪري ڇڏيو آهي. مون ڪري ڇڏيو آهي...“ ڪري چائين.“

پهريائين تہ مون ’نوجوان‘ لفظ تي ڌيان ڪونہ ڏنو، پر جڏهن هو واپس آيو ۽ ڪلهي تي ڌڪ هڻي چيائين، ”هاڻي تہ پاڻ هڪبئي جا يار آهيون نہ؟“ تڏهن مان چپ رهيس. هن وري ورجايو. مان اهڙين ڳالهين تي ڌيان گهٽ ڏيندو آهيان، پر ڏنم تہ همراهہ ڳنڍ ٻڌيو بيٺو آهي، سو ڪنڌ لوڏي ڪئي هاڪار ڪئي مانس.

هن خط لفافي ۾ وڌو ۽ اسان گڏجي بوتل خالي ڪري ڇڏي ۽ پوءِ ڪجهہ دير ٻئي ڄڻا چپ چاپ سگريٽ ڇڪيندا رهياسين. گهٽيءَ ۾ بلڪل خاموشي ڇانيل هئي. ڪو ڪنهن موٽر جي گذرڻ وقت آواز ۽ روشني ٿي ٿي نہ تہ ٻيو مڙيئي خير. نيٺ مون چيو، ”هاڻي چڱي دير ٿي ويئي آهي.“ ۽ غيمون هاڪار ڪئي، ”اڄوڪي رات ايترو جلدي گذري ويئي آهي جو خبر بہ نہ پئي.“ اها حقيقت هئي. مون سمهڻ چاهيو ٿي، انهيءَ ڪري ائين چيو هوم. مان ضرور پريشان ۽ ٿڪل نظر ٿي آيس، جو غيمون چيو، ”انسان کي تڪليف جي وقت همت نہ هارڻ گهرجي.“ پهريائين تہ مان سندس ڳالهہ سمجهي نہ سگهيس، پر پوءِ هن ٻڌايو، ”تنهنجي ماءُ جي گذاري وڃڻ جو ٻڌو هوم. بهرحال جيڪي ٿيڻو آهي سو هر حالت ۾ ٿي رهندو.“ مون سندس همدرديءَ لاءِ ٿورو مڃيو.

جڏهن مان موڪلائڻ لڳس تہ غيمون ڏاڍي گرمجوشيءَ سان هٿ ملايو ۽ چيائين، ”ماڻهو جو نيٺ ماڻهو ئي قدر ڪندو آهي.“ دروازي بند ٿيڻ کان پوءِ مان بي خياليءَ ۾ ڪن پل لاءِ اتي بيٺو رهيس. جاءِ هڪ قبر وانگر خاموش هئي ۽ ڏاڪڻ جي لنگهہ جي اونداهيءَ مان گهميل بوءِ پئي آئي. مون کي ڪجهہ بہ ٻڌڻ ۾ نٿي آيو. البت دل ۾ رت جي تکي حرڪت جو آواز

ڪجهه دير بيٺو ٻڌندو رهيس. پوءِ سالامانو جي ڪتي جي ڪوڪاٽ جو هلڪو آواز اچڻ لڳو ۽ اوڏيءَ مهل جڏهن سڀ آرامي هئا تڏهن اهو ڏک ڀريو آواز ائين ٿي آتيو جڻ خاموشيءَ ۽ اونده مان ڪُـل آهستي آهستي اُڀري رهيا هجن.

# 4

● مون ڪي پورو هفتو آفيس ۾ متي ڪنهڻ جي واندڪائي نہ هئي. هڪ ڀيري غيمون مون وٽ لنگهي آيو ۽ اچي ٻڌايائين تہ هن اهو خط موڪلي ڇڏيو هو. مان ايمانيئيل سان گڏجي ٻہ ڀيرا فلم ڏسڻ ويو هوس. ايمانيئيل ويچاري ڪي اها لڪا ئي نہ پوندي هئي تہ پردي تي ڇا ٿو وهي واپري، سو سمجهڻ لاءِ وري ٻئي ڪان پڇندو هو. ڪالهہ ڇنڇر هو ۽ ماري رٿيل پروگرام موجب اتي آئي. ڪيس ڳاڙهي ۽ اچي پٽي وارو خوبصورت وڳو ۽ پيرن ۾ چمڙي جو سينڊل اهڙو تہ لُهيا ٿي جا مان ڪيس ڏسندوئي رهيس. سندس ننڍين ۽ ٿائيل ڇاتين جو اُڀار صاف ڏسڻ ۾ پئي آيو ۽ سندس سون ورنو چهرو باداميءَ رنگ جي گل جهڙو لڳي رهيو هو. اسان ٻئي بس ۾ سمنڊ جي ڪناري ڏانهن روانا ٿياسين، جيڪو آلجيئر کان ڪجهہ ميل پري هو. سمنڊ جو ڪنارو، اصل ۾ ريتيءَ جو هڪ ڊگهو پٽو هو، جيڪو ٻن ٽڪرين جي وچ ۾ هو، جنهن جي پرئين پاسي ويڙ چڙهڻ جي حد تائين، ناگرموٽ جي ولين جي قطار هئي. ڇنين وڳي مهل سج ۾ ايڏي تپش ڪانہ هئي، پر پاڻي اجا گرم ۽ ٽانگهو هو. سست لهرون ريتيءَ متان هوريان هوريان سُري رهيون هيون.

ماري مون کي هڪ نئين راند سيکاري. انهيءَ موجب جڏهن هڪ ڇٽو تري رهيو هجي تہ ڇولين جي گجي وات ۾ جهلي ولجي ۽ جڏهن وات انهيءَ گجي واري پاڻيءَ سان ڀرجي وڃي تہ پٺيءَ ڀر ليٽي آسمان ڏانهن منهن ڪري اهو پاڻي ڦوهاري وانگر ڪڍي ڦٽو ڪري ڇڏجي. اهڙي طرح گجيءَ جي ڏنڊ نهي ويئي ٿي، جيڪا هوا ۾ ختم ٿِي ٿي ويئي يا وري واپس ڳلن تي گرم ڦوهاري وانگر ٿي اچي وسي. پر جڏهن جلدئي لوڻ واري پاڻي هڻڻ ڪري،

منهنجو وات سور ڪرڻ لڳو. تڏهن ماريءَ مون کي اچي ٻانهون ورائي ٻاڪر پاتي ۽ پنهنجا چپ منهنجي چپن تي رکي ڇڏيائين. سندس زبان منهنجي چپن جي گرمائش کي ٺڏو ڪري ڇڏيو. اسان ٻه ڪناري ڏانهن وڃڻ کان اول پنهنجو پاڻ کي ڪجهه دير لاءِ لهرن جي حوالي ڪري ڇڏيو ته ٻل ڪيڏانهن ٻه وهائي وڃن. پوءِ اسان ترندا ڪناري تي آياسين.

جڏهن اسان ڪپڙا پائي ورتا، ته ماري مون ڏانهن گهوري رهي هئي. سندس اکيون چمڪيون پئي. مون ڪيس ٻانهن تي ليٽائي چمي ورتو. انهيءَ کان پوءِ ڪجهه دير تائين اسان مان ڪنهن ٻه نه ڳالهايو. مون ڪيس پاڻ ڏانهن ڇڪي ٻانهن ۾ جڪڙي ڇڏيو هو. پوءِ ڪناري ٽاں اڳتي ڊوڙڻ لڳاسين جو اسان ٻنهي چاهيو ٿي ته بس تي پهچي واپس گهر وڃون ۽ بستري ۾ پئجي رهون.

مون درياءَ کي ڪليل ڇڏي ڏنو هو. تنهن ڪري رات جي ٿڌڙي هوا، اسان جي اُس جي ٻاريل جسمن کي بيحد لطف پئي ڏنو.

ماري مون کي ٻڌايو ته هوءَ ٻئي ڏينهن واندي هئي، انهيءَ ڪري مون ڪيس پاڻ سان نيرڻ ڪرڻ جي دعوت ڏني، جيڪا هن قبول ڪئي. مان گوشت وٺڻ لاءِ هيٺ لٿس. واپس موٽندي غيمون جي ڪمري مان زنانو آواز پئي آيو. ٿوري دير کان پوءِ ٻڍو سالامانو ڪتي تي ڪُرڪڻ لڳو. پوءِ ڪاٺ جي ڏاڪڻ تي بوٽن ۽ چنبن جي هلڻ جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا ۽ پوءِ ... "بدتميز ... سوئر ... حراميءَ جا ڦر" جا آواز اچڻ لڳا. جيڪي گهٽيءَ ۾ سندن وڃڻ کان پوءِ جهڪا ٿي ويا.

مون ماريءَ کي ٻڍي جو قصو ٻڌيو ته هوءَ ڏاڍو کلڻ لڳي. هن منهنجو رات جو وڳو پاتو هو ۽ قميص جون ٻانهون مٿي ورائي ڇڏيون هئائين. هوءَ کلي رهي هئي ۽ چيم ته هوءَ هر وقت کلندي ئي رهي. ٿورو ترسي هن مون کان پڇيو، "تون واقعي مون کي ايڏو پيار ڪرين ٿو؟" وراڻيم، "اهڙي قسم جا سوال سچ پچ ڏاڍا بي معنيٰ ٿيندا آهن. پر مان سمجهان ٿو ته انهيءَ جي معنيٰ مون کي نه ٿي اچي." هوءَ ڪن لاءِ اُداس ٿي ويئي، پر جڏهن اسان نيرڻ تيار ڪري رهيا هئاسين ته هوءَ تڙي پيئي ۽ ڳالهه ڳالهه تي مُرڪڻ لڳي. جڏهن هوءَ مرڪي ٿي ته هميشه دل چيو ٿي ته ڪيس چمي وٺان. انهيءَ کان

پوءِ غيمون جي ڪمري مان ڳالهائڻ جو آواز اچڻ شروع ٿي ويو.

شروع ۾ ڪنهن عورت وڏي آواز ۾ ڪجهه چيو پئي ۽ پوءِ غيمون به ڌمڪائي ڇڏي رهيو هو، ”تو مون کي قرضي ڪري ڇڏيو آهي ڪُتي! مان به توکي سبق سيکاريندس.“ پوءِ ڌڪن جا آواز ۽ چيندڙ دانهون ٻڌڻ ۾ آيون ۽ هيٺ ماڻهن جو ميڙاڪو لڳي ويو. ماري ۽ مان به ٻاهر نڪري آياسين. عورت اچا رڙيون پئي ڪيون ۽ غيمون ڪيس ماري رهيو هو. ماري چوڻ لڳي، ”ڪيڏي نه بيهودگي آهي!“ مون ڪيس ڪو جواب ڪونه ڏنو. پوءِ ماري مون کي پوليس وٺي اچڻ لاءِ چيو. مون وراڻيو ته منهنجو ڇا وڃي جو مان پوليس سڏايان. اوڏيءَ مهل هڪ سپاهي اچي وارد ٿيو، جنهن سان گڏ ٻيءَ ماڙ تي رهندڙ، هڪ پاڻيءَ جي نلڪن جو ڪم ڪندڙ پلمبر هو. جيئن ئي سپاهي در ڪڙڪايو ته ڪمري مان آواز اچڻ بند ٿي ويو. هن وري در ڪڙڪايو. ٿوري دير کان پوءِ عورت وري روئڻ شروع ڪيو ۽ غيمون دروازو کوليو. ڪيس چپن ۾ سگريٽ پيل هئي، جيڪا لڏي پئي ۽ سندس منهن تي بيمار مُرڪ هئي.

”نالو ڇا اٿيئي؟“

غيمون کيس پنهنجو نالو ٻڌايو.

”پنهنجي منهن مان سگريٽ ٻاهر ڪڍ. خبر اٿيئي ته ڪنهن سان ٿو ڳالهائين؟“ سپاهي سختيءَ سان چيس.

غيمون هڪي مون ڏانهن ڏٺو ۽ سگريٽ وات ۾ جهلي بيٺو رهيو. سپاهي مضبوطيءَ سان هٿ ڦيرائي سندس ڪاٻي ڳل تي هڪ زوردار چماٽ اهڙي ته زور سان هنئي جو سگريٽ وڃي پري پيو. غيمون جي منهن جو پنوئي لهي ويو ۽ ڪجهه دير ڪجهه نه ڪڇيائين. پوءِ بيوسيءَ واري لهجي ۾ پنهنجو اڌورو سگريٽ کڻڻ لاءِ پڇيائينس.

سپاهي موڪل ڏنس ۽ چيائين، ”ياد رک، آئيندي اهڙي بيهودگي برداشت نه ڪئي ويندي ۽ نڪي تو جهڙن شيدين لاءِ پنهنجو وقت وڃائيندا سين.“

انهيءَ وچ ۾ عورت سڏڪا ڀري چوڻ لڳي، ”هن مون کي ماريو آهي. بزدل، ڪميڻو ... ڀڙوو.“

”سائين معاف ڪجو،“ غيمون وچ ۾ چيو، ”هيترن ماڻهن جي وچ ۾

پڇيائين تہ جيڪڏهن مرضي هجيم تہ ساڻس گڏجي ٻاهر هلان.

مـان بسـتـري مـان اُٿـيـس ۽ وارن کي ڦڻي ڏنم. پوءِ غيمـون مـون کي ٻڌايو تہ حقيقت ۾ هن چاهيو ٿي تہ مان سندس شاهدي ڏيان. مون کيس ٻڌايو تہ مون کي ڪو اعتراض ڪونہ هو، پر مون کي اها خبر نہ هئي تہ هن مون کان ڇا ٿي چورائڻ چاهيو.

”اهو بلڪل سولو آهي،“ هن وراڻيو. ”توکي فقط اهوئي چوڻ پوندو تہ انهيءَ عورت مون کي ذليل ۽ خوار ڪري منهنجي عزت کي ٽِڪو لاتو آهي.“

۽ مون سندس شاهد ٿيڻ قبوليو.

اسان ٻئي ٻاهر نڪتاسين. غيمون مون کي ڪيفي ۾ برانڊيءَ جو هڪ پيگ پياريو ۽ پوءِ اسان بلئرڊ راند ڪئيسين. مون ڏاڍي ڏيان سان راند ڪئي پر ٿوري تان هارائي ويٺس. انهيءَ کان پوءِ هن مون کي چڪلي هلڻ لاءِ چيو پر مون انڪار ڪيو، جو مون کي اوڏانهن وڃڻ اصل پسند ڪونہ هو. اسان جڏهن آهستي واپس پئي موٽياسين تہ هن ٻڌايو تہ هو پنهنجي محبوبا کان بدلو وٺي ڏاڍو خوش هو. هو طرح طرح جون مزيدار ڳالهيون ڪري مون کي وندرائيندو پئي هليو ۽ مان لطف وٺندو پئي آيس.

اسان جڏهن گهر پرسان پهتاسين تہ ٻڍو سالامانو دروازي جي چانئٺ تي پريشان بيٺل نظر آيو. سندس ڪتو پرسان ڪونہ هو. هن لاٽئون جيئن پئي ڦيريون پاتيون ۽ چوڌاري لوٽا هڻي پئي نهاريائين. ڪڏهن هال جي اونداهيءَ ۾ خونخوار اکين سان گهوريائين ٿي تہ ڪڏهن هيٺ مٿي گهٽيءَ ۾ ٿي نظرون ڊوڙايائين.

غيمون ڪانئس پڇيو تہ ساڻس ڪهڙي ويڌن هئي. پر هن ڪوبہ جواب نہ ڏنو. ٿوري دير کان پوءِ کيس چوندي ٻڌم: ”حرامي ... ڪچر... پڙوو.“ جڏهن ڪانئس پڇيم تہ سندس ڪتو ڪيڏانهن ويو تہ نڪ سوڙهو ٿي سُسي ويس ۽ تارا ڪڍي ڏاڙهيندي چيائين، ”جهنم ۾.“ ڪن رکي اوچتو چڻ ڦاٽ ڪاڏائين: ”مـان کيس پريڊ گـرائونڊ ڏانـهن وٺـي ويو هوس، جيئن هميشہ وٺي ويندو آهيانس. اُتي ميلو لڳل هو ۽ ايڏي تہ رش هئي جو چُرڻ بہ مشڪل هو. مان هڪ هنڌ ”هٿڪڙيءَ ۾ بادشاهہ“ ڏسڻ بيهي رهيس. جڏهن واپس وڃڻ لڳس تہ ڏٺم تہ ڪتو ڪونہ هو. کيس ڳچيءَ ۾ ننڍو

پٽو وجهي اڇڻ جو روز سوچيندو هوس پر مون کي اها خبر نہ هئي تہ هتي حرامي مون کان هيئن کسڪي ويندو."

غيمون کيس دلداري ڏيندو رهيو تہ فڪر جي ڳالهہ ناهي ڪتو پاڻيهي گهر موٽي ايندو. اهڙيون ڳالهيون بہ ٻڌايائين تہ ڪيئن نہ ڪتا ڪئين ميل پنڌ ڪري واپس پنهنجي مالڪن وٽ موٽي ايندا آهن. پر ائين ٿي لڳو ڄڻ انهن آٿتن کيس اڃي کان وڌيڪ بي چئن ٿي ڪيو.

"توهان کي خبر ناهي تہ پوليس جي ور چڙهي ويو تہ اهي اصل نہ ڇڏيندس. هھڙي خارش زده ۽ بيمار ڪتي جي هرڪو سنڀال ٿوروئي ڪري سگهي ٿو."

مون کيس ٻڌايو، "پوليس ٿاڻي تي هڪ خاص قسم جو ڍڪ هوندو آهي، جتي آواره ۽ رولو ڪتن کي بند ڪيو ويندو آهي. تنهنجو ڪتو بہ ضرور اُتي هوندو، جتان ڏنڊ ڏيئي واپس ملي سگهي ٿو." هن ڏنڊ بابت مون کان پڇيو، پر مان کيس جواب ڏيئي نہ سگهيس. انهيءَ کان پوءِ مٿس وري ساڳيو دؤرو پيو.

"انهيءَ جو مطلب اهو آهي تہ انهيءَ بيڪار ڪتي تي پيو بہ خرچ ڪريان؟ مون کي پرواهہ ناهي. منهنجي ليکي پلي کيس ماري ڇڏين." ۽ پوءِ هو پنهنجي ڪتي کي اڃي وانگر گاريون ڏيڻ لڳو.

غيمون ٿهڪ ڏنو ۽ هال ڏانهن مڙيو. مان سندس پويان ڏاڪڻ چڙهڻ لڳس. مٿي چڙهي هڪ ٻئي کان موڪلايوسين. ڪجهہ منٽن کان پوءِ سالامانو جي قدمن جي آهٽ ۽ پوءِ پنهنجي در تي کڙڪو ٻڌم. در کوليم تہ هو در جي چانئٺ تي بيٺو هو.

مون کيس اندر اچڻ لاءِ چيو پر هن ڪنڌ لوڏي ناڪار ڪئي. هو بوٽ جي ڦاٽل پٻ ۽ اڃيان نڪتل چمڙي ڏانهن گهوري رهيو هو ۽ سندس گهنجن وارا ڪمزور هٿ ڏڪي رهيا هئا. مون سان اکيون ملائڻ کان سواءِ ئي هن چوڻ شروع ڪيو، "ڪيئن سائين ميرسو، پوليس وارا مون کان ائين کسي سگهن ٿا يا نہ؟ پڪ سان اهي ائين نہ ڪندا. پر جيڪڏهن ائين ڪيائون تہ... خبر ناهي منهنجو ڪهڙو حال ٿيندو."

مون کيس چيو، "جيتري قدر سُڌ اٿم تہ آواره ۽ رولو ڪتن کي ڍڪ

۾ رکي، سندن مالڪن جو ٽن ڏينھن لاءِ انتظار ڪندا آھن. جيڪڏھن ڪو مالڪ نہ نڪرندو تہ جيئن وٺندو اٿن تيئن نيڪال ڪري ڇڏيندا آھن."

ھو ڪن پل لاءِ مون ڏانھن خاموشيءَ سان گھوريندو رھيو ۽ پوءِ موڪلائي ھليو ويو. انھيءَ کان پوءِ ڪجھہ وقت ڪيس سندس ڪمري مان ڪڏھن ٻاھر، ڪڏھن ھيٺ، ڪڏھن مٿي ويندي سنڀاليم ۽ پوءِ سندس بستري وڇائڻ جو آواز آيو. جيتوڻيڪ منھنجي ۽ ھن جي ڪمري جي وچ ۾ رکو پٽ ھئي ۽ آواز جھڪو ٿي ٻڌڻ ۾ آيو، تنھن ھوندي بہ ٻڍي جي ھلڪن سڏڪن جو آواز ٻُڌڻ ۾ پئي آيو.

اوڏي مھل، خبر ناھي ڇو، امان جون ڳالھيون رکي رکي ياد اچڻ لڳيون. ٻئي ڏينھن صبح سوير اُٿو ھوم تنھن ڪري ٻک جو بہ خيال نہ ٿيو ۽ ٻنان ڪاڏي ڪاٺ جي بستري تي وڃي ڪريس.

# 5

● غيمون مون کي آفيس ۾ فون ڪري ڇيو تہ ھن جنھن دوست جو ذڪر مون سان ڪيو ھو، ھن مون کي ايندڙ آچر تي پنھنجي نيڙي بنگلي تي گڏ گذارڻ جي دعوت ڏني آھي. سندس بنگلو الجيئر کان ٿورو ٻاھر پرو، سمنڊ جي ڪناري تي ھو. مون کيس ٻڌايو تہ مون کي اھا دعوت قبولي خوشي ٿيندي، پر مان انھيءَ آچر تي ھڪ ڇوڪريءَ سان گذارڻ جو وعدو ڪري چڪو آھيان. تنھن تي غيمون وراڻيو: "ڪيس بہ ساڻ وٺي اچ نہ. منھنجي دوست جي زال جڏھن ٻڌندي تہ انھيءَ مردن جي پارٽيءَ ۾ پاڻ اڪيلي نہ ٿيندي تہ ڪيس ڏاڍي خوشي ٿيندي."

منھنجو صاحب ڪڏھن بہ آفيس جي فون تي ذاتي فون ڪرڻ جي اجازت نہ ڏيندو آھي. اھا ڳالھہ وٺندي ئي نہ اٿس. پر غيمون مون کي ھولڊ آن ڪرڻ لاءِ چيو جو ڪيس اڃا بہ مون سان ڳالھائڻو ھو. ھن فون انھيءَ ڪري ڪيو ھو، جو ھونئن دعوت تہ سانجھيءَ جوبہ ڏيئي سگھيو ٿي.

"اصل ۾ ڳالھہ اھا آھي،" ھو چوڻ لڳو، "تہ صبح کان ڪي عرب منھنجي پويان پاڇي وانگر لڳل آھن. انھن مان ھڪڙو تہ انھيءَ ڇوڪريءَ

جو ٻاءُ آهي، جنهن سان منهنجو جهيڙو ٿيو آهي. واپس اچڻ مهل انهن کي گهر جي اوسي پاسي بيٺل ڏسين ته اطلاع ڪج."

مون سائس وعدو ڪيو.

انهيءَ ڪان پوءِ صاحب هڪدم مون کي پاڻ وٽ سڏايو. مان ڪن لاءِ پريشان ٿي ويس جو چاتم ٿي ته ضرور ڇنڀيندو ته پنهنجو ڪم ڪر ۽ فون تي دوستن سان ڳالهين ۾ وقت نه وڃاءِ. پر شڪر ٿيو جو هن اهڙي ڪابه ڳالهه نه ڪئي. هن جي ذهن ۾ منهنجي باري ۾ ڪا ڳالهه هئي جيڪا هن مون کي ٻڌائڻ ٿي چاهي ۽ هو پاڻ اُن باري ۾ ڪو فيصلو ڪري نه سگهيو هو. هن پيرس ۾ پنهنجي آفيس جي شاخ کولڻ ٿي چاهي، جيئن ٻين وڏين ڪمپنين سان لهه وچڙ ۾ اچي سگهجي ۽ ٽپال جي سرشتي جي اوٽاين جو شڪار ٿيڻ کان بچجي. هن مون کان اوڏانهن وڃي، انهيءَ شاخ ۾ ڪم ڪرڻ بابت پڇيو.

"تون نوجوان آهين،" هو چوڻ لڳو، "۽ مون کي پڪ آهي ته تون پيرس ۾ خوش گذارڻ چاهيندو هوندين ۽ سال ۾ ڪجهه مهينا فرانس به گهمي سگهندين."

مون کيس ٻڌايو ته مان وڃڻ لاءِ تيار آهيان، ڇو جو منهنجي لاءِ ساڳي ڳالهه آهي."

هن مون کان وري پڇيو، "ڇا توکي زندگيءَ ۾ نواڻ پسند ناهي؟" ۽ مون کيس وراڻيو، "ڪوبه پنهنجي اصلي زندگي بدلائي نٿو سگهي. سڀئي زندگيون هڪ جهڙيون آهن ۽ مان پنهنجي موجوده زندگيءَ مان مطمئن آهيان." انهيءَ تي مون کي هو خاموش نظر آيو. پر وري چوڻ لڳو ته مان هميشه نٽائيندو رهندو آهيان. مون ۾ ارادي جي مضبوطيءَ جي گهٽتائي آهي ۽ ترقيءَ ڪرڻ جو چاهه نه اٿم. تجارتي ڪاروبار سان واسطو هئڻ جي صورت ۾ اها هڪ وڏي اوڻائي آهي.

مان وري اچي ڪم ڪي لڳس. مون کيس پريشان ڪرڻ نٿي گهريو، انهيءَ ڪري سمجهيم ته بحث ڪرڻ مناسب ناهي جو انهيءَ مان پاڻ سندس مزاج خراب ٿيندو. مون ڏٺو ته مون کي شاگرديءَ جي وقت دوران اڳتي وڌڻ ۽ ترقيءَ ڪرڻ جو ڏاڍو چاهه هوندو هو. پر تعليم ختم ڪرڻ کان پوءِ

محسوس ڪيم تہ اهو سڀ اجايو هو.

ماري شام جو آئي ۽ اچي پڇيائين، "مون سان شادي ڪندين؟" مون ورائيو هو تہ مون کي ڪهڙو اعتراض آهي.

هن مون کان وري پڇيو تہ مون واقعي ڪيس پيار ڪيو ٿي. مون ڪيس وري بہ ساڳيو جواب ڏنو: "اهو بي معنيٰ سوال پڇڻ ئي اجايو آهي. انهيءَ سوال جو تہ جواب ئي ناهي." پر مون ڏٺو تہ ائين نہ هو.

"جڏهن تون ائين محسوس ڪرين ٿو تہ پوءِ مون سان شادي ڇو ٿو ڪرين؟"

ڪيس سمجهايم تہ اها ڳالهہ سچ پچ ڪا اهميت ڀري ڪانہ هئي. جيڪڏهن ڪيس ائين وڻي ٿو تہ هينئر ئي ٿا شادي ڪريون. ڪيس پڪ ڏنم تہ هوءَ جڏهن چوندي، انڪار نہ ڪندس.

تنهن تي هوءَ چوڻ لڳي تہ شادي هڪ گنڀير ۽ اهم مسئلو آهي.

مون ڪيس چيو تہ ائين ناهي.

انهيءَ تي هوءَ چپ ٿي ويئي ۽ مون ڏانهن عجيب نگاهن سان گهورڻ لڳي. پوءِ پڇيائين، "مثال طور ڪاهي ڇوڪري توکي شادي ڪرڻ لاءِ چوي... منهنجو مطلب آهي تہ اهڙي ڇوڪري جنهن کي تون پيار ڪندو هجين... ڇا تون ساڻس شادي ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندين؟"

"بلڪل." مون ورائيو.

پوءِ هوءَ چوڻ لڳي، "مان انهيءَ ڇڪتاڻ ۾ آهيان تہ مان توکي پيار بہ ڪريان ٿي يا نہ." مان ڪيس مطمئن ڪري نہ سگهيس. ڪجهہ دير ماٺ ڇانئجي ويئي. انهيءَ کان پوءِ ڪجهہ دير مون بابت ڀڻ ڀڻ ڪندي رهي: "عجيب ماڻهو آهين!"، "مان تہ ائين چونديس تہ انهن ڳالهين ڪري ئي تہ مان توکي پيار ٿي ڪريان." وري چوڻ لڳي، "پر اهو بہ تہ ٿي سگهي ٿو تہ هڪ ڏينهن توکان نفرت بہ انهيءَ ڪري ڪريان."

مان انهيءَ باري ۾ ڇا ٿي چئي سگهيس، انهيءَ ڪري ماٺ رهيس.

هوءَ ڪجهہ دير سوچيندي رهي ۽ پوءِ مُرڪي منهنجي ٻانهن جهلي ورجائي چوڻ لڳي، "هاڻي مان ترسي نہ ٿي سگهان. سچ پچ توسان شادي ڪرڻ ٿي چاهيان."

"ٺيڪ آهي،" مون وراڻيو، "جڏهن چاهين تڏهن شادي ڪنداسين."

پوءِ ڪيس ٻڌايم، "منهنجو صاحب مون کي پيرس موڪلڻ پيو چاهي." تنهن تي ماري پيرس هلڻ لاءِ پنهنجي مرضي ظاهر ڪئي. جڏهن مون ڪيس ٻڌايو ته مان پيرس ۾ ڪجهه عرصو رهي آيو آهيان ته مون کان پڇڻ لڳي، "ڪيئن آهي؟"

"منهنجي خيال ۾ ڏنڊ سان ڀريل ڪارو شهر آهي. ڪبوترن جا ولر ۽ اونداها ايوان آهن. ماڻهو رڳو پنهنجا منهن صاف ڪري اڇا اجرا ٿيو هلن ٿا."

پوءِ اسان شهر جي مکيه رستن تي گهمندي شهر جي ٻئي ڇيڙي تائين وڃي نڪتاسين. عورتون ڏاڍيون خوبصورت پئي لڳيون. ماريءَ کان ٻه ڀيرا ته ائين لڳو ٿي يا نه. هن به هاڪار ڪئي ۽ چيائين ته ڪيس انهيءَ جي خبر هئي. انهيءَ کان پوءِ ڪجهه منٽن لاءِ اسان ڪجهه به نه ڳالهايو. مون ڪانئس جدا ٿيڻ نه پئي چاهيو تنهن ڪري ڪيس سيليت واري ريسٽارنٽ ۾ ماني کائڻ جي آڇ ڪيم. هن چيو ته ڪيس ساڻس کائڻ ۾ ڏاڍو مزو اچي ها، پر هن اڳ ۾ئي رات جو ٻئي ڪنهن سان وعدو ڪيو هو. هاڻي اسان گهر ڀرسان اچي پهتا هئاسين. مون ڪانئس موڪلايو ته هوءَ منهنجي اکين ۾ اکيون وجهي نهارڻ لڳي.

"تون مون کان پڇين به نه ٿو ته اڄ رات منهنجي ڪهڙي مصروفيت آهي؟"

ڄاڻڻ برابر چاهيم ٿي پر ضرورت محسوس نه ڪيم. مون اندازو لڳايو ته ڪيس انهيءَ تي البت ناراضگي هئي. هن جي انهيءَ سوال تي شايد هڪو ٻڪو ٿي ويو هئس ته هوءَ اوچتو کلڻ لڳي ۽ مون طرف جهڪي پنهنجا اُجايل چپ منهنجي منهن ويجهو آڻي مون تي جهڪي پيئي.

مان سيليت جي ريسٽارنٽ ۾ اڪيلو ئي ويس. اڃا ماني کائڻ شروع ئي مس ڪئي هئم ته ٻندري قد جي هڪ عجيب عورت اندر گهڙي آئي ۽ مون کان ميز تي گڏ ويهڻ لاءِ پڇيائين. مون کو اعتراض نه ورتو ۽ هوءَ ويهي رهي. سندس چهرو ڀڪل صوف جهڙو گول مٽول هو ۽ اکيون ٻريس پئي. هلڻ جو اهڙو عجيب انداز هوس ڄڻ تار تي ٿي هلي. پنهنجو سوڙهو جنڪيٽ مٿي ڪري ويهي رهي ۽ ڏاڍي ڏيان سان مينو ڏسڻ لڳي. بعد ۾ هن سيليت کي سڏيو ۽ ڪجهه آڻڻ لاءِ آرڊر ڏنائين. سندس لهجو تمام تکو ۽ چٽو هو جيئن ڪو لفظ رهجي نه وڃي. ماني‌ءَ جي پهرين پليٽ جو انتظار ڪندي هن

پنهنجو ٿيلهو کوليو ۽ منجهانئس پني تڪر ۽ پينسل ڪڍي، بل جا پيسا اڳواٽ جوڙ ڪيائين. پوءِ ٿيلهي ۾ هٿ وجهي پٽون ڪڍيائين ۽ منجهانئس بل جي پوري رقم ۽ ڪجهہ ٽِپ لاءِ پيسا ڪڍي پنهنجي سامهون ميز تي رکي ڇڏيائين.

انهيءَ ڪان پوءِ ويٽر مانيءَ جي پهرين پليٽ کڻي آيو. جيڪا هن هيج وچان بکايل بگهڙ وانگر کائڻ شروع ڪئي. هاڻي جيستائين ٻي پليٽ اچي تيستائين هڪ ٻي نيري رنگ جي پينسل ۽ ايندڙ هفتي جي ريڊيو مخزن ٿيلهي مان ٻاهر ڪڍيائين ۽ مخزن ۾ هر روز جي پروگرام سامهون پينسل سان نشان ڪرڻ لڳي. انهيءَ مخزن ۾ درجن کن صفحا هئا جيڪي هن مانيءَ کائڻ دوران ڏيان سان پڙهي ڏٺا. جڏهن مون ماني کائي ورتي تڏهن بہ هن ساڳئي ڌيان سان نشان پئي ڪيا. ماني کائي پوري ڪرڻ کان پوءِ هوءَ اٿي ۽ جهٽڪو ڏيئي پنهنجي جئڪيٽ ٺيڪ ڪيائين. جڏهن هوءَ ڦڙتيءَ سان ريسٽارنٽ مان ٻاهر نڪتي تڏهن جسماني طرح هڪ مشين وانگر ٿي لڳي.

مون کي ڪو ڪم نٿي سمجهيو سو ٿوري مفاصلي تائين سندس پويان پئي ويس. هوءَ فٽپاٿ تي هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ کان سواءِ، سڌو اڳتي وڃي رهي هئي. سندس بندري قد کي خيال ۾ رکي اهو چوندس تہ هوءَ تمام غير معمولي تيزيءَ سان ايترو مفاصلو طئہ ڪري ويئي هئي جو سچ پچ مان کيس رسي نہ سگهيس ۽ هوءَ ڏسندي ڏسندي نظرن کان غائب ٿي ويئي ۽ مون کي لاچار موٽڻو پيو.

جيئن مان پنهنجي در ڏانهن مڙيس تہ ٻڍو سالامانو مليو. مون کيس پنهنجي ڪمري ۾ هلڻ لاءِ چيو تہ هليو آيو. کانئس ڪتي بابت پڇيم. وراڻيائين تہ سندس ڪتو پڪ سان وڃائجي ويو هو. ڍڪ ۾ بہ پڇا ڪرڻ ويو هو پر اُتي بہ ڪونہ مليو. اتان جي عملي کيس ٻڌايو تہ ڪتو گهڻو ڪري ڪنهن گاڏي هيٺ اچي ويو هوندو. جڏهن کانئن پڇيائين تہ ڇا پوليس ٿاڻي تي پڇا ڪرڻ ڪارائتو ٿيندو تہ هنن چيس تہ گهٽين جي رولو ۽ آواره ڪتن جي رڪارڊ کان پوليس کي وڌيڪ اهميت وارن مسئلن کي منهن ڏيڻو پوندو آهي. مون کيس صلاح ڏني تہ هو ٻيو ڪو ڪتو ڏاري، پر هن اهو دليل ڏنو تہ هو انهيءَ ڪتي سان اهڙو تہ هِري مِري ويو هو جو ٻيو ڪو

ڪتو اها جاءِ پري نٿي سگهيو.

مان پنهنجي بستري تي ٽنگون رکي ويٺو هوس ۽ سالامانو پنهنجي گوڏن تي هٿ رکي ميز پرسان ڪرسيءَ تي ويٺو هو. ڪيس پراڻو فيلٽ هَٽ پيل هو ۽ هيٺ لٽڪيل پيلين مُڇن هيٺيان منهن ۾ نه چاٿان ڪهڙي پڻ پڻ ڪري رهيو هو. مون ڏٺو ته هو بيزار ويٺو هو. پر مان ڪري به ڇا ٿي سگهيس. مون ڪي ننڊ به نٿي آئي پر ڳالهائڻ جاري رکڻ خاطر مون ڪانئس ڪتي بابت پئي سوال پڇيا ته تنهنجو ڪتو تو وٽ ڪڏهن کان هو وغيره. هن مون کي ٻڌايو ته جوڻس جي موت کان پوءِ اهو ڪتو ئي سندس اڪيلو ساٿي بچيو هو. سندس شادي البت دير سان ٿي هئي. جوانيءَ ۾ اداڪار ٿيڻ جو شوق هوندو هوس ۽ پنهنجي فوجي نوڪريءَ جي دوران ريجيمينٽ جي ناٽڪن ۾ سندس اداڪاريءَ کي ڏاڍو ساراهيو ويندو هو. پڇاڙيءَ ۾ هن ريلوي ۾ نوڪري ڪئي ۽ هاڻي ڪيس ڪو افسوس ڪونه هو جو هاڻي ڪيس ٿوري گهڻي مقرر پينشن به ملي ٿي. جوڻس ۽ سندس جو پاڻ ۾ نباهه نه هوندو هو پر هڪٻئي جي ڪم ضرور ايندا هئا. زال جي مرڻ کان پوءِ ڪيس هيڪلائي جو احساس ٿيندو هو. انهن ڏينهن ريلوي آفيس ۾ گڏ ڪم ڪندڙ هڪ دوست جي ڪتيءَ جا ڪافي گُلر هئا، جن مان هن هڪ ڪيس آڇيو، جيڪو ساٿيءَ جي طور تي قبول ڪيائين. شروع ۾ ڪيس بوتل ۾ کير پياريندو هو پر جيئن ته ڪتي جي ڄمار ماڻهوءَ جي ڄمار کان گهٽ ٿيندي آهي، انهيءَ ڪري ٻنهي ٻڍاپي ۾ گڏ قدم رکيو.

"ڏاڍو جهنگلي قسم جو وحشي ڪتو هو." سالامانو چوڻ لڳو، "گهڻو ڪري اسان برابر ڪِن خاص ڳالهين تي وڙهندا هئاسين، پر تنهن هوندي به ڏاڍو چڱو ڪتو هو."

مون ڪيس چيو ته اهو ڪتو چڱي نسل جو هو. انهيءَ تي ٻڍو ظاهري طرح ڏاڍو خوش ٿيو هو. "اوهه! پر توهان ڪيس بيماريءَ کان اڳ ڏسو ها نه! "هن چيو." ڏاڍو وڻندڙ هو ۽ حقيقت ۾ اهائي سندس خصوصيت هئي. خارش ۽ چمڙيءَ جي بيماري ٿيڻ کان پوءِ، هر رات ڪيس ملم لڳائيندو هوس ۽ بيماري ڇڏائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪيم، پر اصل بيماري ٻڍاپو هيس، جنهن جو ڪو علاج ئي ڪونهي."

مون کي اوڀاسي آئي ۽ ڀيڻو موڪلائڻ لڳو. مون ڪيس ترسڻ لاءِ چيو ۽ ڪتي جي گم ٿيڻ لاءِ افسوس ۽ همدردي جو اظهار ڪيم، جنهن جو هن ٿورو مڃيو ۽ ٻڌايائين ته امان به ڪتي کي ڏاڍو ڀائينيدي هئي. هن "امان" لاءِ "ويچاري" لفظ ڪم آندو هو ۽ سمجهيو هونداڻين ته مون کي امان جي موت جو ڏک ٿيو هوندو. جڏهن مون ڪو جواب نه ڏنو ته هو وري جلد پنهنجائيءَ واري لهجي ۾ چوڻ لڳو ته پاڙي وارن منهنجي باري ۾ اجايون سجايون ڳالهيون ٿي ڪيون جو مون امان کي ڀيڻ جي گهر ڏانهن اماڻي ڇڏيو هو. پر ڪيس اها چڱي طرح سڌ هئي ته منهنجي دل ۾ پنهنجي ماءُ لاءِ ڪيڏو نه احترام هو.

مان اجا تائين سمجهي نه سگهيو آهيان ته سندس انهيءَ ڳالهه جي جواب ۾ ائين چو چيو هوم ته تعجب آهي جو منهنجي لاءِ ماڻهن ۾ اهڙو خراب اثر ويٺل آهي. مان امان کي هتي گهر ۾ رهائڻ تي ايڏو خرچ برداشت نه ٿي ڪري سگهيس، انهيءَ ڪري ڪيس ڀيڻ جي گهر اماڻڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو ئي نه هو. دراصل هوءَ مون سان سالن کان ڪجهه ڳالهائيندي به نه هئي ۽ نه ڪو ساڻس ڳالهائڻ وارو به هو، تنهن ڪري ماٺ ۾ هوندي هئي.

"ها، برابر." هن وراڻيو هو، "هونئن به ڀيڻ جي گهر ۾ رهڻ سان چاڻ سڃاڻ وڌندي آهي." هو اٿيو ۽ ويندي ويندي چوڻ لڳو ته ڪيس سمهڻ ۾ دير ٿي ويئي آهي ۽ هاڻي هنن حالتن ۾ حياتي مصيبت بنجي ويئي آهي.

ساڻس واقفيت کان پوءِ اهو پهريون گهمرو هو جو هن پنهنجو هٿ مون ڏانهن وڌايو هو. مون البت هڪي سوچيو ۽ محسوس ڪيم ته سندس چمڙي مڇيءَ جي چلرن جهڙي هئي. هو جيئن در مان ٻاهر نڪتو ته وري موٽي آيو ۽ مُرڪندي چيائين، "گهٽ ۾ گهٽ ڪتا اڄ رات نه ڀونڪندا. جڏهن به انهن جو آواز ٻڌان ٿو ته ائين ٿو لڳي ڄڻ اهو منهنجي ڪتي جو آواز هجي."

# 6

● انهيءَ ڏينهن آچر جي صبوح جي وقت جاڳڻ به هڪ مصيبت هئي. ماري منهنجا ڪلها جهلي، منهنجو نالو زور سان پڪاريندي رهي تڏهن وڃي جاڳيس. اسان جلد سمنڊ جي پاڻيءَ ۾ ترڪڻ تي چاهيو. تنهن ڪري نيرڻ جي پچر ئي ڦٽي ڪري ڇڏيسون. مٽي ۾ هلڪو سور هو. شايد انهيءَ ڪري پهرين دڪايل سگريٽ جو ذائقو ڪوڙو ۽ تکو تي لڳو. ماري چوڻ لڳي ته اوڏيءَ مهل منهنجي شڪل ڪنهن ماتميءَ جهڙي تي لڳي. مان پاڻ کي ٿڪل ٽٽل ۽ موڳو محسوس ڪري رهيو هوس. کيس اڇو وڳو پاتل هو. وار ڇُڙيل هئس. مون کيس چيو، "تون پنهنجي سونهن سان قهر ٿي ڪرين." اهو ٻڌيءَ هوءَ خوشيءَ وچان ٽهڪ ڏيڻ لڳي.

ٻاهر نڪرندي ئي غيمون جو دروازو کڙڪايوسين. هن اندران ئي رڙ ڪري چيو، "توهان هلو، مان اِجهو آيس." منهنجي طبيعت اڳي ئي سُست ۽ ڍِلي هئي، وري جو اونداهي ڪمري مان نڪري رستي تي آياسين ته صبوح جو اُس جو تِڙڪو اکين تي مُڪ وانگر اچي لڳو.

پر ماري خوشيءَ وچان ڄڻ نچي پئي ۽ وَر ور ڪري چوڻ لڳي، "ڪيڏو نه وڻندڙ ڏينهن آهي!" ٿوري وقت کان پوءِ منهنجي طبيعت به ٺيڪ ٿي ويئي هئي ۽ بُک به محسوس ڪرڻ لڳو هوس. ماريءَ کي ٻڌايم ته هن کو ڌيان ئي ڪونه ڏنو. هن پاڻ سان هڪ ٿيلهو کنيو هو، جنهن ۾ وهنجڻ جو سامان ۽ توال رکيا هئائين. هاڻي پنيان غيمون کي در بند ڪندي ٻڌوسين. کيس نيري پتلون، اڌ ٻانهن واري اڇي قميص ۽ ڪکائون ٽوپلو پاتل هئا. مون ڏٺو ته سندس ٻانهن تي ڪارا وار هئا ۽ چمڙيءَ جو رنگ گورو هو. ڪکائون ٽوپلو ڀيل ڏسي ماري کلڻ لڳي. خود مون کي به عجب پئي لڳو. پر هو ڏاڍو خوش پئي نظر آيو ۽ سيٽيون وڄائيندو ڏاڪڻ لهي رهيو هو. هن مون کي "ڪيئن آهين يار" ۽ ماريءَ کي "ڪيئن آهين سائڻ" چئي مرحبا ڪئي.

گذريل شام جو مان ۽ غيمون ڳڏجي پوليس ٿاڻي تي ويا هئاسين، جتي غيمون طرفان شاهدي ڏني هئم ته عورت ساڻس ٺڳي ڪئي هئي. پوليس منهنجي بيان جي تصديق نه ڪئي ۽ غيمون کي اڳتي اهڙي حرڪت کان باز

اچڻ جي تنبيھہ ڪري ڇڏي ڏنو.

دروازي جي ڏاڪڻ تي ٿوري دير بيھي صلاح ڪندا رھياسين ۽ پوءِ فيصلو ڪيوسين تہ بس ۾ هلنداسين. هونئن تہ سمنڊ جو ڪنارو ايترو پري ڪونہ هو پر سوچيوسين تہ جيترو جلد پھچون اوترو چڱو هو. اسين جيئن بس اسٽاپ ڏانھن ٿي وياسين تہ غيمون مون کي قميص جي ٻانھن کان جھلي رستي جي ٻئي پر نھارڻ لاءِ چيو. مون ڏٺو تہ ڪي عرب تماڪ واري دڪان جي دريءَ سامھون چڪر لڳائي رھيا هئا. اهي خاص پنھنجي عربي انداز سان اسان ڏانھن گھوري رهيا هئا ڄڻ اسان ڪي پٿر يا سُڪل وڻ هئاسين. غيمون آهستي پڻ پڻ ڪندي چيو تہ ڪاٻي طرف کان ٻيو نمبر عرب "اهوئي ماٿهو" آهي ۽ مون محسوس ڪيو تہ غيمون ڏاڍو فڪرمند هو. پر ٻڌائيندو اهوئي رهيو تہ اها ڳالھہ تمام پراڻي آهي. ماريءَ ڪي سندس اهي ڳالھيون سمجھہ ۾ نہ ٿي آيون، تنھن پڇيو، "ڳالھہ ڪھڙي آهي؟"

مون ڪيس ٻڌايو تہ رستي جي پرئين پر جيڪي عرب بيٺا آهن، اُهي غيمون جا دشمن آهن. هوءَ اسان ڪي اُتان هلڻ وڃڻ لاءِ ضد ڪرڻ لڳي. انھيءَ تي غيمون کِليو ۽ بي فڪريءَ سان ڪُلھا لوڏيائين ۽ چوڻ لڳو، "سانئڻ نيڪ ٿي چوي. هتي بيھڻ مان ڪو فائدو ناهي." بس اسٽاپ جي اڌ پنڌ تائين پھتاسين تہ هن اکين جي ڪنڊن مان پٺيان نھاريو ۽ چيائين تہ اُهي پٺيان نٿي آيا. مون بہ مُڙي ڏٺو. اهي اڳي وانگر سڪٽين نگاهن سان انھيءَ جاءِ ڏانھن نھاري رهيا هئا، جتي ڪجھہ دير اڳ اسان بيٺا هئاسين.

بس ۾ ويھڻ کان پوءِ غيمون جي پيٽ ۾ ساھہ پيو. هاڻي هو ماريءَ ڪي وندرائڻ لاءِ ساڻس کِل مسخري بہ ڪرڻ لڳو. مون ڏٺو تہ ماريءَ کي مزو پئي آيو، پر مشڪل سان ڪجھہ ڳالھايائين ٿي. رکي رکي سندس اکيون منھنجي اکين سان اڙيون ٿي ۽ اسان مُرڪي ٿي ڏٺو.

اسان الجيئر کان ٻاهر اچي هيٺ لٿاسين. سمنڊ جو ڪنارو بس اسٽاپ کان ايتري پري ناهي. رڳو هڪ زمين جو مٿاهون حصو پار ڪبو تہ سامھون سمنڊ آهي. اهو زمين جو مٿاهون حصو سمنڊ جي ڪناري تائين وڃي ختم ٿئي ٿو. انھيءَ حصي تي پيليون پھٽيون ۽ جھنگلي نرگس جا گل پکڙيل آهن. انھن برف جي گولن جھڙن اڇن جھڳٽن پويان نيرو آسمان چانيل ڏسڻ ۾

پيو ايندو آهي. گرم ڏينهن ۾ اهو آسمان مضبوط نهري ڏاتوءَ جهڙو لڳندو آهي، ۽ اڄ بہ اهڙوئي پيو لڳي. ماري خوشيءَ وچان پنهنجو ٿيلهو گلن سان لڳائيندي، چوطرف پنکڙين جي ورڪا ڪندي، نچندي ٽپندي هلي رهي هئي. پوءِ اسان ٻنهي پاسن کان ننڍين ننڍين ننڍين گهرن جي وچان لنگهاسين. انهن گهرن جون بالڪنيون ڪاٺ جون ٺهيل هيون ۽ اڱڻ اڇي يا سائي رنگ سان رنگيل هئا. ڪي گهر تہ وڻن جي ڦهليل ٽارين پويان لڪل هئا ۽ ٻيا پٿريلي زمين تي اڪيلا بيٺا هئا. رستي جي ختم ٿيڻ کان اڳيئي، سمنڊ جو اٿاهہ سينو شيشي وانگر لسو سامهون ڦهليل ڏسڻ ۾ پئي آيو. پري اڳيان نڪتل ٻيٽ سامهون نظر پئي آيو، جنهن جي چوڌاري پاڻيءَ ۾ ان جو ميرانجهڙو پاڇو هو. خاموش هوا ۾ ڪٿان موٽر جي انجڻ جو هلڪو آواز ڪن پيو. پريان سمنڊ جي لسي متاڇري کي چيريندي هڪ مڇيمار ٻيڙي هوريان وڌندي نظر پئي آئي.

ماري ڪجهہ جهنگلي نرگس جا گل چونيا. سمنڊ جي ڪناري ڏانهن ويندڙ ريتيلي پيچري تي هلندي ڏئوسين تہ وهنجڻ لاءِ آيل ماڻهو اڳيئي ريتيءَ تي ويٺا هئا.

غيمون جي دوست جو ننڍڙو ڪاٺ جو بنگلو بلڪل سمنڊ جي ڪناري پرسان ٺهيل هو. بنگلي جي پٺ ڀاڙيءَ ڏانهن هئي ۽ اڳ وارو حصو ٽڪي تي بيٺل هو، جنهن سان پاڻي ٽڪرائجي رهيو هو. غيمون پنهنجي دوست جي واقفيت اسان سان ڪرائي. سندس نالو ماسون هو. ڊگهو قد، ويڪرا ڪلها ۽ سهڻو جسم. جوئس ٿلهي هئي پر ڏاڍي خوش مزاج هئي. قد ننڍو هئس ۽ ڳالهائڻ جو لهجو پيرس وارو هو.

ماسون اسان کي پڪ ڏني تہ اسان ڪو فڪر نہ ڪريون ۽ سندس گهر کي پنهنجو گهر سمجهون. ٻڌايائين تہ صبوح جو سوير مڇيءَ جو شڪار ڪري آيو هو، انهيءَ ڪري اسان کي منجهند جي مانيءَ ۾ تريل مڇي کارائيندو. مون کيس سندس ننڍڙي بنگلي جي مبارڪ ڏني تہ چوڻ لڳو تہ هو هفتي جا آخري ڏينهن ۽ موڪلون هميشه هتي ئي گذاريندو آهي. وري چيائين، "منهنجي زال بہ گڏ آهي، انهي ڪري وڏيڪ چوڻ جي ضرورت بہ ناهي." مون سندس زال ڏانهن نهاريو تہ ڏٺم تہ ماري ساڻس بي تڪلف ٿي ويئي هئي

۾ پئي ڪِلي رهيون هيون. شايد سنجيدگيءَ سان پهريون ڀيرو ساڻس شادي ڪرڻ بابت سوچيو هوم.

ماسون جي مرضي هئي تہ هڪدم هلي سمنڊ ۾ ترجي، پر سندس زال ۽ غيمون جي چُرڻ تي اصل مرضي نہ هئي. انهيءَ ڪري اسان ٽيئي ڄڻا- ماري، ماسون ۽ مان، سمنڊ جي ڪناري ڏانهن وياسين. ماري تہ هڪدم پاڻي ۾ ٽپي پئي پر مان ۽ ماسون ٿورو ترسياسين. ماسون آهستي ۽ هٻڪي ڳالهائيندو هو ۽ هر جملي ۾ ڏنم تہ پنهنجو تڪيو ڪلام ”ڀيو وري چا“ ڳنڍيندو ٿي آيو، پوءِ ڀلي ڪٿي پهرئين جملي جو ٻئي جملي سان واسطو هجي يا نہ هجي. ماريءَ جي باري ۾ چيائين، ”هوءَ بيحد خوبصورت آهي، ڀيو وري چا، ڏاڍي موهيندڙ آهي.“

پر مان سندس حرڪت جلد ئي سمجهي ويس، تنهن ڪري ڏانهس ڌيان ئي نہ ڏنم ۽ اُس سيڪيندو رهيس، جنهن مان مون کي ڏاڍو مزو پئي آيو. پيرن هيٺيان ريتيءَ جي گرمائش محسوس ٿي رهي هئي. جيتوڻيڪ ٿڃي هڻڻ لاءِ دل پئي چيو، پر منٽ ٻہ بيهي رهيس. نيٺ ماسون” هل تہ ڪِهڙون؟“ چئي پاڻيءَ ۾ ٽپي پيو. پهرين تہ هو پيرن سان هلي پاڻي جهاڳڻ لڳو، پر پوءِ جڏهن اونهي پاڻيءَ ۾ پهتو تہ ترڻ شروع ڪيائين. هو هٿ مٿان هٿ ڪڻندو، هوريان مٿو اڳيرو ڪندو ترندو ٿي ويو. مون بہ تنهن ڪري ڪانئس هٿ ڇڏائي ماريءَ کي جهليو. ٿڌي پاڻي مون کي عجيب راحت ۽ تازگي پئي ڏني. اسان هڪ ئي وقت ۾ رفتار سان اڳيرو ترندا پئي وياسين. ماري ۽ مان- هڪٻئي جي بلڪل ڀرسان هئاسين ۽ اهو احساس ڏاڍو وڻندڙ هو تہ منهنجي ۽ هن جي حرڪت ۾ ڪيئن نہ هم آهنگي هئي ۽ ڪيئن نہ ساڳئي اتساهہ سان پل پل پاڻيءَ جو مزو ماڻي رهيا هئاسين.

اسان ڪليل هنڌ تي پهچي پاڻيءَ تي ليٽي پياسين. جيئن ئي مون آسمان ڏانهن تِڪ ٻڌي پئي نهاريو تہ سج منهنجي چپن ۽ ڳلن جي لوڻاٺيل پاڻيءَ جي فلمبندي پئي ڪئي. هاڻي ماسون ڪناري ڏانهن واپس ترندو آيو ۽ سج هيٺيان ريتيءَ تي اچي پاڻ اُڇلايائين. پري کان هو ڪافي ڳؤرو ڏسڻ ۾ ٿي آيو، جڏهن وهيل مڇي ڪناري تي چڙهي آئي هجي. پوءِ ماري تجويز ڏني تہ گهوڙي گاڏيءَ وانگر جيئن بہ ڦيٿي گهوڙا گاڏيءَ ۾ گهوڙو پٺيان ٻڌبو آهي،

ترڻ ڳهرجي. هوءَ اڳيان آئي ۽ مون ڀنيان ڀنهنجون ٻانهون سندس چيلهه ۾ ويڙهي ڇڏيون. هو مون کي پاڻيءَ ۾ پنهنجي ٻانهن سان اڳيرو ڇڪيندي تي ويئي ۽ مان ڀنيان پيرن سان ڇڙهيون هڻي کيس اڳتي وڌڻ ۾ مدد ڪري رهيو هوس.

گهڻي دير پاڻيءَ کي هٿ هڻي اڏائڻ جو آواز منهنجي ڪنن ۾ گونجندو رهيو. تنهن ڪري راند مان تنگ ٿي پيس ۽ ماريءَ کي اُتي ئي ڇڏي هوريان ترندو، ڊگها ۽ اونها ساهه کڻندو پوئتي موٽيس. ڪناري تي پهچي، ماسون جي پرسان پيٽ ڀر پئجي رهيس. منهنجو منهن ريتيءَ ڏانهن هو ۽ مون ساهه پئي پٽيو. ماسون کي ٻڌايم، ”ڏاڍو مزو آيو.“ هن به هائوڪار ڪئي. سامهون ماري به واپس پئي آئي ۽ مان ڪنڌ کڻي کيس ايندي ڏسڻ لڳس. سندس بدن تي سمنڊ جو پاڻي چمڪي رهيو هو. وار پٺيان ٻڌل هئس. هوءَ هڪدم اچي منهنجي پرسان ليٽي پيئي ته اسان جي جسمن جي گڏيل گرمي ۽ سج جي گرمائش ۾ پنهنجو پاڻ کي ننڊاکڙو محسوس ڪرڻ لڳس.

ٿوري دير ڪان پوءِ، ماري منهنجي ٻانهن ڇڪيندي چيو، ”ماسون ته پنهنجي بنگلي ڏانهن هليو ويو. شايد مانيءَ جو وقت ٿي ويو آهي.“ مون کي بُک ڏاڍو ستايو هو، تنهن ڪري هڪدم ٽپ ڏيئي اٿيس، پر ماري مون کي چيو ته صبوح کان کيس مون هڪ ڀيرو به چميو نه هو. ائين برابر هو، جيتوڻيڪ مون کئين ڀيرا کيس چُمڻ چاهيو به هو. ”اچ ته وري پاڻيءَ ۾ هلون.“ هن چيو ۽ اسان ڊوڙي سمنڊ ۾ ٽپي پياسين ۽ ڪجهه دير لهرن ۾ اونڌا ٿي ليٽيا رهياسين. ڪجهه اڳيرو تري جڏهن پاڻي اسان جي مٿن ڪان مٿي لنگهي ويو ته هن پنهنجون ٻانهون منهنجي چوڌاري ورائي ڇڏيون ۽ مون کي پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳائي ڇڏيائين. سندس ٽنگون پنهنجي ٽنگن ۾ اڙيل محسوس ڪيم ۽ منهنجو تن من خوشيءَ مان اُڇلون ڏيڻ لڳو.

جڏهن اسان پئي موٽياسين ته ماسون پنهنجي بنگلي جي ڏاڪڻ تي بيهي اسان کي سڏي رهيو هو. پهچندي ئي چيم ته مون کي ڇتي بک لڳي آهي. هن جهٽ پنهنجي زال ڏانهن منهن ڪري چيو ته مان کيس وڻي ويو هوس. ماني ڏاڍي سوادي هئي. مون پنهنجي حصي جي سموري مڇي کائي ڇڏي. پوءِ تريل گوشت ۽ پٽاٽا آيا. کائڻ جي وچ ۾ اسان مان ڪنهن به نٿي

ڳالهايو. ماسون ويو ٿي شراب جا گلاس هڪٻئي مٿان چاڙهيندو ۽ منهنجو گلاس خالي ٿيڻ شرط ڀري ٿي ڇڏيائين. جڏهن ڪافيءَ جو دؤر هليو تہ مون تي خمار چڙهيل هو. انهيءَ ڪري ويس ٿي سگريٽ مٿان سگريٽ ڇڪيندو. ماسون، غيمون ۽ مون گڏجي پروگرام ٺاهيو تہ آگسٽ مهينو گڏيل خرچ تي گڏجي سمنڊ جي ڪناري تي گذارجي.

اوچتو ماري حيران ٿي چيو، "مان چوان ٿي تہ وقت جي بہ تہ سڌ اٿو؟ ساڍا يارهن وڳا آهن!"

اسان سڀني کي عجب لڳو. ماسون چيو: "اسان منجهند جي ماني سوير کائي ورتي آهي، پر منجهند جي ماني پنهنجي وس جي ڳالهہ آهي، جڏهن وڻي تڏهن کائجي."

انهيءَ تي ماريءَ کي کل اچي ويئي. شايد سرس پي ويئي هئي.

پوءِ ماسون مون کان سمنڊ جي ڪناري تي گهمڻ لاءِ هلڻ جو پڇيو.

"منهنجي زال منجهند جي مانيءَ کان پوءِ هميشہ ٿوري ننڊ ڪندي آهي." هن چيو، "ذاتي طرح هو مون سان سهمت نہ ٿي ٿئي. مان مانيءَ کان پوءِ ٿورو گهمڻ چاهيندو آهيان. کيس هميشہ چوندو آهيان تہ ائين صحت لاءِ ضروري آهي. پر کيس بہ پنهنجي راءِ رکڻ جو حق آهي."

ماري اُتي رهي برتن صاف وغيره ڪرڻ ۾ مدد ڪرڻ جو پڇيو تہ ماسون جي زال کيس چيو، "اها تہ چڱي ڳالهہ آهي. پر اول مردن کي هتان نڪرڻ ڏي." سو اسان گڏجي ٻاهر نڪري وياسين.

سج ڪاپار تي هو. تنهن ڪري ڪِرڻا سڌو زمين تي ٿي پيا، جن جو اولڙو پاڻيءَ تي پئجي رهيو هو ۽ اکين کي لڳو پئي. سمنڊ جي ڪناري تي ويراني ۽ ماٺ ڇانيل هئي. ڪناري وارن بنگلن مان ڇرين، ڪانٽن ۽ چينيءَ جي ٿانون جو جيڪڏهن ٿورو بہ آواز ٿي ٿيو تہ اهو ٻڌڻ ۾ پئي آيو. تکرين تان گرمي ڪڇيو پئي آئي، جنهن ڪري ساهہ کڻڻ بہ ڏکيو پئي لڳو.

اول تہ غيمون ۽ ماسون اهڙن شخصن ۽ اهڙين ڳالهين بابت ڳالهائي رهيا هئا، جن جي مون کي خبر نہ هئي، پر اهو ڄاتم آهي ٻئي هڪٻئي کان ڪافي وقت کان واقف آهن ۽ ڪجهہ وقت گڏ گذاريو اٿن. اسان سمنڊ جي ڪناري جو ڀَر ڏيندا هلڻ لڳاسين، جتان گهڙي گهڙي پاڻيءَ جي لهرن اسان

جا ڪينواسي بوٽ پئي پسايا. سج جي روشني منهنجي اگهاڙي مٿي تي سڌو پئجي رهي هئي ۽ پاڻ کي ننڍاڪڙو محسوس ڪري رهيو هوس، تنهن ڪري ڪجهه به نه ٿي سوچي سگهيس.

اوچتو غيمون، ماسون کي ڪجهه چيو، جيڪو مان سمجهي نه سگهيس، پر اوڏي مهل منهنجي نظر نيرا چوغا پهريل ٻن عربن تي پيئي، جيڪي پريان ڪنارو وٺيو اسان ڏانهن وڌندا پئي آيا. مون غيمون کي اک جو اشارو ڪيو ته هن به ڪنڌ لوڏي چيو، "اهي ئي آهن." اسان بدستور هلندا رهياسين. ماسون حيران هو ته هنن اسان کي ڪيئن ڳولي لڌو. منهنجي خيال ۾ هنن اسان کي بس ۾ چڙهندي ڏٺو هو ۽ ماريءَ جي هٿ واري وهنجڻ جي ٿيلهي جي نشانيءَ تي اسان کي سڃاڻي ويا هئا. پر مون ڪجهه به نه ڳالهايو.

جيتوڻيڪ عرب ڪافي آهستي پئي آيا، پر هاڻي اهي اسان جي ويجهو اچي پهتا هئا. اسان پنهنجي رفتار ۾ ڪو ڦيرو نه آندو، پر غيمون چيو، "جيڪڏهن ڪو مقابلو ٿئي ته ماسون، تون ٻئي نمبر واري کي منهن ڏج. منهنجي ڪڍ جيڪو همراهه آهي، تنهن کي مان پاڻيهي سِڌو ڪندس. ۽ ميرسو تون تيار رهج. جيڪڏهن ٽيون به ڪو اچي نڪري ته هن کي تون ڏسج."

مون چيو ته فڪر نه ڪر. ماسون پنهنجا هٿ کيسن ۾ وجهي ڇڏيا.

ريتي باهه وانگر ٻري رهي هئي ۽ پڪ سان چوان ٿو ته رنگ تپي ڳاڙهو ٿي ويو هوس. اسان جي ۽ عربن جي وچ ۾ مفاصلو گهٽبو پئي ويو. اسان ڪجهه وکن جي پنڌ تي هئاسين ته اهي بيهي رهيا. ماسون ۽ منهنجي رفتار ڍري ٿي ويئي پر غيمون سڌو انهيءَ عرب ڏانهن وڌي ويو. هن جيڪي ڪجهه چيس، مون نه ٻڌو، پر عرب پنهنجو ڪنڌ اهڙي طرح جهڪايو ڄڻ غيمون تي حملو ڪندو هجي. غيمون ماسون کي رڙ ڪئي ۽ پاڻ عرب مٿان حملو ڪيائين. ٻئي طرف ماسون ٻئي عرب مٿان ٽٽي پيو ۽ ڪيس پوري طاقت سان اهڙا ٻه ڌڪ هنيائين جو هوُ ٻُئي ڀر پاڻيءَ ۾ ڪري پيو، جتي ٻنان چرپر جي ڪجهه سيڪنڊ پيو رهيو ۽ سندس مٿي جي چوڌاري پاڻيءَ جا ڦوٽا اڀري آيا. انهيءَ وچ ۾ غيمون پنهنجي شڪار کي ايترو ماريو جو سندس منهن رتورت ٿي ويو، ۽ پوءِ مون کي تيڏي نگاهه سان نهاريندي چيائين، "تون ويٺو ڏس! اڃا هن کي نيچونوائي به ٽڪو ناهيان."

”ڏس ڏس،“ مون رڙ ڪئي، ”هن وٽ چاقو آهي.“

پر شايد مون دير سان چيو هو. هن غيمون جي ٻانهن ۾ منهن چاقوءَ سان زخمي ڪري وڌا هئا.

ماسون اٽي اڳيرو وڌيو. ٻيو عرب پاڻيءَ مان نڪري چاقو واري عرب پويان بيهي رهيو. اسان ڏانهس وڌڻ جي همت ئي نه ڪئي. ٻئي ڄڻا اسان ڏانهن چاقو سامهون ڪري پويان هٽڻ لڳا. پر سندن نظرون اسان تي چوڪس هيون. اهي جڏهن محفوظ مفاصلي تائين پهتا، تڏهن ڀُڄ ڏيئي وٺي ڀڳا. اُس مٿي تي هتوڙا پئي هنيا ۽ اسان ماٺ ڪيو بيٺا هئاسين. غيمون ٿونٽ جي مٿان زور ڏيئي رهيو هو، جنهن ڪري سندس زخميل ٻانهن مان رت ڦڙو ڦڙو ٿي وهي رهيو هو.

ماسون هڪ ڊاڪٽر جي باري ۾ ٻڌايو جيڪو هميشه آچر جي موڪل سمنڊ ڪناري اچي گذاريندو هو. تنهن تي غيمون چيو، ”پوءِ ته ڏاڍو سٺو. هلو ته هڪدم هلون.“ سندس منهن واري زخم مان رت وهڻ سبب، هو اهي لفظ ڏاڍي مشڪل سان ڳالهائي سگهيو هو.

اسان ڪيس ٻانهن کان سهارو ڏيئي بنگلي ڏانهن واپس وٺي وياسين. اتي پهچڻ تي غيمون چيو ته زخم ايترا گهرا نه آهن تنهن ڪري هو پاڻيهي ڊاڪٽر ڏانهن هليو ويندو. ماري ڪيس ڏسي پيلي ٿي ويئي هئي ۽ ماسون جي زال جي اکين ۾ لڙڪ تري آيا هئا.

ماسون ۽ غيمون ڊاڪٽر ڏانهن هليا ويا ۽ مون کي پويان بنگلي تي عورتن کي آٿت ڏيڻ لاءِ ڇڏي ويا جيئن مان کين سربستي ڳالهه ڪري ٻڌايان. منهنجي ته دل ئي نه ٿي لڳي. آهستي آهستي جوش ۽ غمگيني دور ٿيندي ويئي، تنهن ڪري سمنڊ ڏانهن تڪيندي سگريٽ پيئڻ لڳس.

غيمون، ماسون سان گڏجي ڏيڍ وڳي واپس اچي ويو. ٻانهن تي پٽي ٿيل هيس ۽ ڇهري جي هڪ پاسي کان پلستر جو ٽڪر چنبڙيل هو. ڊاڪٽر خاطري ڏني هئي ته خطري جي ڪا ڳالهه نه آهي، پر هو ڏاڍو اُداس پئي لڳو. ماسون ڪيس کلائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر سڀ اجائي ويئي.

اوچتو غيمون چيو ته مان سمنڊ جي ڪناري تي چڪر ڏيڻ ٿو وڃان. مون ڪانئس پڇيو ته سندس ارادو ڪيڏانهن وڃڻ جو آهي ته ”تازي هوا

ڪائڻ" جي باري ۾ ڪجهہ چيائين. مون ۽ ماسون ڪيس ساڻ گڏجي هلڻ لاءِ چيو تہ ڪاوڙجي ويو ۽ چيائين، "توهان پنهنجي ڪم سان مطلب رکو." ماسون چوڻ لڳو تہ اسان کي هن حالت ۾ ضد ڪرڻ نہ گهرجي. پر سندس وڃڻ کان پوءِ مان بہ سندس پٺيان روانو ٿيس.

ٻاهر چڻ ٻاهہ جو ڪورو هو. اُس، ريتي ۽ سمنڊ تي ٻاهہ جي شعلن جو ٻوُرو پئي چنڊيو. اسان ٻئي ڪجهہ دير هلندا رهياسين. منهنجي خيال ۾ غيمون ڪنهن خاص مقصد لاءِ ڪيڏانهن وڃي رهيو هو. پر شايد ٿي سگهي ٿو تہ مان ڀليل هجان.

سمنڊ جي ڪناري جي ڇيڙي تي هڪ ننڊي نهر تي آياسين. اها نهر وڏي ٽڪريءَ جي پويان ٻاهر نڪري وڏي نهر جي صورت ۾ وڃي ٿي سمنڊ ۾ ملي. اُتي وري انهن ٻن عربن کي ڏٺوسين جيڪي پنهنجي نيرن چوغن ۾ ريتيءَ تي ليٽيا پيا هئا. اهي اسان کي ڏاڍا معصوم ٿي ڏسڻ ۾ آيا. چڻ سندن دل ۾ ڪو ساڙ نہ هو. اسان جي پهچڻ تي ڪابہ حرڪت ڪانہ ڪيائون. جنهن عرب غيمون کي زخمي ڪيو هو، ٻنان ڳالهائڻ جي ڪيس گهوري رهيو هو. ٻيو ڇٺو بنسريءَ مان سُر آلاپي رهيو هو. هن هر هر ساڳيو سُر ٿي آلاپيو ۽ ساڳئي وقت ٽيڏي نظر سان اسان ڏانهن لياڪو ٿي پاتائين.

ڪجهہ دير لاءِ ڪوبہ حرڪت ۾ نہ آيو. نهر جي وهڪري جي آواز ۽ ڌيمي سُر جي آلاپ کان سواءِ چؤطرف رڳو اُس ۽ ماٺ ڇانيل هئي. غيمون پنهنجو هٿ رِوالور واري کيسي ۾ وڌو، پر عربن ڪا چُرپر نہ ڪئي. مون ڏٺو تہ بنسري وڄائيندڙ عرب جا پَٻ گهٺو ڪري پيرن جي گوني ڪَنڊ تي ٻاهران ڦريل هئا.

غيمون عربن ۾ اکيون کپائي مون کي چيو، "ڪريانس ختم؟"

مون هڪدم ڦرتيءَ سان سوچيو تہ جيڪڏهن منع ڪيم تہ هو جنهن حالت ۾ آهي، هڪدم ڪاوڙجي ڪيس شوٽ ڪري ڇڏيندو، تنهن ڪري جيڪا ڳالهہ ذهن ۾ آئي سا ئي چيم، "هن توسان ڪجهہ ڳالهايو بہ ناهي. ٻنان ڇتاءَ جي گولي هلائڻ ڪريل ڳالهہ ٿيندي."

وري ڪجهہ وقت لاءِ نهر جي وهڪري جي آواز ۽ گرم ۽ گهٽيل هوا ۾ بنسري جي سُرن کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ٻڌڻ ۾ نہ ٿي آيو.

”چڱو.“ غيمون آخر ۾ چيو، ”جيڪڏهن تون ائين ٿو چئين ته پهرين مان ڪيس بيعزتو ڪريانس ٿو. موٽ ۾ ڪجهه چيائين ته پوءِ پنهنجي ڪارروائي ڪندس.“

”ٺيڪ آهي.“ مون وراڻيو. ”پر جيستائين هو پنهنجو چاقو ٻاهر نه ڪڍي تيستائين توکي شوٽ ڪرڻو ناهي.“

غيمون ٻي ڇٽن ٿي ويو. بنسري وارو عرب بنسري وڄائڻ ۾ مشغول هو. ٻئي اسان جي هرڪا حرڪت چڱي طرح جاچي رهيا هئا.

”ٻڌ،“ مون غيمون کي چيو، ”مون کي پنهنجو روالور ڏي ۽ تون ساڄي پاسي واري عرب کي وٺينس. ٻئي جڏهن ٿوري به حرڪت ڪئي يا چاقو ڪڍيو ته مان ڪيس پاڻيهي پڇندس.“

غيمون جڏهن مون کي روالور ڏنو ته اُس ۾ اُهو چمڪي پيو. پر ان وقت تائين ڪنهن به حرڪت نه ڪئي. ائين ٿي لڳو ڄڻ هر شيءِ چئني طرفن کان اسان کي اهڙي طرح سوگهو ڪيو هو جو هڪ آڱر به چوري نه ٿي سگهياسين. اسان رڳو اکيون ڇنيڻ کان سواءِ هڪ ٻئي کي ڏسي رهيا هئاسين. اُن پل ائين محسوس ٿيو ڄڻ سموري دنيا، اُس ۽ سمنڊ درميان ريتيءَ جي پٽي تي، بنسري ۽ نهر جي سناٽي جي وچ ۾ بيهي ويئي آهي. اُن مهل منهنجي دل ۾ آيو ته گولي هڻجي يا نه هڻجي، ڳالهه مڙيئي ساڳي آهي.

پوءِ اوچتو ٻئي عرب گم ٿي ويا. ٻئي ڄڻا ڪِرڙين وانگر رڙهندا، ٽڪرين پويان کسڪي هليا ويا هئا. لاچار اسان موٽي آياسين. غيمون هاڻي خوش نظر پئي آيو ۽ بس ۾ واپس هلڻ جو چيائين.

بنگلي تي پهتاسين ته هو ڪاٺ جي ڏاڪڻ چڙهي مٿي هليو ويو پر مان هيٺ بيٺو رهيس. اُس مٿي تي ڏک هڻي رهي هئي، تنهن ڪري همت ئي نٿي ٿي جو مٿي چڙهي وڃي عورتن اڳيان سرخرو ٿيان. پر گرمي ايڏو عروج تي هئي جو آسمان مان لهي انڌو ڪندڙ اُس جي ٻوڏ ۾ بيهڻ اجايو به سهڻ کان ٻاهر هو. آتي بيهڻ يا هلندو رهڻ ۾ ڪو فرق نه هو. ڪن ڪان پوءِ سمنڊ جي ڪناري تي موٽي ويس ۽ ائين ئي هلڻ لڳس.

نيڻ- نهار تائين ساڳي ڳاڙهاڻ ڇانيل هئي. ننڍڙيون ڇوليون وحشياڻي ساهه ۾ پرجي ڪوسي ريتيءَ کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيو هو. مان جيئن

آئي ٿي. لهرن جي آواز ۾ هاڻي ڪجهه وڌيڪ سستي ۽ ماٺار اچي ويئي هئي، پر اُس جي تيزيءَ ۾ ڪو فرق نه آيو هو. جيڪا اڳي وانگر ريتيءَ جي ڏکهي پٽي تي پٽجي رهي هئي ۽ ٽڪريءَ وٽ چيڙو ٿي ڪيائين. ٻن ڪلاڪن کان ائين ٿي ڏسڻ ۾ آيو ته سج ٿورو به اڳتي چريو نه هو ۽ سمنڊ ڄڻ پگهريل رُڪ بڻجي ويو هو، جنهن ۾ سج هڪ هنڌ روڪجي ويو هو. پر اُفق ۾ ڪو جهاز گذرندي ڏسڻ ۾ آيو. نظرون عرب ۾ رکي، تيڏي نگاهه سان بس ايترو ڄاتم ٿي ته هڪ ڪارو ٽِڪو سرڪندو پئي ويو.

اوچتو طئه ڪيم ته ڇو نه پويان ڦري کسڪي وڃان ۽ انهيءَ باري ۾ سوچڻ جي مصيبت کان ڇٽي پوان. پر سمنڊ جي ڪناري تي گرمي ڇانيل هئي جنهن جي دٻاءُ هيٺ منهنجي پٺي جهڪيل هئي. مان ڪجهه وکون اڳتي نهر ڏانهن وڌيس. عرب اصل چريو ئي نه ٿي، پر اسان جي وچ ۾ ڪجهه مفاصلو هو. شايد سندس منهن تي پاڇو هئڻ ڪري مون ائين محسوس ڪيو ڄڻ هو مون کي ويچارا ڏيئي کلي رهيو هجي.

مان بيهي رهيس. گرميءَ ۾ منهنجا ڳل سڙڻ لڳا. پگهر جا ڦڙا منهنجي ڀرن کي ڦري آيا. اها گرمي هوبهو امان جي ڪفن دفن واري ڏينهن جهڙي اڻ سُهائيندڙ هئي. خاص ڪري منهنجي پيشانيءَ جون رڳون ته اصل ڦاٽي ٿي پيون. جڏهن ڏٺم ته هاڻي قصو سهڻ کان ٻاهر ٿي ويو آهي ته اڳتي وک کنيم. مون ڄاتو ٿي ته ائين ڪرڻ بيوقوفي هئي ۽ هڪ وال به اڳيان وڌي وڃڻ سان اُس کان بچي نه سگهبو، پر مان وک کڻي چڪو هوس. فقط هڪ وک کنيم ته عرب تيزيءَ سان اُس کي چيريندي چاقو ڪڍي مون ڏانهن وڌيو.

رُڪ مان هڪ روشنيءَ جو تروَرو نڪتو ۽ مون محسوس ڪيو ڄڻ هڪ ڏکهي ۽ سنهي ڌار منهنجي پيشانيءَ ۾ کپي ويئي هجي. انهيءَ کن ۾ اهو سڀ پگهر جيڪو ڀرن تي گڏجي ويو هو، اکين مٿان وهي هليو ۽ ڏند جي پردي ۾ ڍڪي ڇڏيائين. پگهر ۽ لڙڪن جي انهيءَ ڪاري پاٽيٽ جي پردي پويان منهنجون اکيون ڏسڻ کان نابري واري ويٺيون. رڳو هوش سج جي ڪڙتال جو هو جيڪا منهنجي مٿي سان لڳي وڃي رهي هئي. وڌيڪ هوش اهو هو ته چاقو مان روشنيءَ جو تروَرو نڪري منهنجي اکين جي ڇنبڙين کي چيري اکين جي ماڻڪين ۾ ٽنبجي رهيو هو.

منهنجي اکين اڳيان چڻ فلم هلي رهي هئي. سمنڊ مان ٻاهه ۾ ويڙهيل هڪ لهر آئي ۽ سڄو آسمان هڪ ڀيڄڙيءَ ڪان وٺي ٻي ڀيڄڙيءَ تائين ٻه ٽڪر ٿي پيو، ۽ ڇيد ۾ هڪ شعلو پيهي ويو. منهنجي جسم جي هر رڳ ڄڻ رَڳ جو اسپرنگ ٿي ويئي ۽ منهنجو هٿ مضبوطيءَ سان روالور ۾ پختو ٿي ويو. گهوڙو دٻجي ويو ۽ روالور جي هٿئي جو لسو تَرو منهنجي هٿ ۾ هر هر لڏيو پئي ۽ اهڙيءَ طرح انهيءَ بي ترتيبيءَ سان ٽٽل ڇهبڪ جهڙو نڪاءُ ٿيو. پڳهر ۽ ڏنڊ جي پردي ڪي مون اکين تان اگهي ڇڏيو. مون چاتو ته مون ڏينهن ڪي لوڏي ڇڏيو هو. مون سمنڊ جي ڪناري واري بي انت ۽ بي زوال خاموشيءَ ڪي به ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيو هو، جنهن تي اڄ سارو ڏينهن خوش هوس. پر پوءِ به مون انهيءَ بي جان جسم تي چار گوليون پيون به چوڙيون، جن جو ڪوبه ظاهري نشان نه ٿي ذسڻ ۾ آيو ۽ هر پيو فائر منهنجي تباهيءَ جي در تي وڏيڪ زوردار نڪاءُ وانگر لڳي رهيو هو.

# ذاربو

**یاگو بیون**

# ٻاگو ٻيون

## 1

گرفتاريءَ کان جلدي پوءِ مون کان ڪيترائي ڀيرا ڀڇاڳاڇا ڪئي ويئي پر اها منهنجي سڃاڻپ وغيره جي باري ۾ رسمي هئي. پوليس ٿاڻي تي جيڪا اوائلي ڀڇاڳاڇا ٿي هئي، انهيءَ ۾ ڪوبه ٻهرو وٺندي ڏسڻ ۾ نٿي آيو. پر هفتي کان پوءِ جڏهن مئجسٽريٽ اڳيان پيش ڪيائون ته مون ڏٺو ته هن مون کي هڪ خاص دلچسپيءَ واري نظر سان ڏٺو ٿي ۽ ٻين وانگر هن به نالو، پتو، ڌنڌو ۽ ڄمر جي تاريخ ۽ هنڌ پڇيا. پوءِ مون کان پنهنجو وڪيل ڪرڻ بابت پڇيائين. مون ڪيس نهڪر ڪئي. مون انهيءَ باري ۾ سوچيو به نه هو، تنهن ڪري پڇيم ته ڇا حقيقت ۾ منهنجي لاءِ وڪيل ڪرڻ ضروري آهي. تنهن تي هن چيو، "اها به ڪا پڇڻ جي ڳالهه آهي." مون چيو ته مون کي اهو مقدمو تمام رواجي ٿو لڳي. هن مرڪي چيو، "توکي برابر ائين ڏسڻ ۾ ٿو اچي، پر قانون جي پوئيواري ڪرڻي آهي. جيڪڏهن تون وڪيل نه ڪندين ته عدالت خود تنهنجي وڪيل مقرر ڪرڻ جو بندوبست ڪندي."

مون کي اهو انتظام واهه جو لڳو، جنهن ۾ عدالت اهڙي قسم جا تفصيل به چڪاسيا ٿي. مون ڪيس اهو ٻڌايو ته هن به ڪنڌ لوڏي مڃيو ته مان جيڪي ڪجهه چوان ٿو، اهو سڀ قانون ۾ آهي.

شروع ۾ ته مون سندس ڳالهين کي سنجيدگيءَ سان نه ورتو هو. جنهن ڪمري ۾ هن مون کان سوال جواب ڪيا هئا، اهو هڪ عام رواجي ويهڻ جهڙو ڪمرو هو، جنهن جي درين تي پردا ڏنل هئا ۽ ميز تي ٽيبل-ليمپ رکيل هئي، جنهن جي روشني منهنجي ڪرسيءَ تي پئجي رهي هئي ۽ سندس چهرو اونڌهه ۾ هو.

اهڙن نظارن بابت مون ڪتابن ۾ پڙهيو هو ۽ شروع ۾ مون کي اهو سڀ ڪجهه هڪ راند وانگر پئي لڳو. انهيءَ گفتگو کان پوءِ، مون ڪيس

هڪ نظر ڏٺو. قداور، سهڻو مهانڊو، گهريون نيريون اکيون، گهاٽيون اَڇيون مُڇون ۽ برف جهڙا اڇا گهاٽا وار. جنهن مان اندازو ٿيو ٿي تہ هو ذهين ۽ مجموعي طرح وڻندڙ شخصيت وارو شخص آهي. البت هڪ ڳالهہ جنهن کيس اڻوڻندڙ بنايو ٿي، اها هئي سندن چهري تي مرڪ. جيڪا هڪ حرڪت وانگر گهڙيءَ گهڙيءَ ٻاٽمرادو سندس منهن تي اچي ٿي ويئي. ٻاهر نڪرڻ وقت ساٿس موڪلائيءَ کندي هٿ ملائيندي ملائيندي روڪجي ويس جو اوڏيءَ مهل ياد آيو تہ مان تہ قتل جي ڏوهہ ۾ آيو هئس.

ٻئي ڏينهن هڪ وڪيل منهنجي ڪوٺڙيءَ ۾ لنگهي آيو. هو بندرو، ڪمزور ۽ ڇوڪرن جهڙو لڳو ٿي. مٿي جا وار تيلهاٽا هئس، جيڪي چمڪيا پئي. مون کي ٻانهن وري قميص پاتل هئي، پر کيس گرميءَ جي باوجود ڪارو سوٽ، سخت ڪالر ۽ ڏيکاءُدار ويڪرين ڪارين ۽ اڇين پٽين واري ٽاءِ پاتل هئي. هن پنهنجو ٿيلهو منهنجي کٽ تي رکڻ کان پوءِ پنهنجي واقفيت ڪرائي ۽ چيائين تہ هن منهنجي مقدمي جا ڪاغذ چڱي طرح پڙهيا آهن. سندس خيال هو تہ اهو مقدمو ڏاڍي احتياط سان هلائڻ جي ضرورت آهي ۽ جيڪڏهن مان سندس صلاح تي هلندس تہ انهيءَ مقدمي مان ڇٽي وڃڻ جي ڪافي گنجائش آهي. مون سندس ٿورو مڃيو تہ چيائين، "نيڪ آهي، هاڻي اڄ تہ مقدمي بابت ڪجهہ ڳالهايون."

هن منهنجي کٽ تي ويهندي چيو تہ منهنجي ذاتي زندگيءَ جي باري ۾ عدالت پاران ڇڪاس ڪئي پيئي وڃي. کين خبر پيئي آهي تہ تازو امان جو موت ٻڍن جي گهر ۾ ٿيو هو. پوليس مارنگو ۾ پڇاڳاڇا ڪان پوءِ اطلاع ڏنو آهي تہ مون امان جي دفنائڻ جي آخري رسمن دوران نهايت ئي سنگدليءَ جو مظاهرو ڪيو هو.

"اهو سمجهي ڇڏ،" وڪيل چيو، "تہ اهڙين ڳالهين جي باري ۾ مون کي پڇڻ چڱو نہ ٿو لڳي. پر انهيءَ کي گهڻي اهميت آهي ۽ جيستائين مون کي توتي 'سنگدلي' جي الزام جو جواب نہ ملندو تيستائين مان تنهنجو بچاءُ ڪرڻ ۾ ڪامياب نہ ٿيندس. انهيءَ معاملي ۾ رڳو تون ئي منهنجي مدد ڪري سگهين ٿو."

هن مون کان پڇڻ شروع ڪيو تہ انهيءَ ڏکدائڪ موقعي تي مون دل

۾ دک محسوس ڪيو هو يا نہ؟ اهو سوال مون کي ڏاڍو عجيب لڳو. مان جيڪر اهڙو سوال ٻئي ڪنهن کان پڇان ها تہ مون کي ڏاڍي تڪليف پهچي ها.

مون وراڻيو تہ گذريل ڪجهہ سالن کان مون پنهنجي جذبن تي ڌيان ڏيڻ ٿي ڇڏي ڏنو آهي. تنهن ڪري سمجهہ ۾ ٿي نہ ٿي آيو تہ ڪهڙو جواب ڏيان. باقي آئون ايمانداريءَ سان چئي سگهان ٿو تہ پنهنجي ماءُ کي دل و جان سان گهرندو هوس. پر حقيقت ۾ انهيءَ ڳالهہ ڪا معنيٰ ئي نٿي رکي. اڳتي وري چيم تہ اهو سچ آهي تہ رواجي طرح جن ماڻهن سان ڪنهن نہ ڪنهن وقت پيار ڪيو هوم، تن جي مرڻ لاءِ ٿوري يا گهڻي خواهش ضرور ڪئي هئم.

اهو ٻڌي وڪيل نهايت گهٻرائجي مون ڏانهن نهاريو ۽ وچ ۾ چيائين، "تون مون سان وعدو ڪر تہ سفدمو هلندي يا مئجسٽريٽ اڳيان اهڙي ڪابہ ڳالهہ نہ ڪندين."

مون ڪيس اطمينان ڏيارڻ لاءِ وعدو ڪيو پر واضح ڪيم تہ منهنجا جذبا ڪڏهن ڪڏهن خاص موقعن تي منهنجي جسماني حالتن جي ڪري اثر انداز ٿيندا آهن. مثال طور جنهن ڏينهن مان امان جي آخري رسمن ۾ شريڪ ٿيڻ ويو هوس تہ مان ڏاڍو ٿڪل هوس ۽ مشڪل سان اک ٿي کلي، تنهن ڪري منهنجي چوڌاري جيڪي وهيو واپريو پئي، تنهن جي لکا ئي نہ پئي پيئي. بهرحال مون پنهنجي وڪيل کي اهو يقين ڏياريو تہ منهنجي خواهش هئي تہ امان نہ مري ها.

انهيءَ تي بہ وڪيل ناراض ٿي ڏٺو. رکائي سان چيائين، "رڳو اهو ڪافي ناهي."

ٿورو غور ڪرڻ کان پوءِ هن مون کان پڇيو تہ ائين چئي سگهجي ٿو تہ انهيءَ ڏينهن مون پنهنجي جذبن کي ضابطي ۾ رکيو هو.

"نہ، اهو صحيح نہ ٿيندو." مون چيو.

وڪيل مون ڏانهن حيرانيءَ وچان ڏٺو ڄڻ مون سندس مرضي خلاف چيو هجي. پوءِ مون کي بدليل لهجي ۾ چيائين تہ ٻڌن جي گهر جو منتظم ۽ ٻيو عملو بہ تہ شاهدي ڏيندو.

"۽ اها ڳالهہ تنهنجي لاءِ هڪ خراب موڙ ثابت ٿيندي." هن پڇاڙيءَ

۾ ڇيو.

جڏهن مون ڪيس چيو تہ منهنجي خلاف لڳايل الزام سان امان جي موت جو ڪو لاڳاپو ئي ناهي تہ هن رڳو ايترو چيو تہ منهنجو واسطو ڪڏهن قانوني ڳالهين سان نہ پيو آهي.

هو جلدي هليو ويو. اُن وقت هو ڏاڍو بيزار پئي ڏسڻ ۾ آيو. مون چاهيو ٿي تہ هو اچا ڪجھہ وقت ترسي ها ۽ مان ڪيس واضح ڪري سگھان ها تہ مان سندس همدرديءَ جو خواهشمند هئس، انهيءَ لاءِ نہ، تہ هو منهنجو مقدمو سٺي نموني وڙهي، پر ائين ئي سندس همدردي حاصل ٿئي. پر مون ڏٺو تہ مان پنهنجي سلوڪ ڪري مٿس حاوي پئجي ويو هوس ۽ هو مون کان بچي نہ سگھيو هو، انهيءَ ڪري فطري طرح هو ڪاوڙجي پيو هو. هو مون کي سمجھي نہ سگھيو هو، تنهن ڪري سندس بي رُخي نامناسب نہ هئي. هڪ يا ٻہ ڀيرا مون کي خيال آيو تہ کيس پڪ ڏياريان تہ مان بہ ٻين ماڻهن وانگر عام رواجي ماڻهو آهيان. پر انهيءَ مان ڪا هڙ حاصل ٿيندي نہ ٿي لڳي، تنهن ڪري اها خواهش ٽارڻ جو سبب سُستي کان سواءِ ٻيو ڪجھہ نہ هو.

پوءِ ڏينهن جو مون کي وري مئجسٽريٽ اڳيان پيش ڪيو ويو. منجهند جا ٻہ ٿيا هئا. انهيءَ وقت ڪمري ۾ ڪافي روشني هئي. دريءَ تي فقط سنهڙو پردو لڳل هو ۽ گرمي پنهنجي اوج تي هئي.

ڪرسيءَ تي ويهڻ لاءِ چئي مئجسٽريٽ نهايت ئي نرم لهجي ۾ مون کي ٻڌايو تہ ڪن اڻٽاتل حالتن ڪري منهنجو وڪيل حاضر ٿي نہ سگھيو آهي. اڳتي چيائين تہ مون کي سندس سوالن جا جواب پنهنجي وڪيل جي حاضر ٿيڻ کان پوءِ ڏيڻ جو اختيار آهي.

انهيءَ تي مون وراڻيو تہ مان پنهنجي صفائي پاڻ پيش ڪري سگھان ٿو. هن پنهنجي ميز تي رکيل گھنٽيءَ کي دٻايو تہ هڪ نوجوان ڪلارڪ اندر داخل ٿيو ۽ منهنجي پٺيان ويهي رهيو. مان ۽ مئجسٽريٽ بہ پنهنجي ڪرسين تي ويناسين تہ ڪارروائي شروع ٿي. هن پڇيو تہ منهنجي لاءِ اها عام راءِ آهي تہ مان ٿور-ڳالهائو ۽ خودپرست آهيان. انهيءَ باري ۾ هن منهنجي راءِ پڇڻ ٿي گھري.

مون وراڻيو، ”مون وٽ گھٽو ڪري ڳالهائڻ لاءِ هوندو ئي گھٽ آهي.

تنهن ڪري ظاهر آهي تہ پنهنجو منهن بند رکندو آهيان."

هو اڳي وانگر مُرڪيو ۽ مچيائين تہ اهو مناسب ڪارڻ آهي. هن اڳتي چيو، "پر انهيءَ کي بہ تمام گهڻ اهميت آهي، نہ هئڻ جي برابر اهميت."

ٿوري خاموشيءَ ڪان پوءِ، هو اڳيان جهڪيو ۽ منهنجي اکين ۾ گهوريندي، ٿورو مٺيري آواز ۾ چيائين، "منهنجي لاءِ حقيقت ۾ جيڪا دلچسپيءَ جي شيءَ آهي، اها تون آهين."

مون کي سمجهہ ۾ نٿي آيو تہ انهيءَ مان سندس ڪهڙي مراد هئي، تنهنڪري چپ رهيس.

هن وري چوڻ شروع ڪيو، "تنهنجي مقدمي جون ڇيون بہ ڪيتريون ڳالهيون آهن، جن مون کي منجهائي وڌو آهي. مون کي پڪ آهي تہ تون انهن کي سمجهڻ ۾ منهنجي مدد ڪندين."

جڏهن مون وراڻيو تہ دراصل اهو تمام چٽو ۽ سولو آهي تہ وري چيائين تہ انهيءَ ڏينهن جيڪي وهيو واپريو هو، اهو احوال وري ٻڌاءِ، جيتوڻيڪ مون اڳي ئي ڪيس غيمون سان ملڻ، سمنڊ جي ڪناري تي وڃڻ، اسان جي ترڻ، اسان جي جهيڙي، پوءِ وري سمنڊ جي ڪناري تي وڃڻ ۽ اُتي پنج گوليون ڇوڙڻ بابت ٻڌايو هو. پر مان اها ڳالهہ وري ٻڌائيندو ويس تہ هو هر جملي ڪان پوءِ ڪنڌ لوڏيندي چوندي تي ويو، "بلڪل ٺيڪ." جڏهن مون ٻڌايو تہ لاش ريتيءَ تي پيو هو تہ هن اجا وڌيڪ ڪنڌ لوڏيو ۽ چيائين، "بهتر." ساڳي ڳالهہ ورجائي ورجائي ٿڪجي پيو هوس. مون کي محسوس ٿيو تہ مون زندگيءَ ۾ ايترو گهڻو ڪڏهن بہ نہ ڳالهايو هو.

ٿوري خاموشيءَ ڪان پوءِ، اهو چوندي اٿي بيٺو تہ هو ضرور منهنجي مدد ڪندو. مون ۾ ڪيس ڏاڍي دلچسپي هئي ۽ ڏٺي چاهيو تہ هو ضرور منهنجي تڪليف دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو. پر پهريائين ڪيس اجا وڌيڪ سوال پڇڻ ضروري هئا.

اول ئي رُڪائي سان پڇيائين تہ چا مان پنهنجي ماءُ کي پيار ڪندو هئس؟

"ها سائين،" مون جواب ڏنو. "جيئن ٻيا ماڻهو پنهنجي مائرن سان پيار ڪندا آهن، تيئن مان بہ ڪندو هوس." منهنجي پنيان وينل ڪلارڪ ساڳي رفتار سان ٽائيپ ڪري رهيو هو. پر ان وقت ڪو اکر غلط ٽائيپ ڪري ويو

هو، جو ان وقت ڪاغذ پويان ڪري اڳيون ٽائيپ ٽيل اکر ڪٽيو هئائين.

انهيءَ ڪان پوءِ، ٻئي ڪنهن ظاهري منطقي سبب ڪان سواءِ مئجسٽريٽ هڪدم ٻيو سوال پڇيو، ”تو لاڳيتيون پنج گوليون ڇو ڇوڙيون؟“

مون ٿورو سوچيو. پوءِ ٻڌايم تہ اُهي لاڳيتيون بلڪل نہ هيون. مون پهرين هڪ گولي ڇوڙي هئي ۽ باقي چار ٿوري دير ڪان پوءِ ڇوڙيون هيون.“

”پهرين ۽ ٻي گولي ڇوڙڻ جي وچ ۾ ڇو ترسين؟“

منهنجي اکين اڳيان اهو منظر ڦري ويو- گرميءَ ۾ تپيل ڳاڙهي سمنڊ جو ڪنارو ۽ پنهنجي ڳلن تي گرم ساهہ جو ڇهاءُ. مان ڪو جواب ڏيئي نہ سگهيس.

منهنجي انهيءَ خاموشيءَ جي دوران مئجسٽريٽ ڏاڍو بي چئن هو. گهڙيءَ گهڙيءَ پنهنجون آڱريون وارن ۾ گهمايائين ٿي يا وري ڪرسيءَ تان اُٿي ويهي ٿي رهيو. آخر پنهنجون ٺونٺيون ميز تي ڪوڙيندي عجيب انداز سان مون ڏانهن جهڪي پيو.

”پر ڇو؟ ڇو هڪ زمين تي اونڌي پيل ماڻهوءَ تي گوليون هلائيندو وئين؟“

مون وٽ وري بہ ڪو جواب ڪونہ هو.

مئجسٽريٽ پنهنجو هٿ پيشانيءَ تي رکيو ۽ ڪجهہ مختلف لهجي ۾ چيائين، ”مان پڇان ٿو، ڇو؟ مون کي جواب ڏي.“

مان وري بہ چپ رهيس.

اوچتو هو اٿيو ۽ سامهون رکيل الماڙيءَ جي پرسان وچي خانو کوليائين ۽ منجهانئس صليب تي چڙهيل حضرت عيسيٰ جي مورتي ڪڍي لوڏيندي واپس ميز تي آيو.

”خبر اٿيئي تہ هيءُ ڪير هو؟“ سندس لهجو بلڪل بدلجي ويو هو. سندس آواز جذبات وچان ڏڪي رهيو هو.

”ها سائين، خبر اٿم.“ مون جواب ڏنو.

هن ساهہ کڻي ڳالهائڻ شروع ڪيو. چوڻ لڳو تہ هن جو خدا ۾ بي حد يقين آهي تہ وڏي ۾ وڏو گناهگار بہ ڪانئس پنهنجا گناهہ بخشائي سگهي ٿو. پر اول اول ڪيس پڇتاءُ ظاهر ڪرڻو پوندو ۽ هڪ معصوم ٻار وانگر پنهنجو پاڻ کي بيوس ٿي سزا لاءِ پيش ڪرڻو پوندو. هو پنهنجي ميز مٿان

جهڪي، منهنجي اڳين سامهون حضرت عيسيٰ جي مورتي لوڏيندو رهيو.

حقيقت ۾ سندس ڳالهيون سمجهڻ ۾ مون کي ڏاڍي ڏکيائي پئي ٿي- هڪ ته آفيس ۾ ڏاڍي پوساٽيندڙ گرمي هئي ۽ وڏيون وڏيون مکيون ڀوُن ڀوُن ڪري منهنجي منهن تي ويٺيون ٿي؛ ٻيو ته سندس ڳالهين مون کي چڙڪائي ٻه وڌو هو. باقي اهو ضرور ڄاتم ته ڏڄڻ اڃايو هو. ڇو ته نيٺ ٻه ته مان ڏوهي هئس. بهرحال، هو ڳالهائيندو رهيو ۽ مان سمجهڻ جي پوري ڪوشش ڪندو رهيس. اها ڳالهه ته سمجهي ويس ته منهنجي بيان ۾ اها حقيقت ظاهر ٿيڻ ڪپندي هئي ته ٻي گولي ڇوڙڻ کان اڳ مان ڇو ترسيو هوس؟ ٻيون ڳالهيون ته ٺيڪ هيون، پر انهيءَ ڳالهه مئجسٽريٽ کي پريشان ڪري وڌو هو.

مون ڪيس ڇوڻ شروع ڪيو ته انهيءَ ڳالهه تي زور ڪرڻ غلط هو ۽ اها ڳالهه اهميت واري ٻه نه هئي. پر منهنجي واتان اهي لفظ نڪتائي مس هئا ته هو اُٿي بيٺو ۽ پڇڻ لڳو ته منهنجو خدا ۾ ويساهه آهي. جڏهن مون وراڻيو ”نه“، ته هو ڦوڪجي وري پنهنجي ڪرسيءَ ۾ ويهي ويو.

ڇوڻ لڳو، ”اهو ته منهنجي سوچ کان ٻاهر آهي ته ڪو ماڻهو خدا ۾ ويساهه نه رکي. سڀيئي ماڻهو خدا ۾ ويساهه رکن ٿا. ايتري قدر جو اهي ٻه، جيڪي ڪيس نٿا مڃين، ويساهه رکن ٿا، جنهن جي مون کي خاطري آهي. جيڪڏهن ايمان لڏي وڃي ته زندگيءَ جي ڪا معنيٰ ئي نٿي رهي. تون چاهين ٿو،“ هن ڪاوڙ ۾ اچي پڇيو، ”ته تنهنجي زندگي بي معنيٰ يا بي مقصد هجي.“ مون نه ٿي سمجهيو ته منهنجي خواهش جو انهيءَ ۾ ذرو پير ٻه دخل هوندو ۽ مون ڪيس اهوئي ٻڌايو.

جيئن ئي مون ڳالهايو پئي تيئن هن حضرت عيسيٰ جي مورتي وري منهنجي نڪ هيٺيان جهلي رڙ ڪري پڇيو، ”بهرحال، مان پوءِ ٻه عيسائي آهيان ۽ حضرت يسوع مسيح کي خلوص سان التجا ٿو ڪريان ته تنهنجا گناهه معاف ڪري. بدنصيب نوجوان! تون اهو ڪيئن نه ٿو ويساهه ڪرين ته حضرت يسوع مسيح سڀ ڏک تنهنجي خاطر ڀوڳيا؟“

جڏهن هن ”بدنصيب نوجوان“ چيو ته مون کي لڳو ته سندس لهجو برابر نماڻو ۽ التجا وارو هو. پر مان انهيءَ ماحول کان بيزار ٿي چڪو هوس. ڪمرو آهستي آهستي گرم ٿيندو پئي ويو.

مان گهڻو ڪري جڏهن ڪنهن جي ڳالهين مان بيزار ٿي ڪانئس جند ڇڏائڻ جي ڪندو آهيان تہ هڪدم سندس خيالن سان سهمت ٿيڻ جو رويو اختيار ڪندو آهيان. جڏهن مون ائين ئي ڪيو تہ منهنجي حيرت جي حد ئي نہ رهي جڏهن ڏٺم تہ سندس چهرو چمڪي اٿيو هو.

”ڏس نہ... ڏس... هاڻي تنهنجو ويساهہ آهي نہ؟ بس هاڻي ٺيڪ آهي.“

مون ضرور پنهنجو ڪنڌ انڪار ۾ لوڏيو هوندو ڇو تہ هو مايوس ۽ رد ٿيل منهن سان وري پنهنجي ڪرسيءَ ۾ ويهي رهيو هو.

ڪي پل خاموشي ڇانيل رهي. انهيءَ وچ ۾ ٽائيپ رائيٽر اسان جي آخري گفتگو بہ ٽائيپ ڪري ورتي. هونئن اسان جي سموري گفتگو جي دوران ٽائيپ رائيٽر جي ٺڪ ٺڪ جاري هئي. مئجسٽريٽ اڃا تائين اداسيءَ سان مون ڏانهن گهوري رهيو هو.

”مون پنهنجي زندگيءَ جي تجزيي ۾ تو جهڙو ڏکيو ماڻهو نہ ڏٺو آهي.“ هن ڌيمي لهجي ۾ چيو، ”جيڪي بہ ڏوهاري هن وقت تائين منهنجي اڳيان پيش ٿيا آهن، اهي سڀ حضرت يسوع مسيح جي هن مورتيءَ کي ڏسي ضرور رُنا آهن.“

مون کيس اهو مختصر ٻڌائڻ چاهيو ٿي تہ اُهي سچ پچ ڏوهاري هئا. پر پوءِ مون ڇاتو تہ مان بہ انهن ۾ ٿو ڳڻجان. بهرحال اهو هڪ خيال هو جنهن کي چپن تي آڻي نہ سگهيس.

شايد اهو ڄڻائڻ لاءِ تہ هاڻي ڳالهيون ختم ٿي چڪيون هيون، مئجسٽريٽ اُٿي بيهي ۽ ساڳئي ٿڪل لهجي ۾ هن مون کان آخري سوال پڇيو تہ ڇا مون کي پنهنجي ڪئي تي پڇتاءُ آهي؟

ٿوري دير سوچڻ کان پوءِ، مون کيس چيو تہ مون کي پڇتاءُ گهٽ، پريشاني وڌيڪ ٿي آهي. 'پريشاني' کان بهتر ٻيو لفظ ڪونہ ٿي سمجهيم. پر ائين لڳم تہ هن سمجهيوئي نہ هو. انهيءَ ڏينهن معاملو بس ايستائين پهتو.

ان کان پوءِ ڪيترائي ڀيرا مون کي مئجسٽريٽ اڳيان پيش ڪيو ويو پر منهنجو وڪيل هر ڀيري مون سان گڏ هوندو هو. انهن سيني آڌي پڇائن ۾ مون کان پنهنجي اڳئين بيانن ۾ تبديلي بابت پڇيو ويندو هو يا وري مئجسٽريٽ ۽ منهنجو وڪيل پاڻ ۾ قانوني نقطن تي بحث ڪندا هئا. پر

اهڙن موقعن تي منهنجي موجودگيءَ جو ڪين معمولي احساس ٿيندو هو. اهڙي ريت جيئن وقت گذرندو ويو تيئن سندن آڏي پڇا جي رويي ۾ فرق ايندو ويو. مئجسٽريٽ مون ۾ هاڻي گهٽ دلچسپي ٿي ورتي، جنهن مان لڳم ته هو منهنجي مقدمي جي باري ۾ ڪنهن فيصلي تي پهچي ويو آهي. هُن پوءِ ڪڏهن به مون سان خدا جو نڪي ذڪر ڪيو ۽ نه ئي وري پنهنجي مذهبي جنون جي نمائش ڪيائين، جنهن ڪري مان پهرين ملاقات دوران پريشان ٿي ويو هوس. نتيجو اهو نڪتو جو هاڻي اسان جا ناتا بهتر ٿي ويا هئا. مون کان ڪجهه سوال پڇڻ ۽ منهنجي وڪيل سان قانوني نقطن تي ٿوري بحث ڪرڻ کان پوءِ، مئجسٽريٽ پڇا پوري ڪئي ۽ ٻڌايائين ته هاڻي منهنجو ڪيس اڳتي هلندو. ڪنهن وقت بحث عام نموني ٿي ٿيو ۽ مئجسٽريٽ ۽ وڪيل مون کي انهيءَ ۾ حصو وٺڻ لاءِ همٿايو ٿي. هاڻي مان بي فڪريءَ سان سُکيو ساهه کڻڻ لڳس. انهن موقعن تي هنن ٻنهي مان ڪنهن به گهٽ دلچسپي نٿي ڏيکاري ۽ هر ڳالهه ايڏي آسانيءَ سان سولي نموني ٿي رهي هئي جو منهنجي دل ۾ پاڻ کي هنن جي ڪٽنب جو هڪ ڀاتي سمجهڻ جو اجايو ويچار پيدا ٿيڻ لڳو. اها آڏي پڇا يارهن مهينا کن هلي ۽ سچ ٿو چوان ته مان انهيءَ تي هري ويو هوس. جڏهن مئجسٽريٽ پنهنجي آفيس جي در تائين ڇڏڻ ايندو هو ۽ منهنجي پٺيءَ ٿپي دوستاڻي لهجي ۾ چوندو هو، ”چڱو، عيسيٰ جا دشمن، اڄ بس ايترو!“ ته مون کي جيتري خوشي ٿيندي هئي اوتري ڪڏهن به حاصل نه ڪئي هئم. انهيءَ کان پوءِ، مون کي پنهنجي نگران سپاهين جي حوالي ڪيو ويندو هو.

# 2

• ڪي اهڙيون ڳالهيون آهن، جن جي باري ۾ مون ڪڏهن ڳالهائڻ به نه چاهيو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ مون کي جيل آماڻيو ويو ته فيصلو ڪيم ته زندگيءَ جو رُخ به ائين ئي اڻ ٻڌايل ئي رهندو. پر جيئن جيئن وقت گذرندو ويو تيئن محسوس ڪيم ته انهيءَ ناپسنديدگيءَ جو ڪو حقيقي سبب نه هو. حقيقت ۾ انهن اوائلي ڏينهن دوران مون کي جيل ۾ هئڻ جو مشڪل

سان احساس ٿيندو هو ۽ هر وقت اڻ لکي اميد جاڳي اٿندي هئي تہ اجهو قسمت ڦيرو کائيندي ۽ ڪا سٺائي ٿي پوندي.

پر ماريءَ سان رڳو ٻهرين ملاقات کان پوءِ ئي تبديلي رونما ٿي. جنهن ڏينهن مون کي سندس خط مليو هو تہ ڪيس هن ڪان پوءِ ملڻ نہ ڇڏيندا جو هوءَ منهنجي زال نہ هئي تہ انهيءَ ڏينهن مون سچ پچ محسوس ڪيو هو تہ جيل جي اها ڪوٺڙي منهنجو آخري آرامگاهہ ثابت ٿيندي.

مون کي گرفتاري واري ڏينهن هڪ وڏي ڪمري ۾ ٻين قيدين سان گڏ رکيو ويو هو. جيڪي سيئي گهڻو ڪري عرب هئا. جڏهن مان اندر گهڙيس تہ مون تي ڏند شيڪي پڇيائون تہ ڇا ڪري آيو هئس. جڏهن ٻڌايم تہ هڪ عرب کي قتل ڪيو اٿم تہ اهو ٻڌي ڪجهہ دير ماٺ ٿي ويا. پر هاڻي رات پئجي رهي هئي. هڪ ڄڻي مون کي سمهڻ واري تڏي وڇائڻ جو طريقو سمجهايو. هڪ ڇيڙو ويڙهڻ سان گول وهاڻي جهڙو لهي ٿي پيو. ساري رات پنهنجي منهن تي مُنگهڻ سرند، محسوس ڪيم.

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ، مون کي هڪ ڪوٺڙيءَ ۾ رهايائون، جتي پٽ سان ڳنڍيل ڪاٺ جي صندل تي سمهندو هوس. اتي ٻيو سامان رڳو ڪاڪوس جي بالٽي ۽ ٽين جو دٻو هئا. جيل جي عمارت مٿاهين هنڌ تي هئي ۽ مان پنهنجي ننڍڙي دريءَ مان سمنڊ جي جهلڪ ڏسندو رهندو هوس. هڪ ڏينهن جيئن مان دريءَ جون سيخون جهلي پريان سمنڊ جي لهرن تي پوندڙ سج جا ڪرڻا ڏسي رهيو هوس تہ هڪ سپاهي آيو ۽ ٻڌايائين تہ منهنجو ڪو ملاقاتي مون سان ملڻ آيو آهي. سوچيم تہ اها پڪ ماري ئي هوندي ۽ هوءَ ئي هئي.

ملاقاتين جي ڪمري ڏانهن وڃڻ لاءِ مون کي ڪوريڊار مان وٺي مٿي ڏاڪڻ کان ٿيندا وري هڪ ٻئي ڪوريڊار مان وٺي هليا. اهو هڪ وڏو ڪمرو هو، جنهن ۾ دريءَ مان روشني پئي آئي. اهو ڪمرو وڏين لوهي جارين سان ٽن حصن ۾ ورهايل هو، جن جون تارون هڪ ٻئي جي آرپار ڪتل هيون. ٻن جارين جي وچ ۾ ٽيهن فوٽن جي وڇوٽي هئي، جيڪا هڪ قسم جو قيدين ۽ ملاقاتين وچ ۾ وڇوٽيءَ جو خال هو. مون کي اتي ڇڏيو ويو جتي سامهون ماري سوڙهي وڳي ۾ بيٺي هئي. منهنجي پرسان اٽڪل درجن کن

ٻيا قيدي ويٺا هئا، جن ۾ گهڻا عرب هئا. ماريءَ جي پاسي ملاقاتين ۾ گهڻو ڪري شيديائيون هيون. سندس هڪ پاسي چپ پڪوڙيل ٻندري قد جي ٻڍي هئي ۽ ٻئي پاسي متي اگهاڙي ٿلهي ٻڍي هئي، جنهن هر وقت تکي ۽ سنهڙي آواز ۾ منهن چهو ڪري پئي ڳالهايو. قيدين ۽ ملاقاتين جي وچ ۾ وڇوٽي هئڻ ڪري مون ڏلو ته مون کي به زور سان ڳالهائڻو پئي پيو.

جڏهن مان انهيءَ ڪمري ۾ گهڙيس ته آوازن جو گوڙ پٿين سان ٽڪرائجي پڙاڏو پيدا ڪري رهيو هو ۽ دريءَ مان اندر ايندڙ روشنيءَ جي ترورن هر شيءِ کي چمڪائي ڇڏيو هو، جنهن مان مون کي ڏاڍي بيزاري پئي محسوس ٿي. ڪوٺڙيءَ جي اونداهيءَ ۽ خاموشيءَ جي ڀيٽ ۾ هھڙي ماحول سان هم آهنگ ٿيڻ ۾ ڪجهه دير لڳم. ٿوري دير کان پوءِ هر چهرو چٽو ڏسڻ ۾ ايندو ويو ڇڻ متائنن ڪا روشني پوندي ٿي ويئي.

ڏٺم ته هر ڇيڙي تي ڇارين جي وچ ۾ جيل جو سپاهي ويٺل هو. هڪ پاسي قيدي ۽ ٻئي پاسي سندن مٽ مائٽ هڪ ٻئي جي سامهون اوکڙو ويٺا هئا. انهن زور سان نٿي ڳالهايو ۽ ايڏي گوڙ جي باوجود پاڻ ۾ گهڻو ڪري ڀڻ ڀڻ ڪري ڳالهائي رهيا هئا. اهڙيءَ طرح هيٺ هلندڙ ڳالهين جي ڀڻ ڀڻ سندس متي متان هلندڙ ڳالهين سان گڏ ٿي رهي هئي. اها ڳالهه سوچيندو ۽ اڳيان وکون کڻندو ماريءَ جي سامهون وڃي پهتس. هوءَ پنهنجو اُس ۾ تپيل چهرو سيخن سان پرائي مُرڪي رهي هئي. مون کي هوءَ ان وقت مرڪڻ سان ڏاڍو خوبصورت لڳي هئي، پر کيس ٻڌائي نه سگهيس.

"ڪيئن آهين؟" هن زور سان پڇيو، "ڪهڙو حال آهي؟ ضرورت واريون گهربل شيون آهن يا نه؟"

"ها، جيڪي کپيم سو آهي."

ڪي گهڙيون ته اسان ماٺ هئاسين. ماري مرڪندي رهي. ٿلهي عورت منهنجي پير واري قيديءَ سان زور زور سان رڙيون ڪري ڳالهائي رهي هئي. هو ڊگهو، ڏسڻ جو سهڻو هو جيڪو سندس مڙس ٿي لڳو.

"جيني رکڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي." هن غصي ۾ رڙ ڪري چيو. "اهو ته تمام خراب آهي." قيدي چيس، "ها، مون کيس چيو ته تون ٻاهر اچڻ تائين پاڻ وٽ رک، پر هوءَ ڪجهه ٻڌي ئي نٿي."

انهيءَ وچين وچوٽي جي ڀٽي پاسي کان ماري رڙ ڪري مون کي چيو تہ غيمون مون کي سلام چيا آهن. مون ٿورو مچيو مانس پر منهنجو آواز منهنجي ڀر واري قيديءَ جي آواز ۾ دٻجي ويو. جنهن پڇيو پئي، ”هو تندرست تہ آهي؟“ موٽ ۾ ٿلهي عورت ٺهڪ ڏئي چيس، ”تندرست؟ هو تہ تندرستيءَ جو مجسمو آهي.“

اهو سمورو وقت منهنجي کاٻي پاسي واري ننڍي چمار واري قيدي ڇوڪري، جنهن جا ڇوڪرين جهڙا سنهڙا هٿ هئا. هڪ لفظ بہ نہ ڳالهايو هو. ڏنم تہ سندس اکيون سامهون ڀِتيءَ ۾ کُتل هيون ۽ ٻڍي بہ ڏاڍي پيار سان بي صبريءَ وچان کيس چتائي ڏسي رهي هيس. پر مون کي اُتان نظرون هٽائيون پيون جو ماري زور سان چئي رهي هئي تہ اسان کي نااميد نہ ٿيڻ گهرجي.

”بيشڪ.“ مون وراڻيو. منهنجون نظرون سندس ڪلهن تي اٽڪي پيون ۽ دل چاهيو تہ سندس ڪپڙن اندران هٿ وجهي، کيس پنهنجي جسم سان لڳائي ڀڪوڙيانس. سندس وڻندڙ جسم ۽ ريشمي ڪپڙا مون کي ڏانهس ڇڪي رهيا هئا ۽ جنهن اميد لاءِ احساس ڏياريو هئائين، اها سندس جسم ۾ ئي ڪٿي نہ ڪٿي مرڪوز ٿيل هئي. هن بہ اهوئي پئي سوچيو جيڪو مون ٿي سوچيو، تنهن ڪري هوءَ منهنجي اکين ۾ اکيون وجهي مرڪي رهي هئي.

”سڀ ٺيڪ ٿي ويندو ۽ پوءِ ڏسج تہ پاڻ شادي ڪنداسين.“

هاڻي جيڪي مون سندس جسم ۾ ڏٺو، اهو هو سندس ڏندن جي چمڪ ۽ اکين جي چوڏاري ليڪون. پڇيم، ”تون سچ پچ ائين سوچين ٿي؟“ اها ڳالهہ پڇڻ جو ڀيو ڪو سبب ڪونہ هو، سواءِ انهيءَ جي تہ ڪجهہ ڳالهائڻ گهربو هو.

هن وري تکو ۽ ساڳئي زوردار لهجي ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو: ”ها، تون ڇٽي ويندين ۽ پاڻ وري ساڳي طرح آچر جو گڏجي وهنجڻ هلنداسين.“

ماريءَ جي ڀر واري عورت اجا تائين غصي ۾ زور سان پنهنجي مڙس کي ٻڌائي رهي هئي تہ هوءَ هن لاءِ هڪ ٽوڪري جيل جي آفيس ۾ ڇڏي آئي آهي ۽ آندل شين جي فهرست ٻڌائيندي چوڻ لڳي تہ ياد ڪري جاچي ڏسجان جو شيون ڏاڍيون مهانگيون آهن.“ منهنجي ٻئي پاسي ڇوڪرو ۽ سندس ماءُ

اڃا تائين اُداسيءَ وچان هڪ ٻئي کي ڏسي رهيا هئا ۽ هيٺ ويٺل عربن جي ٻڙٻڙ اسان تائين پڌڻ ۾ آئي پئي. ٻاهرين روشني دريءَ سان ٽڪرائجي اندر ڇٽي اچي رهي هئي ۽ سامهون ويٺل ماڻهن جي چهرن تي پيلي تيل جو تهه چاڙهي ٿي ڇڏيائين.

منهنجي دل ڪچي ٿيڻ لڳي ۽ چاهيم ته اُتي هليو وڃان. منهنجي پرسان ايندڙ کهرو آواز منهنجي ڪنن کي اصل نٿي وڻيو. پر ٻئي طرف اها به خواهش هئي ته اُتي ڪجهه ٿي ۾ گهڻو وقت ماريءَ سان گڏ گذارجي ۽ اهو خيال ئي نه رهيو ته ڪيترو وقت گذري چڪو هو. بس ايترو ياد اٿم ته سدا مرڪندڙ ماريءَ جو چهرو اکين اڳيان هوم. رڙيون، آواز، گفتگو ۽ پُڻ پُڻ جي آوازن ۾ هڪ ڪن به ماٺ نه ٿي هئي. انهيءَ سموري هنگامي ۾ خاموشيءَ جو خيابان انهيءَ ڇوڪريءَ سندس ماءُ ٺاهي رکيو هو، جيڪي رڳو هڪ ٻئي جي اکين ۾ نهاري رهيا هئا.

پوءِ هڪ هڪ ڪري عرب قيدين کي وٺي ويا. جڏهن پهريون قيدي ويو ته باقي سڀ خاموش ٿي ويا. ننڍي قد واري ٻڍي عورت سيخن سان پاڻ پرائي بيٺي ته اوڏي مهل هڪ سپاهي سندس پُٽ جي ڪلهي تي هٿ رکيو. ڇوڪري رڙ ڪري چيو، ”وري ملنداسين امان.“ ۽ ماڻس سيخن ۾ هٿ وجهي ڏانهس اٿلڪو هٿ لوڏي موڪلايو.

هوءَ جيئن ئي اُتان هٽڻ پري ٿي ته سندس جاءِ تي هڪ ٻيو شخص اچي بيهي رهيو، جنهن جي هٿ ۾ ٽوپلو هو. منهنجي پرواري خالي جاءِ تي وري هڪ ٻيو قيدي آندو ويو ۽ ٻنهي ڄڻن چستيءَ سان تڪڙو ڳالهائڻ شروع ڪيو. سندن گفتگو ايڏو ڏاڍيان نه هئي. هونئن به ڪمري ۾ اڳي جي ڀيٽ ۾ خاموشي هئي. منهنجي ساڄي پاسي واري قيديءَ کي ڪو سڏي وٺي ويو ۽ جوڻس زور زور سان ڪيس چوندي رهي: ”هاڻي پنهنجو خيال رکج، وسارج نه، ۽ ها، جلدبازي ڪان ڪم نه وٺج.“ پر ڪيس اهو خيال ئي نٿي ٿيو ته هاڻي زور سان ڳالهائڻ جي ضرورت نه هئي.

انهيءَ ڪان پوءِ منهنجو وارو آيو. ماري پنهنجون آڱريون چمي مون ڏانهن چميءَ جو اشارو ڪيو. مان ويندي ويندي هر هر مُڙي ڪيس نهاريندو رهيس. هوءَ هڪ ئي هنڌ چپ ڪيو بيٺي هئي. سندس چهرو اڃا تائين ٿڌيي

سان لڳل هو ۽ ڇپ انهيءَ مرڪ جي ڪري ڪليل هئا.

ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ جلدي مون کي سندس خط مليو ۽ تڏهن اهڙي ڳالهہ ٿي جنهن جي باري ۾ مون کي ڳالهائڻ سنو نٿي لڳو. انهيءَ ڪري نہ تہ اُهي ڏڪوئيندڙ هيون پر مون لپاڙون هٽڻ نٿي چاهيون. انهيءَ ڪري ٻين جي پيٽ ۾ مون کي گهڻ ڏکيايون پيش آيون. پر شروعاتي ڏينهن ۾ آزاد شخص جي انداز سان سوچ واري پنهنجي عادت ڪان بيزار هوندو هوس. مثال طور اوچتو زوردار ڇڪ محسوس ٿيندي هئي تہ سمنڊ ڪناري هليو وڃان ۽ پاڻيءَ ۾ خوب تران. پاڻيءَ ۾ اڪيلي وڏڻ مهل پيرن ۾ لهرن جي آواز، پوءِ جسم تي پاڻيءَ جي نرم ڇهاءُ جو احساس ۽ ان مان ملندڙ ڇوٽڪاري جي لطف جو تصور، مون کي ڪوٺڙيءَ جي تنگيءَ ۽ تلخ هئڻ جو شديد احساس ڏياريندو هو.

اها حالت ڪجهہ مهينا رهي، پر پوءِ آهستي آهستي منهنجي سوچ جو انداز ٻين قيدين جهڙو ٿيندو ويو. مان هر روز دل ئي دل ۾ گهمڻ جي وقت جو يا پوءِ پنهنجي وڪيل جي اچڻ جو انتظار ڪندو هوس. باقي وقت لاءِ مون اهڙو رستو ڳولي ورتو هو جو سچ پچ سٺو هو. مان اڪثر سوچيندو هئس تہ جيڪڏهن مون کي سُڪل وڻ جي ٿڙ ۾ رهڻ لاءِ مجبور ڪيو وڃي ۽ چيو وڃي تہ رڳو مٿي ويهي آسمان کي تڪيان تہ بہ پاڻ کي انهيءَ حالت سان هيرائي وڃان ها ۽ وينو اڏامندڙ پکين ۽ هلندڙ بادلن کي ڏسان ها، جيئن پنهنجي وڪيل جون واهيات نيڪٽايون ڏسندو آهيان يا ماريءَ جي ساٿ لاءِ بي صبريءَ سان انتظار ڪيم ٿي. بهرحال، اُتي مان ڪنهن سُڪل وڻ جي ٿڙ جي پولار ۾ بند نہ هوس. ٻيا تہ مون ڪان بہ وڌيڪ بدتر حالت ۾ رهيل هئا. مون کي ياد آهي تہ امان اڪثر چوندي هئي تہ ماڻهو آهستي آهستي هر ڳالهہ سان هري مري ويندو آهي.

بهرحال، عام طرح ايستائين مان انهيءَ ڪان اڳتي نہ سوچيندو هوس. شروعاتي مهينا برابر تڪليف وارا هئا، پر اُهي ڏينهن ڪاٽڻ ۾ جيڪا ڪوشش ڪيم، انهيءَ مون کي بچائڻ ۾ مدد ڪئي. جيئن عورت جي خواهش ۾ ڏاڍو غلطان هئس ۽ اها ڳالهہ عمر جي لحاظ ڪان فطري هئي. ائين بہ نہ هو تہ ڪو ماري منهنجي ذهن ۾ هئي. خيال رڳو عورت جو ايندو هو.

ڪنهن ٻہ عورت جو- انهن سڀني عورتن جو، جن کي مان سڃاڻيندو هوس. اهي سڀ واقعا، جن سان مون کي لڳاءُ هو، ياد اچڻ لڳا. منهنجي ڪوٺڙي هر قسم جي ڇهرن ۽ منهنجي جنسي خواهش جي ڀوتن سان ڀرجي ويئي. هڪ طرح سان منهنجو ذهني توازن خراب ٿي ويو هو، پر ٻئي طرف وقت ٽارڻ جو وسيلو ملي ويو.

نيٺ مون کي حوالدار جي همدردي حاصل ٿي ويئي. هو ماني؛ جي وقت بورچي خاني جي ڇوڪرن سان گڏ ايندو هو. پهرين مون هن سان ٿي عورتن جو ذڪر ڪيو هو. هن مون کي چيو:

"سڀيئي سڀ ڪان پهرين انهيءَ ڳالهہ جي شڪايت ڪندا آهن."

مون چيو: "مان ٻہ انهن ئي وانگر آهيان ۽ مان سمجهان ٿو تہ اهو سلوڪ انياءُ وارو آهي."

"پر،" هن چيو، "انهيءَ ڪري تہ اوهان کي جيل موڪليو ويو آهي. ٻيو ڇا لاءِ؟ پر ها آزادي- اها ٻي ڳالهہ آهي. هاڻي اوهان کي آزاديءَ کان محروم ڪيو ويو آهي."

مون ڪڏهن ائين نہ سوچيو هو، پر مان ساڻس سهمت ٿيس.

"اهو سچ آهي." مون کيس چيو، "نہ تہ سزا وري ڪهڙي ٿي!"

"ها! تون سمجهدار ماڻهو آهين." هن چيو، "بهرحال ٻيا ڪنهن نہ ڪنهن طرح گذارو ڪري وٺن ٿا. اهي پنهنجي مدد پاڻ ڪندا آهن."

۽ هو گڏوگڏ مون کي آٽت جا ڪجهہ لفظ چئي هليو ويو. ٻئي ڏينهن مون ٻين وانگر پنهنجي مدد پاڻ ڪئي.

سگريٽ بہ هڪ امتحان هو. جڏهن مان آيس تہ منهنجي پيٽي، بوٽن جا ڏاڳا، ٽاءِ ۽ ٻيئي شيون جيڪي کيسي ۾ اچي سگهيون ٿي، خاص طور تي سگريٽ مون کان وٺي ڇڏيا هئائون. جيئن ئي مون کي جدا ڪوٺڙي ملي تہ مون پڇيو: "منهنجون شيون مون کي واپس ملي سگهن ٿيون؟"

مون کي چيو ويو: "اهي جمع ڪري ڇڏيون ويون آهن ۽ سگريٽ پيئڻ تي بهرحال بندش آهي."

شروعاتي ڪجهہ ڏينهن تہ ڏاڍا ڏکيا گذريا. شايد اهوئي سبب هو جو منهنجي طبيعت وساٽل وساٽل رهندي هئي. مون پنهنجي پلنگ جي تختي مان

کهه چيرون ڪڍيون ۽ اهي چوسيندو رهيس. سارو ڏينهن مون کي اُلٽيءَ جو خيال ايندو رهيو. سمجهه ۾ نٿي آيو تـه نيٺ هڪ اهڙي شيءِ، جنهن سان ڪنهن جو نقصان نٿو ٿئي، مون کان ڇو ڪسي ويئي آهي. گهٽي دير کان پوءِ مون کي سُڌ پيئي تـه اهو بـه سزا جو هڪ حصو آهي. پر جلد ئي سگريٽ کان سواءِ گذارو ڪرڻ منهنجو عـادت ٿي ويئي ۽ پوءِ اهو سڀ مون لاءِ ڪا سزا نـه رهي.

انهن تڪليفن کان سواءِ مون کي ٻي ڪا پريشاني نـه هئي. سڀني کان اهم مسئلو وقت گذاري جو هو. پر اها پريشاني بـه ختم ٿي ويئي جڏهن مون پنهنجي يادن جو سهارو وٺڻ سکي ورتو. ڪيترائي ڀيرا پنهنجي گهر جي ڪمري کي ياد ڪندو هوس ۽ خيـال ئي خيـال ۾ اُتي وڃڻ لاءِ هڪ ڪُنڊ کان هلڻ لڳندو هوس ۽ رستي ۾ هرشيءِ کي ذهني طور ڳڻيندو ويندو هوس. شروع شروع ۾ اهو سفر جلدي ڪٽجي ويندو هو. پر ڪيترائي ڀيرا جڏهن مان ٻيهر اهو سفر طئہ ڪندو هوس تـه ڪجهه ڏکيو ٿي پوندو هو.

پنهنجي گهـر جي ڪمري جو فرنيچر منهنجي ذهن ۾ هـو. ڪٿي ڪهڙي شيءِ رکيل آهي، هر شيءِ جو سمورو تفصيل ڇا آهي ۽ تفصيل بـه مڪمل، يعني ڪنهن شيءِ تي ڪهڙي ڊزائين آهي، ڪٿي ٽٽل آهي، ڪٿي چير آيل آهي، انهيءَ جو رنگ ڪهڙو آهي، انهيءَ جون اندروني ڊارون ڪهڙيون آهن. گڏوگڏ مـان ڪوشش ڪندو هوس تـه اها فهرست جوڙيندي منهنجي خيالن جو سلسلو ٽٽي نـه پوي ۽ سڀني جزئيات سان گڏ شين جي اها ڳڻپ بلڪل مڪمل ٿي وڃي، اهڙي مڪمل جو ڪجهه هفتن کان پوءِ مان ڪيترائي ڪلاڪ انهيءَ ڪم ۾ گذاري ڇڏيندو هوس ۽ منهنجي ڪمري ۾ ڪا اهڙي شيءِ نـه رهندي هئي جو منهنجي ذهني ڳڻپ ۾ نـه آئي هجي. پر جيترو مون وڌيڪ بار دماغ تي وڌو، اوترو وڌيڪ شيون تفصيل سان منهنجي ذهن ۾ اچڻ لڳيون ۽ منهنجو حافظو آهستي آهستي بهتر ٿيندو ويو. تڏهن منهنجي ذهن ۾ آيو تـه انسان رڳو هڪ ڏينهن جي يادن جي سهاري سؤ سال جيل ۾ گذاري سگهي ٿو. اهڙن يادن جو وڏو ذخيرو گهُرجي تـه جيئن هو پريشان نـه ٿئي. ڪنهن لحاظ کان اها تلافي واهه جي هئي.

ننڊ جو مسئلو بـه هو. شروع شروع ۾ رات جو بـه ننڊ چڱي طرح نـه

ايندي هئي، ۽ ڏينهن جو تہ بلڪل ٿي نہ ايندي هئي. آهستي آهستي منهنجون راتيون بهتر ٿينديون ويون ۽ ڏينهن جو ننڊ اچڻ لڳي. مان چئي سگهان ٿو تہ پڇاڙيءَ وارن مهينن ۾ تہ سورنهن ڪان ارڙهن ڪلاڪن تائين روزانو سمهندو هوس. باقي بچيا ڇهہ ڪلاڪ، سو آهي کائڻ پيئڻ، ضروري حاجتن، پنهنجي يادن ۽ چيڪوسلواڪيا جي ڪهاڻي پڙهڻ ۾ گذري ويندا هئا.

ڳالهہ اها آهي تہ منهنجي پٽراٽي ۽ پلنگ جي تختي جي وچ ۾ مون کي هڪ پراڻي اخبار جو ٽڪر مليو و.و. جيڪو لڳ ڀڳ ڪپڙي سان چنبڙيل هو. اهو هڪ پراڻي، پيلي رنگ جو پورو ڪاغذ هو. شروع ۾ هڪ قصو ڇپيل هو، جيڪو وچ مان ڦاٽل هو، پر پوءِ چيڪو سلواڪيا جي ڪهاڻي شروع ٿيل هئي. هڪ شخص پنهنجي ڳوٺان قسمت آزمائڻ لاءِ ٻاهر نڪتو ۽ پنجويهن ورهين ڪان پوءِ دولتمند بڻجي گهر موٽيو. ساڻس گڏ سندس زال ۽ هڪ ٻار هو. سندس ماءُ پنهنجي ڀيڻ سان گڏ پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ هڪ ننڍڙو هوٽل هلائيندي هئي. هُن چاهيو ٿي تہ پنهنجي ماءُ جي بيخبريءَ ۾ اوچتو اچي اُتي نڪري، تنهن ڪري هو پنهنجي زال ۽ ٻار کي ڪنهن ٻئي هنڌ ڇڏي اُتي آيو. جڏهن هو هوٽل ۾ داخل ٿيو تہ ماڻس کيس نہ سڃاتو. هن مذاق ۾ کيس چيو تہ کيس هڪ ڪمرو گهرجي ۽ گڏوگڏ پنهنجي دولت جي نمائش بہ ڪيائين. رات جو سندس ماءُ ۽ ڀيڻ کيس ڦري لٽي قتل ڪري ڇڏيو ۽ سندس لاش درياهہ ۾ لوڙهي ڇڏيائون. صبح جو زال اُتي پهتي ۽ بنان ڄاڻڻ جي تہ اُتي ڇا وهيو واپريو هو، مسافر جو نالو نشان ٻڌايائين. ماڻس ڦاهو کائي مئي ۽ ڀيڻ کوهہ ۾ ٽپو ڏيئي پنهنجو انت آندو. مون ڪيترائي ڀيرا اها ڪهاڻي پڙهي. هڪ طرف تہ اها بلڪل اڻ ٿيڻي ڳالهہ هئي تہ ٻئي طرف بلڪل سياويڪ. بهرحال، منهنجي نظر ۾ مسافر جي ڪا وقعت نہ هئي، ڇو جو کيس اها راند کيڏڻ ٿي نہ گهرجي ها.

منهنجي سمهڻ جا وقت، منهنجي يادن جا تحفا، اخبار جي ٽڪر جو مطالعو، اُس ۽ ڇانوَ جو لهڻ چڙهڻ- انهن سڀنيءَ جي سهاري منهنجو وقت ڪٽجي رهيو هو. مون ڪٿي پڙهيو هو تہ جيل ۾ انسان وقت جو احساس وڃائي ويهي ٿو. پر اها ڳالهہ مون کي معقول نہ لڳي هئي. منهنجي سمجهہ ۾ نٿي آيو تہ ڪهڙي نقطي تي ڏينهن ساڳئي وقت ننڍا ۽ وڏا ٿي سگهن ٿا.

ڏينهن گذارڻ لاءِ تہ بيشڪ ڏکيو ٿئي ٿو. پر وقت پنهنجي اندر ۾ ڪجهہ اهڙي طرح وڌي ويجهي ٿو. جو نيٺ وڏي ۽ ننڍي ڏينهن جون حدون هڪٻئي ۾ گم ٿي وڃن ٿيون ۽ اهي پنهنجو نالو وڃائي ٿا ويهن. رڳو 'اڄ' يا 'ڪالهہ' لفظ رهجي وڃن ٿا. جن جي مون وٽ ڪابہ معنيٰ نہ آهي. جڏهن هڪ ڏينهن سپاهي مون کي چيو تہ مان اتي پنجن مهينن کان آهيان تہ مون مٿس ويساهہ نہ ڪيو. پر ڳالهہ منهنجي سمجهہ ۾ نہ آئي. منهنجي لاءِ تہ هڪ ئي مسلسل ڏينهن هو جيڪو منهنجي ڪوٺڙيءَ ۾ چڙهيو لٿو ٿي ۽ هر روز مان هڪ جهڙو ڪم ڪندو هوس. انهيءَ ڏينهن سپاهيءَ جي وڃڻ کان پوءِ مون ڪاڏي کائڻ واري ٽين جي دٻي کي چمڪائي منجهس پنهنجو چهرو ڏٺو. مون کي محسوس ٿيو تہ منهنجو چهرو ڏکارو هو. جيتوڻيڪ مون مشڪڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي. مون ٽين جي دٻي کي مختلف زاوين کان ڏٺو. مان پنهنجي عڪس اڳيان ڏاڍو پريشان هوس. مان مُشڪي رهيو هوس ۽ هو بدستور موڪو ۽ غمگين هو. ڏينهن ختم ٿيو ۽ اهڙي گهڙي اچي پهتي، جنهن جو مان ذڪر ڪرڻ نٿو چاهيان. اهڙي گهڙي، جنهن جو ڪو نالو ناهي. اهڙو سمو، جڏهن شام جو شور، خاموشيءَ جي جلوس ۾ جيل جون سڀ منزلون هڪ ئي ڇلانگ ۾ طئہ ڪري ويندو آهي. مان سيخن واري دريءَ جي پرسان ويس ۽ لهندڙ سج جي آخري اُس ۾ هڪ ڀيرو وري پنهنجي چهري جو عڪس غور سان ڏٺم. اهو اڃا تائين گنڀير هو ۽ تعجب اهو آهي تہ اُن وقت مان بہ اُداس هئس. پر گڏوگڏ ڪيترن ئي مهينن ۾ پهريون ڀيرو مون چٽي طرح پنهنجو آواز ٻڌو. مون ڪيس سڃاڻي ورتو. ڇو تہ اهو هڪ عرصي کان منهنجي ڪنن ۾ گونجي رهيو هو ۽ مان هاڻي سمجهيس تہ مان قيد جي دوران پنهنجي پاڻ سان ئي ڳالهيون ڪندو رهيو آهيان.

هاڻي مون کي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ آئي جيڪا امان جي ڪفن دفن واري ڏينهن نرس مون کي چئي هئي. نہ! انهيءَ کان تہ ڀڄڻ جو ڪو رستو ناهي. ڪو شخص سوچي بہ نٿو سگهي تہ جيل ۾ شام ڪيئن ٿي ڪٽجي.

# 3

● مجموعي طور تي مان اهو نہ ٿو چئي سگهان تہ وقت جي رفتار ڪجهہ وڌيڪ ڍري ٿي ويئي هئي. هاڻي اونهاري جي موسم اچڻ واري هئي ۽ مون کي احساس بہ نہ هو تہ اونهاري جي هڪ سموري موسم اڳ ۾ ئي گذري چڪي آهي. مون کي ائين محسوس ٿيندو هو تہ جيئن ئي ڏينهن گرم ٿيندا، مون تي ڪانہ ڪا نئين آفت ايندي. منهنجو مقدمو ڪورٽ جي آخري مرحلي ۾ داخل ٿيو هو ۽ هاڻوڪو مرحلو جونَ مهيني ۾ ختم ٿي رهيو هو.

جنهن ڏينهن منهنجي شنوائي هئي، اُس ڏاڍي تيز هئي. اندر جرح شروع ٿي چڪي هئي ۽ ٻاهر سج پنهنجي سموري آب و تاب سان چمڪي رهيو هو. منهنجي وڪيل مون کي پڪ ڏياري تہ اهو بحث ٻن ٽن ڏينهن کان وڌيڪ نہ هلندو. "بهرحال،" هن اڳتي چيو، "ڪورٽ پنهنجي ڪارروائي جلدي ڪندي ڇو تہ فيصلو طلب مقدمن جي فهرست تي تنهنجو مقدمو سڀ کان اهم ناهي. انهيءَ کان هڪدم پوءِ پيءُ جي قتل جو هڪ مقدمو پيش ٿيڻ وارو آهي ۽ اُن تي چڱو وقت لڳندو."

مون کي ساڍي ستين وڳي وٺڻ آيا. جيل جي گاڏي مون کي هاءِ ڪورٽ وٺي ويئي ۽ ٻہ سپاهي مون کي هڪ ننڍي ڪمري ۾ وٺي ويا، جنهن ۾ اونداهي ڇانيل هئي. اسان انتظار ڪرڻ لڳاسين. ٿوري دير کان پوءِ دروازو کليو، جنهن جي اندران گهٽا آواز اچي رهيا هئا. جوابدارن کي سڏڻ، ڪرسين جي فرش تي گسڪڻ جو شور، هڪ هلچل ۽ ڊوڙ ڊڪ متل هئي، جن مون کي ضلعي جي ميلن جي ياد ڏياري ڇڏي، جتي موسيقيءَ جو پروگرام ٿيندو آهي ۽ پوءِ هال ۾ ناچ لاءِ ڪرسيون وغيره پاسيريون ڪيون وينديون آهن.

سپاهين مون کي چيو تہ اسان کي ڪورٽ جي ڪارروائي شروع ٿيڻ جو انتظار ڪرڻو پوندو آهي. منجهانئن هڪ ڄڻي سگريٽ جي آڇ ڪئي، پر مون قبول نہ ڪئي. هن ٿوري دير کان پوءِ مون کان پڇيو تہ ڇا مان گهٻرائجي رهيو آهيان. مون جواب ڏنو، نہ ۽ اهو صحيح بہ هو، ڇو تہ هڪ طرح سان مون کي ڪورٽ جي ڪارروائي ڏسڻ جو ڏاڍو شوق هو. مون کي زندگيءَ ۾ ڪڏهن اهڙو موقعو نہ مليو هو.

”شايد!“ ٻئي سپاهي چيو. ”پر هڪ ٻن ڪلاڪن کان پوءِ ماڻهو ٽڪجي چوَر تي پوندو آهي ۽ ڪڪ تي پوندو آهي.“

ٿوري دير کان پوءِ ڪمري ۾ بجليءَ جي گهنٽيءَ جي وڄڻ جو هلڪو آواز ٿيو. هنن منهنجي هٿڪڙي کولي ڇڏي. هڪ دروازو کليو ۽ مان جوابدارن جي ڪٺهڙي ۾ داخل ٿيس. ڪورٽ ماڻهن سان ڀريل هئي. جيتوڻيڪ پڙدا ڏنل هئا، پوءِ به اُس چيرن مان اندر اچي رهي هئي، جنهن سان منهنجو ساهه ٻوساٽجي رهيو هو. ڪنهن شيشي جون دريون بند ڪري ڇڏيون هيون. مان ويهي رهيس ۽ سپاهي منهنجي ڪرسيءَ جي ٻنهي پاسن کان ويهي رهيا. انهيءَ پل مون پنهنجي اڳيان چهرن جي هڪ قطار ڏٺي. سڀيئي مون ڏانهن ڏاڍي غور سان ڏسي رهيا هئا. مون سمجهيو ته اها جيوَري آهي. مون ڪين فرد جي حيثيت سان نٿي ڏٺو. مون کي ته اهي سڀ هڪجهڙا ڏسڻ ۾ ٿي آيا. منهنجو تاثر ڪجهه هيئن هو، ڄڻ ته ترام ۾ ويٺل ڪنهن سواريءَ کي، سندس سامهون ويٺل ماڻهن جو احساس ٿيندو آهي، جتي سڀ بي نام مسافر هر نئين وارد ٿيل کي تاڙيندا آهن ۽ ڪيس ڪلٽهاب سمجهندا آهن. مون کي چڱي طرح سُڌ هئي ته اهو واهيات خيال آهي، ڇو ته هتي چٽر نه، پر ڏوهه جي آثار جي تلاش هئي. پوءِ به ٻنهيءَ ۾ گهڻو فرق نه هو. بهرحال، اهوئي خيال هو جو مون کي ذهن ۾ آيو.

بند ڪمري ۾ هڪ خاص مجموعو هو. منهنجو مٿو ڦرڻ لڳو. مون ڪورٽ جي ڪمري ۾ نظر ڊوڙائي پر مون کي ڪوبه ڄاتل سڃاتل چهرو ڏسڻ ۾ نه آيو. عام طور تي ته ماڻهن ڪڏهن مون ڏانهن ڌيان نه ڏنو. مون کي اهو سمجهڻ ۾ ڏاڍي دقت محسوس ٿي ته ڇا هي سموري ڇهل پهل منهنجي ئي خاطر آهي. ماڻهن جي دلچسپيءَ جو ائين مرڪز بنجڻ منهنجي لاءِ هڪ نئون تجربو هو. مون پنهنجي کاٻي پاسي واري سپاهيءَ کي چيو:

”ڪيڏو نه وڏو ميڙ آهي!؟“

هن وراڻيو: ”ها، اهو اخبارن جي ڪري آهي.“ ۽ پوءِ هن هڪ گروهه ڏانهن اشارو ڪيو، جيڪو جيوَريءَ جي بينچ کان هيٺين طرف هڪ ميز جي ڀرسان ويٺو هو.

هن وري مون کي چيو: ”هوُ هوڏانهن ڏس!“

مون پڇيو، ”اهي ڪير آهن؟“

۽ هُن ورجايو، ”جرنلسٽ!“

هن انهن صحافين مان هڪ کي سڃاتو ٿي. انهيءَ صحافي ڏانهس ڏٺو ۽ اسان ڏانهن وڌڻ شروع ڪيائين. هو هڪ وڏي چمار وارو همدرد قسم جو شخص هو. سندس منهن تي هڪ ڦڪي ڪِل هئي. هن سپاهيءَ سان گرم جوشيءَ سان هٿ ملايو. مون ڏٺو ته ڪورٽ جي ڪمري ۾ سڀ ماڻهو هڪ ٻئي سان ملي رهيا هئا. اهي مختلف ٽولين ۾ ڳالهيون ڪري رهيا هئا. ائين ٿي لڳو ڄڻ سڀ ماڻهو پاڻ ۾ ملي ڏاڍا خوش آهن ۽ پنهنجي قسم جي ماڻهن ۾ مِلي جُلي خوش ٿي رهيا آهن. مون کي ائين محسوس ٿيو ته مان ٻئي هڪ اڻ پڙهيل قسم جو ماڻهو آهيان جيڪو محفل جي رونق بنجڻ بدران رنڊڪ وجهي رهيو آهيان.

انهيءَ دوران صحافي مشڪندي مون سان مخاطب ٿيو. هن اميد ظاهر ڪئي ته منهنجي مقدمي جو نتيجو چڱو نڪرندو. مون سندس ٿورا مڃيا.

هن مُرڪندي اڳتي چيو: ”اوهان کي سُڌ آهي، اسان اوهان جو مقدمو ڪجهه وڌائي بيان ڪيو آهي. اونهاري جي موسم اخبارن لاءِ مَندي ٿيندي آهي، جو ته لکڻ لاءِ تمام گهٽ مواد ملندو آهي، نه ته اوهان جي ڪهاڻي ۽ ڏوهاريءَ جو داستان، جيڪو اوهان کان پوءِ پيش ٿيڻ وارو آهي، ڪجهه وڌيڪ اهم ۽ دلچسپ ناهن. اوهان سندس باري ۾ ته ٻڌوئي هوندو. هڪ پيءُ جي قتل جو مقدمو آهي.“

پوءِ هڪدم ٿي هن هڪ شخص ڏانهن اشارو ڪيو، جيڪو جرنلسٽن جي گروهه مان اُٿي وڃي رهيو هو. هو هڪ ڪمزور شخص هو، جنهن جي شڪل ڪنهن ٿلهي نوريئڙي جهڙي هئي. ڪيس ڪارن شيشن جي هڪ وڏي عينڪ پاتل هئي. هن مون کي ٻڌايو ته هو پيرس جي ڪنهن اخبار جو خصوصي نمائندو آهي.

”پر هو اوهان جي خاطر نه آيو آهي. جيئن ته ڪيس ٻئي ڏوهاري جي ڪارروائي پنهنجي اخبار کي موڪلڻي آهي، تنهنڪري هن چيو ته ساڳئي وقت اوهان جي مقدمي جي رپورٽ به تار رستي موڪلي ڏي.“

مان چوڻ ٿي وارو هئس ته اها ته سندس وڏي مهرباني آهي، پر مون

سوچيو تہ اها تہ اجائي ۽ فضول ڳالھہ آهي. هن هٿ سان مون کي هڪ دوستاڻو اشارو ڪيو ۽ موڪلايائين. اسان ٻوءِ ڪجھہ منٽ انتظار ڪندا رهياسين. هاڻي ڪجھہ ساٿين سان گڏ منھنجو وڪيل بہ اچي پھتو. هو پنھنجي رسمي لباس ۾ هو ۽ سندس چوڌاري ٻيا گھڻا ماڻهو ڳالهائي رهيا هئا. هو صحافين جي ميز ڏانهن وڌيو ۽ انهن سان هٿ ملايائين ۽ ساڻن ڪجھہ ڪِل ٻوڳ ڪري کِليو. سڀئي ماڻهو ڏاڍو آرام ۽ سڪون سان ٿي لڳا. ايتري ۾ ججن جي چيمبر ۾ گھنٽي وڳي. سڀئي ماڻهو پنھنجي پنھنجي جاين تي ٿي ويٺا. منھنجو وڪيل مون ڏانهن وڌي آيو، مون سان هٿ ملايائين ۽ مون کي صلاح ڏنائين تہ جڏهن هو مون کان سوال پڇي تہ مان مختصر طور تي انهن جو جواب ڏيان ۽ پنھنجي طور تي هرگز ڪوبہ بيان شروع نہ ڪريان ۽ ٻيا سڀ معاملا مٿس ڇڏي ڏيان.

مون پنھنجي ڪاٻي پاسي هڪ ڪرسيءَ جي لڏڻ جو هلڪو آواز ٻڌو. مون هڪ بزرگ سنهڙو سيپڪڙو شخص ڏٺو. ڪيس ڳاڙهو لباس ڍڪيل هو. عينڪ وارو اهو شخص پنھنجو لباس ويڙهيندي ويھي رهيو. هو سرڪاري وڪيل هو. چوبدار، محترم ججن جي اچڻ جو اعلان ڪيو. اُن وقت ڇت ۾ ٽنگيل بہ وڏا بجليءَ جا پکا حرڪت ۾ اچي ويا. ٽي جج، ڪڇ ۾ دستاويز دٻائي داخل ٿيا. بہ ڄڻا ڪارن ڪپڙن ۾ هئا ۽ ٽيون ڳاڙهي رنگ ۾ هو. اهي تيزيءَ سان پنھنجي جاين ڏانهن وڌيا، جيڪي هال جي هڪ ممتاز مٿاهين هنڌ تي رکيل هيون. جيڪو شخص ڳاڙهي لباس ۾ هو، اهو وچ واري اوچي ڪرسيءَ تي ويٺو ۽ پنھنجي ٽوپي لاهي اڳيان رکيل ميز تي رکي ڇڏيائين. اول رومال سان پنھنجي کوپڙي اگھيائين ۽ اعلان ڪيائين تہ ڪورٽ جي ڪارروائي شروع ٿئي ٿي.

جرنلسٽن جي هٿن ۾ اڳيئي ئي قلم جهليل هئا. سندن انداز ڪجھہ اهڙو هو جو ڪين ڪنهن شيءِ ۾ ڪابہ خاص دلچسپي نہ هئي. اهي وڏا چالاڪ ۽ عيار نظر ٿي آيا. منجهانئن هڪ تہ تمام ننڍي چمار وارو هو. سندس لباس پوري رنگ جو ميٽيهاڻو هو ۽ نيڪٽاءِ نيري هئي. هو پنھنجي اڳيان قلم رکي ويٺو هو. منھنجي ڌيان جو مرڪز سندس بہ اکيون هيون- زرد رنگ ۽ روشن، جيڪي ڏاڍي غور سان منھنجو جائزو وٺي رهيون هيون، پر

اهو تاثر ڏيڻ کان سواءِ تہ اُهي ڪهڙي نتيجي تي پهتيون آهن. مون کي اهو عجب جهڙو لڳو جڻ تہ مان پنهنجو تجزيو پاڻ ئي ڪري رهيو هجان. شايد انهيءَ جو ڪارڻ اهو بہ هو تہ مان ڪورٽ جي ريت رسم کان اڻ واقف هئس. انهيءَ ڪري ڪارروائيءَ جا سمورا پهلو منهنجي سمجهہ ۾ چڱي طرح نہ پئي آيا. جيوُريءَ جي انتخاب جو طريقو، صدر جو منهنجي وڪيل، سرڪاري وڪيل ۽ جيوُريءَ تي سوالن جو وسڪارو، (هر ڀيري جڏهن هن سوال ڪيو ٿي تہ سموري جيوُريءَ جا ڪنڌ هڪدم ڪورٽ ڏانهن مُڙي ٿي ويا) فردِ جرم جو جلدي پڙهجڻ، جنهن ۾ مون کي ڪجهہ ماڻهن ۽ جاين جا نالا چاتل سڃاتل لڳا ٿي ۽ پوءِ منهنجي وڪيل کان ضميمي طور ڪجهہ سوال ڪيا ويا.

ان کان پوءِ صدر اعلان ڪيو تہ هاڻي شاهدن جي فهرست پڙهي ويندي. چوبدار نالا پڙهيا ۽ منهنجو ڌيان ڏانهس ڇڪجي ويو. ڪجهہ نالا ٻڌي تہ مان حيران ٿيس. جيئن ئي اعلان ختم ٿيو تہ شاهد هڪ هڪ ڪري اٿيا ۽ پوءِ هڪدم ٺي پرواري دروازي کان غائب ٿي ويا. غيمون، ماسون، سالامانو،ٻڍن جي گهر جو چوڪيدار، پوڙهو ٽامس پيريز ۽ مارِي- مارِي مون کي هلڪو اشارو ڪيو. مان حيران هئس تہ مون اُن کان اڳ ڪيس ڇو نہ ڏٺو. جيئن ئي سندس نالو پڪاريو ويو تہ آخري شاهد سيليت اٿي بيٺو. سندس پاسي ۾ مون ريسٽارنٽ واري عورت کي سڃاتو. ڪيس مردن جهڙو ڪوٽ پاتل هو ۽ سندس انداز اهوئي فيصلہ ڪُن، چٽو ۽ باضابطہ هو. هن مون کي غور سان ڏٺو، پر غور و فڪر جي فرصت ڪٿي هئي. صدر پوءِ تقرير شروع ڪئي. هن چيو تہ بحث طلب نقطن تي هاڻي جرح شروع ٿي رهي آهي ۽ ڪيس ڪورٽ ۾ ويٺل ماڻهن کي اهو چوڻ غير ضروري ٿو لڳي تہ اُهي خاموش ۽ سُڪون سان رهن. سندس چوڻ پٽاندر، سندس اها ذميواري آهي تہ هو نهايت بي رايائيءَ سان صدارت جا فرض ادا ڪري تہ جيئن مقدمي جي سيني پهلوئن تي صحيح طرح سان غور ڪري سگهجي. جيوُري جيڪا سزا تجويز ڪندي، اُها عدل ۽ انصاف تي ٻيٺل هوندي. بهرحال، هو معمولي کان معمولي بدنظميءَ جي صورت ۾ سموري ڪورٽ کي خالي ڪرائي ڇڏيندو.

گرمي وڌي رهي هئي ۽ مون ڏٺو تہ ڪي ماڻهو اخبارن سان هوا ڪري

رهيا هئا. انهيءَ ڪري مروڙيل ڪاغذن جي هڪ هلڪي مسلسل سرسراهٽ جاري رهي. صدر چوبدار کي اشارو ڪيو. هن اشارو ملندي ئي ٽي وڃنا آڻي حاضر ڪيا، جيڪي ٽنهي ججن هڪدم استعمال ڪرڻ شروع ڪيا.

هاڻي مون کان پڇاڳاڇا شروع ٿي. صدر مون کان پُرسڪون بلڪ خوشگوار لهجي ۾ سوال پڇيا. پهرين ته هڪ ڀيرو وري منهنجي نالي نشان جو اعلان ڪرايو ويو. جيتوڻيڪ انهي رسمي اينگهه کان مان بيزار ٿي چڪو هوس، پر مون سوچيو ته حقيقت ۾ اهو هڪ فطري امر آهي ڇو ته ٿي سگهي ٿو ته غلطيءَ وچان ڪٿي هڪ جي بدران ٻئي کي سزا نه ملي وڃي.

پوءِ صدر فردِ جرم پڙهڻ شروع ڪيو. هن مون سان مخاطب ٿيندي هر ڀيري رڳو ٽي لفظ چيا ٿي: ”اهو صحيح آهي؟“

مان هر ڀيري پنهنجي وڪيل جي هدايت پٽاندر جواب ڏيندو رهيس: ”جي ها، صدر صاحب!“

سندس تقرير ڊگهي ٿي ويئي هئي ڇو جو هو معمولي کان معمولي تفصيل به بيان ڪري رهيو هو. انهيءَ دوران جرنلسٽ تيزيءَ سان لکندا رهيا. منجهائن جيڪو سڀنيءَ کان ننڍي چمار جو هو، مون محسوس ڪيو ته سندس نگاهون مون تي ڄميل هيون. انهيءَ عجيب ڪمزور عورت جون به، جيڪا مشين وانگر هئي، پر جيوڙيءَ جون نظرون ڳاڙهي لباس واري جج تي هيون.

مون کي ٽرام جي مسافرن جو خيال آيو. ٿوري دير کان پوءِ جج هلڪي ڪنگهڪر ڪئي ۽ منهنجي فائيل جا پنا اٿلائي ۽ پنهنجي پاڻ کي وِڃڻو هڻندي مون سان سنجيدگيءَ سان مخاطب ٿيو.

صدر چيو ته ضروري آهي ته هو هاڻي مون کان ڪجهه اهڙا سوال ڪري جيڪي ظاهري طرح منهنجي مقدمي سان غير متعلق معلوم ٿين ٿا. پر دراصل انهن جو مقدمي سان گهرو تعلق آهي. مون کي لڳو ته هاڻي وري هو امان جي باري ۾ ڳالهائڻ وارو آهي ۽ گڏوگڏ مون کي اهو احساس ٿيو ته اها ڳالهه منهنجي لاءِ ڪيتري قدر پريشانيءَ جو ڪارڻ آهي. هن مون کان پڇيو ته مون امان کي ٻڍن جي گهر ۾ ڇو رکيو هو؟

مون وراڻيو: ”ڪارڻ سولو آهي. گهر ۾ سندس سارسنڀال لهڻ لاءِ مون وٽ ايترو پيسو پنجڙ نه هو.“

پوءِ هن مون کان پڇيو تہ سندس جدائي جي ڪري مون کي ڪو ڏک نہ پهتو.

مون ورائيو: "نہ. امان ۽ مان نہ هڪٻئي جا محتاج هئاسين ۽ نہ ٻئي ڪنهن جا. تنهنڪري اسان ٻئي پنهنجي نئين زندگيءَ جا جلدي عادي ٿي وياسين."

صدر وري چيو تہ هو انهيءَ نقطي تي وڌيڪ اصرار نہ ڪندو ۽ سرڪاري وڪيل کان پڇا ڪيائين تہ ڪيس مون کان انهيءَ مرحلي تي ڪي وڌيڪ سوال تہ نہ ڪرڻا آهن.

سرڪاري وڪيل چيلهہ کي اڌ موڙو ڏنو ۽ مون ڏانهن نهارڻ کان سواءِ چيائين تہ هو صدر صاحب جي موڪل سان اهو پڇڻ گهري ٿو تہ ڇا مان نديءَ ڏانهن اڪيلو انهيءَ نيت سان ويو هوس تہ اتي هڪ عرب کي قتل ڪندس.

مون چيو: "نہ!"

"پوءِ اوهان هٿياربند ڇو هئا ۽ ڇو ٺيڪ انهيءَ هنڌ تي موٽيا؟"

مون چيو: "اها محض اتفاق جي ڳالهہ هئي."

سرڪاري وڪيل ناشائستہ لهجي ۾ چيو: "في الحال اهوئي ڪافي آهي."

ان کان پوءِ سيني کي ٿورو مونجهارو ٿيو. گهٽ ۾ گهٽ مان ضرور پريشان هئس. پر وڪيلن سان صلاح مشوري کان پوءِ صدر اعلان ڪيو تہ ڪورٽ هاڻي برخواست ٿئي ٿي ۽ شاهدن جا بيان منجهند کان پوءِ ٿيندا.

مون کي سوچڻ جي مهلت نہ هئي. انهيءَ کان اڳ جو مون کي سڌ پوي تہ ڇا ٿي رهيو آهي، هنن مون کي اتان ٻاهر آندو، جيل جي گاڏيءَ ۾ سوار ڪيو ۽ جيل وٺي ويا، جتي مون منجهند جي ماني کاڌي. ٿوري ئي دير کان پوءِ مون کي وري وٺڻ آيا. بس ايتري ئي مهلت ملي تہ مان چئي سگهان تہ مان ڏاڍو ٿڪل آهيان. هاڻي مان وري ڪورٽ جي انهيءَ ڪمري ۾ هئس ۽ منهنجي سامهون وري اهي ئي چهرا هئا. رڳو گرمي وڌي ويئي هئي. ڪنهن معجزي سان هاڻي هر ڪنهن شخص وٽ وِڃڻا هئا ــ جيُوري وٽ- سرڪاري وڪيل، منهنجي وڪيل ۽ جرنلسٽن ــ سيني جي هٿن ۾ وڃڻا هئا. ننڍي چمار وارو جرنلسٽ ۽ ڪمزور مشيني عورت اڃا تائين اتي ئي هئا. پر هٿن وِڃڻو نہ

تي هنيو ۽ بدستور خاموشيءَ سان مون کي ڏسي رهيا هئا.

مون پنهنجي ڇهري تان پگهر اگهيو. مون کي اڃا نہ پنهنجو هوش آيو ۽ نہ انهيءَ هنڌ جو، جتي مان هئس تہ ٻڍن جي گهر جي وارڊن کي شاهدن جي ڪٽهڙي ۾ اچڻ لاءِ پڪاريو ويو. ڪائنس پڇيو ويو تہ ڇا امان کي اڪثر مون کان شڪايت رهندي هئي. هن چيو: ”ها! پر اها تہ سيني رٽائر ٿيل ماڻهن جي عادت هوندي آهي تہ اُهي پنهنجي مٽن مائٽن جي شڪايت ڪندا رهندا آهن.“

صدر ڪيس چيو تہ هو چٽائيءَ سان ٻڌائي تہ ڇا امان مون تي تهمت هڻندي هئي تہ مون کيس ٻڍن جي گهر ۾ ڇڏي ڏنو هو.

وارڊن وري جواب ڏنو، ”ها!“

پر هن ٻيري هن وڌيڪ ڪو اضافو نہ ڪيو. هڪ ٻئي سوال جو جواب ڏيندي هن چيو تہ جنازي واري ڏينهن ڪيس ايتري قدر ٿڌو ۽ پرسڪون ڏسي مون کي عجب لڳو. ڪائنس پڇيو ويو تہ هن ڇو اهو فيصلو ڪري ورتو تہ مان سرد مهر هئس. وارڊن پنهنجون اکيون جهڪايون ۽ ڪن پل پنهنجي بوٽن ڏانهن ڏٺو. پوءِ هن چيو تہ مون امان جي لاش کي بلڪل ڏسڻ نٿي چاهيو ۽ منهنجو هڪ لڙڪ بہ نہ لڙيو ۽ مان جنازي کان هڪدم پوءِ قبر تي فاتح پڙهڻ کان سواءِ اُتان هليو ويس. هڪ ٻي ڳالهہ جي ڪري ڪيس بہ عجب لڳو. جنازي جون آخري رسمون ادا ڪندڙ هڪ ملازم ڪيس ٻڌايو هو تہ مون کي امان جي ڄمار جي بہ خبر نہ هئي. هڪ پل لاءِ ماٺ ڇانئجي ويئي. صدر ڪائنس پڇيو: ”ڇا تون ڪٽهڙي ۾ اهو بيان جوابدار جي باري ۾ ڏيئي رهيو آهين؟“ وارڊن ڳڻ ڳوٺ ۾ پئجي ويو.

جج چٽائي ڪندي چيو: ”اهو قانون آهي. منهنجو منصبي فرض آهي تہ اهو سوال پڇان.“

پوءِ صدر سرڪاري وڪيل کي چيو تہ ڇا ڪيس شاهد کان ڪو سوال پڇڻو آهي؟ ۽ سرڪاري وڪيل ٽڙڻ لڳو:

”جي نہ! اهوئي ڪافي آهي.“

هن اهو چوندي مون ڏانهن هڪ سوڀاري نظر وڌي تہ ورهين کان پوءِ پهريون ڀيرو منهنجي دل چيو تہ سڏڪا ڀري روئي ڏيان جو مون کي احساس

ٿيو ته سڀئي مون کان چو نفرت ڪن ٿا.

صدر، جيوُري ۽ منهنجي وڪيل کان پڇيو ته ڪين ڪو بيو سوال پڇڻو آهي؟

پوءِ هن چوڪيدار جو بيان ٻڌڻ شروع ڪيو. سندس واري تي به ٻين شاهدن وانگر سڀ رسمون ادا ٿيون. ڪٽهڙي ۾ داخل ٿيندي چوڪيدار مون ڏانهن هڪ نظر وڌي ۽ پوءِ هن نظرون ڦيرائي ڇڏيون. هن سوالن جا جواب ڏنا. هن چيو ته مون امان جي لاش کي ڏسڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. مان سگريٽ پيئندي پيئندي سمهي پيو هوس. وڏيڪ اهو ته مون کير واري ڪافي پيتي هئي. مون کي محسوس ٿيو ته سموري ڪورٽ ۾ نفرت جي لهر ڊوڙي ويئي آهي ۽ مون پهريون ـــ ر سمجهيو ته مان سچ پچ ڏوهاري آهيان. چوڪيدار کي چيو ويو ته هو کير واري ڪافيءَ ۽ سگريٽ نوشيءَ جو قصو وري ٻڌائي. سرڪاري وڪيل مون ڏانهن رُخ ڪيو ته سندس اکين ۾ طنز جي هڪ چمڪ هئي. انهيءَ پل منهنجي وڪيل چوڪيدار کان پڇيو ته ڇا هن مون سان گڏجي سگريٽ نه ڇڪيو هو؟ پر انهيءَ سوال تي سرڪاري وڪيل جلدي اُٿي بيٺو ۽ شدت سان سوال جي مخالفت ڪيائين. هن چيو:

”هتي ڏوهاري ڪير آهي؟ ۽ فرياديءَ جي شاهدن خلاف ڪهڙا ڪهڙا حربا استعمال ڪيا پيا وڃن؟ بيان اهڙا ڏند ڪٿا ڪندڙ آهن جو انهن ۾ شڪ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش بلڪل اجائي آهي.“

انهيءَ اعتراض جي باوجود صدر چوڪيدار کان تقاضا ڪئي ته هو سوال جو جواب ڏي! پوڙهو وائڙو ٿي ويو ۽ چيائين: ”مون کي چڱي طرح خبر آهي ته غلطي منهنجي آهي، پر جڏهن صاحب مون کي سگريٽ پيش ڪيو ته مان انڪار ڪرڻ جي جرئت نه ڪري سگهيس.“

جج مونکان آخري ڀيرو پڇيو ته مون کي ٻيو ڪجهه چوڻو آهي؟

”جي نه!“ مون وراڻيو، ”رڳو اهوئي ته شاهد ٺيڪ چوي ٿو. اهو سچ آهي ته مون کيس سگريٽ پيش ڪيو هو.“

چوڪيدار مون کي هڪ ٺي ڀيري ۾ تعجب ۽ ٿورن سان ڏٺو. هو هٻڪيو، پوءِ هن چيو ته کير واري ڪافي هنڙمون کي پيش ڪئي هئي.

منهنجي وڪيل ڪاميابيءَ جي نشي ۾ آسمان مٿي تي کڻي ڏنو ۽ وڏي آواز ۾ اعلان ڪيائين ته کيس اُميد آهي ته جيوُري انهيءَ بيان جي اهميت کي

داد ڏيندي.

پر سرڪاري وڪيل گرجدار آواز ۾ چيو: ”جي ها! جيوري ضرور انهيءَ جي اهميت کي سمجهندي. هوءَ انهيءَ نتيجي تي پهچندي ته هڪ ڏاريو ته غلطيءَ کان ڪافي پيش ڪري سگهيو ٿي، پر هڪ پٽ کي اهڙي هستيءَ جي لاش جي اڳيان، جنهن کيس جنم ڏنو هو، ايتري همت نه ٿي جو انهيءَ پيشڪش کي ٺوڪاري سگهي.“

ان کان پوءِ چوڪيدار پنهنجي جاءِ تي موٽي ويو.

جڏهن ٿامس پيريز جو وارو آيو ته هڪ چوبدار کي ڪيس سهارو ڏيئي ڪٺهڙي تائين آڻيو پيو. پيريز چيو ته جيتوڻيڪ هو منهنجي ماءُ کي چڱي طرح سڃاڻيندو هو، پر هن مون کي رڳو هڪ ڀيرو ڏٺو هو— جنازي واري ڏينهن. ڪانئس پڇيو ويو ته منهنجو سلوڪ انهيءَ ڏينهن ڪهڙو هو. هن وراڻيو:

”اوهان کي سڌ آهي ته مان پاڻ غم ۾ مبتلا هئس، تنهنڪري مون ڪجهه نه ڏٺو. منهنجو غم پيو ڪجهه ڏسڻ ڪري رنڊڪ جي رهيو هو. اهو هڪ تمام وڏو صدمو هو. منهنجي ويجهي دوست جو موت. دراصل جنازي جي دوران مان بيهوش ٿي ويو هوس، تنهنڪري هن صاحب ڏانهن منهنجو ڌيان ئي نه ويو.“

سرڪاري وڪيل کيس چيو ته گهٽ ۾ گهٽ هن مون کي رُئندي ته ڏٺو هوندو. جڏهن پيريز چيو ته نه، ته سرڪاري وڪيل پنهنجي طرفان زور سان چيو:

”اميد آهي ته جيوري انهيءَ بيان تي مناسب ڌيان ڏيندي.“

پر منهنجو وڪيل انهيءَ تي چڙي پيو. هن پيريز کي اهڙي لهجي ۾، جيڪو غير ضروري تشدد آميز ٿي لڳو، پڇيو ته ڇا هو قسم تي بيان ڏيئي سگهندو ته مون هڪ به لڙڪ نه وهايو هو.

پيريز وراڻيو: ”نه!“

انهيءَ تي ڪجهه ماڻهو کِلي پيا ۽ منهنجي وڪيل پنهنجي قميص جي ٻانهن ڪنجيندي تحڪماڻي لهجي ۾ چيو:

”هن ڪارروائيءَ جي عجيب صورت آهي. سڀڪجهه سچ آهي ۽ ڪجهه

بہ سچ ناهي. صحيح واقعا ڄاڻڻ جي ڪوشش ئي نہ ٿي ڪئي وڃي.“

سرڪاري وڪيل ڪو ڌيان نہ ڏنو. هو منهن سڄائي ويٺو رهيو ۽ پينسل ڪٿي پنهنجي ڪاغذن تي ڪجهہ رهڙڻ لڳو- بلڪل بي نياز!!

پنجن منٽن جي دير کان پوءِ، جنهن جي دوران منهنجي وڪيل مون کي چيو تہ سموري ڪارروائي منهنجي مرضي پٽاندر ٿي رهي آهي. پوءِ سيليٽ جو آواز ڪن پيم. هو جوابدار جي طرف کان شاهدي ڏيئي رهيو هو ۽ جوابدار مان هئس.

وقت بوقت سيليٽ مون تي نظر وجهي ٿي. شاهدي ڏيندي هو هٿن ۾ پنهنجو ٽوپلو مروڙي رهيو هو. ڪيس پنهنجو سڀ کان عمدو سوٽ پاتل هو، جيڪو هو ڪڏهن ڪڏهن، آچر تي جڏهن اسان گڏجي ريسنگ تي ويندا هئاسين، پائيندو هو. پر ظاهر آهي نہ هو پنهنجو ڪالر نہ لڳائي سگهيو، ڇو جو قميص جو گلو بند ڪرڻ لاءِ هن رڳو ٽامي جو هڪ بٽڻ لڳائي رکيو هو. ڪائنٽس پڇيو ويو تہ ڇا مان سندس گراهڪ آهيان؟

هن چيو: ”جي ها! پر هڪ دوست بہ.“

جڏهن ڪائنٽس منهنجي باري ۾ راءِ پڇي ويئي تہ هن چيو ’ٺيڪ‘ آهي. پوءِ جڏهن ان جي تشريح پڇي ويئي تہ هُن چيو تہ انهيءَ جو مطلب هرڪو سمجهي ٿو. جڏهن ڪائنٽس پڇيو ويو تہ ڇا منهنجو اهڙو مزاج آهي جو مان هر ڳالهہ لڪائيندو آهيان تہ هن ورائيو، ”هو اهڙو ناهي، پر هر ڪنهن سان رِلي مِلي ۽ ڳالهہ ٻولهہ ڇيڙي پنهنجو وقت نہ وڃائيندو آهي.“

سرڪاري وڪيل ڪائنٽس پڇيو تہ ڇا مان بِل باقاعدگي سان ادا ڪندو آهيان.

سيليٽ کِليو ۽ چيائين: ”جي ها! پر اهو معاملو تفصيل جو آهي. اسان ٻنهيءَ جي وچ ۾ يارن سان ڪهڙا ليکا وارو معاملو آهي.“

ڪائنٽس وري پڇيو ويو تہ مُنهنجي ڏوهہ جي باري ۾ سندس ڪهڙي راءِ آهي. هن هوريان پنهنجا هٿ ڪٺهڙي تي رکيا. صاف پئي لڳو تہ هاڻي هو ڪجهہ چوڻ جي تياري ڪري رهيو آهي.

هن چيو:”منهنجي راءِ ۾ اهو محض هڪ حادثو آهي، يا هڪ بدقسمتي، جنهن جي سيني کي خبر آهي تہ ڇا آهي. انسان کي اُن کان بچڻ

جي ڪا تدبير نہ ٿي سُجهي. جي ها، منهنجي نظر ۾ اها هڪ بدقسمتي آهي."

هو تقرير جاري رکڻ وارو هو، پر صدر ڪيس روڪيو ۽ سندس ٿورا مڃيندي چيائين تہ اهو نيڪ آهي. پوءِ سيليت گهبراهٽ ۾ ڪجهہ دير ماٺ رهيو، پر پوءِ چيائين تہ سندس بيان ختم نہ ٿيو آهي. هو ڪجهہ وڌيڪ چوڻ ٿو چاهي. ڪيس چيو ويو تہ هو پنهنجو بيان مختصر ڪري. هُن اصرار ڪندي چيو تہ اهو 'محض هڪ حادثو' آهي.

صدر ڪيس چيو: "جي ها! اهو تہ طئہ آهي پر اسان هتي انهيءَ ڪري آهيون تہ انهيءَ قسم جي حادثي جو قانون پٽاندر فيصلو ڪريون. اسان اوهان جا ٿورائتا آهيون. اوهان وڃي سگهو ٿا."

جڏهن سيليت پنهنجي علم و فضل ۽ نيڪ خواهي جو اظهار ڪري چڪو تہ مون ڏانهن وڌيو. ائين ٿي لڳو تہ سندس اکيون آليون هيون ۽ سندس چپ ڏڪي رهيا هئا. هو زبانِ حال سان مون کان پڇي رهيو هو تہ ڇا هو منهنجي لاءِ ٻيو بہ ڪجهہ ڪري سگهي ٿو؟ مون ڪجهہ نہ چيو، نہ مون ڪوبہ اشارو ڪيو، پر زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو منهنجي دل چيو تہ هڪ مرد جو منهن چُمي وٺانس.

صدر ڪيس وري چيو تہ هو ڪٺهڙي مان هليو وڃي. سيليت هيٺ لهي پنهنجي جاءِ تي ويهي رهيو. باقي شنوائي جي دوران هو اُتي ئي ويهي ڪارروائي ٻڌندو رهيو. اڳيان جهڪي، ٺونٺيون گوڏن تي رکي ۽ پنهنجو ٽوپلو هٿن ۾ جهلي، هن هر لفظ غور سان ٻڌو.

هاڻي ماري اندر داخل ٿي. سندس مٿي تي هيٽ هو ۽ هوءَ هاڻي بہ خوبصورت لڳي رهي هئي، جيتوڻيڪ هوءَ مون کي ڇُڙيل وارن ۾ وڌيڪ موهيندڙ لڳندي هئي. جنهن جاءِ تي مان هئس، اُتي مان سندس ڇاتين جو نرم ڇهاءُ محسوس ڪري رهيو هوس ۽ مان ڏسي رهيو هوس تہ سندس هيٺيون چپ ڪجهہ اهڙيءَ طرح لتڪيل هو جو مون کي هميشه وڻندو آهي. هوءَ ڏاڍي گهبرايل ٿي لڳي.

اُتندي ئي ڪانئس پڇيو ويو تہ هوءَ ڪڏهن کان مون کي سڃاڻي ٿي. هن انهيءَ زماني جو ذڪر ڪيو، جڏهن هوءَ اسان جي آفيس ۾ ڪم ڪندي هئي. صدر ڪانئس پڇيو تہ مون سان هن جا ڪهڙا تعلقات هئا. هن چيو تہ

هوءَ منهنجي دوست آهي. هڪ ٻئي سوال جو جواب ڏيندي هن چيو تہ اهو صحيح آهي تہ هوءَ مون سان شادي ڪرڻ واري هئي.

سرڪاري وڪيل، جيڪو سامهون پنهنجي فائيل جا پنا اُٿلائي رهيو هو، ڪانئس اوچتو پڇيو تہ اسان جا 'جنسي لاڳاپا' ڪهڙي ڏينهن شروع ٿيا. هن تاريخ ٻڌائي. سرڪاري وڪيل ڏاڍي لاپرواهيءَ واري انداز ۾ چيو تہ سندس خيال آهي تہ اها تاريخ امان جي جنازي جي ٻئي ڏينهن جي هئي. پوءِ هن ڪجهہ طنز مان چيو تہ هو اهڙي 'نازڪ معاملي' جي باري ۾ وڌيڪ اصرار نہ ڪندو. هن ماريءَ جي هٻڪ ۽ آناڪاني کي چڱي طرح سمجهيو ٿي. (۽ اتي سندس لهجو چڱو ڪوڙو ٿي ويو) پر هو مجبور آهي تہ شائستگيءَ جي عام ادبن کي پاسيرو رکي پنهنجو فرض ادا ڪري.

هن وري ماريءَ کان تقاضا ڪئي تہ هوءَ انهيءَ ڏينهن جو پورو تفصيل بيان ڪري، جڏهن پهرين ڀيرو اسان جي 'جنسي ملاقات' ٿي هئي. ماري اول تہ ڪجهہ چوڻ نہ ٿي چاهيو، پر سرڪاري وڪيل جي اصرار تي هن اسان جي گڏجي وهنجڻ جو ذڪر ڪيو. ان کان پوءِ اسان جو گڏجي سنيما وڃڻ ۽ اسان جو گڏجي منهنجي گهر موٽڻ. سرڪاري وڪيل ماريءَ جي بيان کان هڪدم پوءِ ڪورٽ کي چيو تہ هن مئجسٽريٽ اڳيان ڏنل ماريءَ جي ڪجهہ بيانن جي نتيجي ۾، انهيءَ ڏينهن جي سنيما جي پروگرامن جو جائزو ورتو آهي، ۽ ماريءَ ڏانهن مڙندي ڪانئس فلم جو نالو پڇيائين، جيڪا اسان ڏسڻ ويا هئاسين.

هن ڪوري آواز ۾ چيو، "ڳالهہ اها آهي تہ اها فلم فرنانڊيل جي هئي (جيڪو هڪ مزاحيہ هيرو آهي)."

جڏهن هن ڳالهہ ختم ڪئي تہ ڪورٽ ۾ مڪمل ماٺ ڇانئجي وئي. پوءِ سرڪاري وڪيل ڏاڍي سنجيدگيءَ سان اُٿيو ۽ مون ڏانهن اشارو ڪندي نهايت جذباتي انداز ۾ هوريان چوڻ لڳو:

"جيوريءَ جا صاحبو، غور فرمايو!! پنهنجي ماءُ جي موت جي ٻئي ڏينهن تي هيءُ شخص حمام ۾ وڃي ٿو، غير قانوني جنسي لاڳاپن جي شروعات ڪري ٿو ۽ هڪ مزاحيہ فلم ڏسي مزو ماڻي ٿو. مان اوهان کي انهيءَ کان وڌيڪ ڪجهہ نٿو چوڻ چاهيان."

هو ويهي رهيو ۽ مـاٺ مسلسل چانيل رهي. پر اوچتو ماري ڦٽي هاڻ ۽ سڏڪا ڀري روئڻ شروع ڪيو. هن چيو تـہ حقيقت اها نـہ هئي، بلڪ سچائي ڪجهہ ٻي آهي. ڪيس مجبور ڪيو ويو آهي تـہ هوءَ پنهنجي مـرضيءَ جي خلاف بيان ڏي. انهيءَ جو مطلب هرگز اهو نـہ هو. هوءَ مون ڪي چڱي طرح سڃاڻي ٿي ۽ ڪيس پڪ آهي تـہ مون ڪوبہ خراب ڪم ناهي ڪيو. پر صدر جي اشاري تي چوبدار ڪيس وٺي ويو ۽ ڪورٽ جي ڪارروائي جاري رهي.

اهو منظر اڃا ختم ٿي نـہ ٿيو هو تـہ ماسون اعلان ڪيو تـہ مـان هڪ عزتدار شخص آهيان. هن اهو بہ چيو تـہ مان هڪ معتبر مـاڻهو آهيان، پر ڪنهن سندس ڪا ڳالهہ نـہ ٻڌي. اها ڳالهہ اڃا ختم نـہ ٿي هئي تـہ سالامانو کي اهو چوندي ٻڌيو ويو تـہ ڪيس ياد آهي تـہ مون سندس ڪتي سان هميشه چڱائي ڀريو سلوڪ ڪيو هو. جڏهن ڪانئس منهنجي ۽ امـان جي باري ۾ سوال پڇيو ويـو تـہ هن چيـو تـہ مـان حـقيـقت ۾ پنـهنجي مـاءُ سـان گـهڻ ڳالهائيندو هوس ۽ اهوئي ڪارڻ آهي جو مون ڪيس ٻُڍڻ جي گـهر ۾ ڇڏي ڏنو هو. سالامانو چيو تـہ انهيءَ ڳالهہ کي صحيح سمجهڻ گهرجي. صحيح سمجهڻ گهرجي — صحيح سمجهڻ گهرجي!! پر معلوم ٿي ٿيو تـہ اها ڳالهہ ڪوبہ سمجهي نـہ سگهيو. ڪيس چيو ويو تـہ هو ڪنهڙي مان لهي اچي.

پوءِ غيمون جو وارو آيو. هو آخري شاهد هو. غيمون هٿ سان مون کي هلڪو اشارو ڪيو ۽ پوءِ هڪدم چيائين تـہ مان بي گناهہ آهيان. پر صدر چيس تـہ هو ڪانئس راءِ نـہ ٿو پڇي بلڪ واقعن جي باري ۾ پڇا ڪري رهيو آهي. ڪيس چيو ويو تـہ هو سوال غور سان ٻڌي ۽ انهن جو ٺيڪ جواب ڏي. ڪيس چيو ويو تـہ هو جوابدار سان پنهنجا تعلقات چٽي طرح بيان ڪري. غيمون موقعي جو فائدو وٺندي چيو تـہ آخري نفرت ڀرئي واقعي ڪان پوءِ هن، نـہ ڪي مون، عرب جي پيٽ ڪي ماريو هو. انهيءَ ڪري مقتول ڪي مون سان ساڙ ۽ وير رکڻ جو ڪو ڪارڻ تـہ نـہ هو. غيمون چيو تـہ انهيءَ ڏينهن سمنڊ ڪناري منهنجي موجودگي محض هڪ اتفاق جو نتيجو هئي. سرڪاري وڪيل وري ڪانئس پڇيو تـہ انهيءَ جو ڪهڙو جواز آهي تـہ اهو ناٽڪي خط، جنهن ڪري اهو سانحو روپذير ٿيو ۽ جنهن جو اصل وٽس موجود آهي، مون ڪان لڪايو ويو آهي. رئمنڊ وراڻيو:

”اهو بہ محض هڪ اتفاق هو.“

سرڪاري وڪيل ڦيرو ڪائي الزام لڳايو تہ هن مقدمي ۾ اتفاقن ۽ ’محض حادثن‘ جو تمام گهڻو دخل آهي. هن سمجهڻ چاهيو ٿي تہ ڇا اها اتفاق جي ڳالهہ هئي تہ جڏهن غيمون پنهنجي سُريت کي ماري رهيو هو تہ مون مداخلت نہ ڪئي. ڇا اها بہ اتفاق جي ڳالهہ هئي تہ مون شاهد جي ٿاڻي ۾ ضمانت ڏني ۽ ڇا اهو بہ اتفاق آهي تہ انهيءَ مشاهدي کان پوءِ منهنجن سمورن بيانن مان منهنجي مروت صاف صاف بکي ٿي. آخر ۾ غيمون کان هن پڇيو تہ سندس روزگار جو وسيلو ڪهڙو آهي. جيئن ئي هن جواب ڏنو ”دڪانداري“، تہ سرڪاري وڪيل جيوُريءَ کي مخاطب ٿيندي چيو تہ شاهد بدنامِ عام آهي ۽ سندس پيشو ڀڙوت آهي ۽ اها بہ خبر آهي تہ مان سندس گهرو دوست آهيان ۽ ساٿس گڏ انهيءَ ڏوهہ ۾ شامل آهيان. ڏوهہ جو سمورو پس منظر نهايت ڀيانڪ آهي. اها هڪ نهايت ذليل ۽ نيچ راند آهي، جيڪا انهيءَ ڳالهہ کان اڃا بہ وڌيڪ سنگين ٿي وڃي ٿي جو انهن مانهن اهو پنهنجي روزگار جو وسيلو بنائي رکيو آهي. جوابدار جي سموري شخصيت انسانيت کان خالي ۽ اخلاقي احساس کان بلڪل وانجهيل آهي. غيمون پنهنجي بچاءُ ۾ ڪجهہ چوڻ چاهيو ٿي تہ منهنجي وڪيل احتجاج ڪيو، پر کيس هدايت ڪئي ويئي تہ هو سرڪاري وڪيل کي پنهنجي ڳالهہ پوري ڪرڻ ڏي. سرڪاري وڪيل چيو:

”مون کي وڌيڪ تمام ٿورو چوڻو آهي. ڇا جوابدار تنهنجو دوست آهي؟“ هن غيمون کان پڇيو.

هن چيو:

”ها! منهنجو ننڍپڻ جو يار آهي.“

پوءِ سرڪاري وڪيل مون کان بہ اهوئي سوال پڇيو. مون غيمون ڏانهن نظر وڌي. هن منهنجي اکين ۾ اکيون وجهي ڏٺو. مون وراڻيو:

”جي ها!“

سرڪاري وڪيل وري جيوُريءَ ڏانهن رُخ ڪيو ۽ چيائين:

”هيءُ اهوئي شخص آهي، جيڪو پنهنجي ماءُ جي جنازي جي ٻئي ڏينهن پنهنجو پاڻ کي نهايت شرمناڪ بدڪاريءَ جي حوالي ڪري ڇڏي ٿو.

سواءِ ڪنهن معقول ڪارڻ جي قتل ڪري ٿو، جيئن هو پنهنجي مشڪوڪ اخلاق ڪان ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگهي."

پوءِ هو ويهي رهيو. پر منهنجي وڪيل جي صبر جو پيمانو لبريز ٿي چڪو هو. هن هٿ کڻي رڙ ڪئي ــ ڪجهه اهڙيءَ طرح جو سندس قميص جون ٻانهون هيٺ لٽڪي پيون ۽ سندس ڪلف دار قميض جا گهنج ظاهر ٿيڻ لڳا. هن چيو:

"نيٺ به جوابدار تي الزام ڪهڙو آهي؟ ماءُ کي دفن ڪرڻ جو يا ڪنهن شخص کي قتل ڪرڻ جو...؟"

ڪورٽ ۾ ويٺل ماڻهو کلڻ لڳا. پر سرڪاري وڪيل وري خطاب ڪيو. هن پنهنجي رسمي لباس کي درست ڪندي اعلان ڪيو ته اها سادي سودي ڳالهه سمجهڻ لاءِ جناب بچاءَ جي وڪيل جي بورژائپ ۽ سادگي درڪار آهي. ٻئي تعلقات لازم ملزوم آهن ۽ ٻنهيءَ جي وچ ۾ هڪ گهرو افسوسناڪ ۽ حسرتناڪ تعلق آهي.

"جي ها!" هن سختيءَ سان چيو، "مان انهيءَ شخص تي الزام هڻان ٿو ته هن پنهنجي ماءُ کي هڪ گناهه ڀريل دل سان دفن ڪيو آهي."

انهيءَ تقرير جو ڪورٽ ۾ ويٺل ماڻهن تي چڱو اثر پيو. منهنجي وڪيل ڪُلها چنڊيا ۽ پنهنجي پيشانيءَ تان پگهر اگهيو. پر هو بدحواس ٿي رهيو هو ۽ مون کي خيال آيو ته حالتون منهنجي فائدي ۾ نه پيون وڃن.

جلدي پوءِ ڪورٽ برخواست ٿي. هاءِ ڪورٽ کان جيل جي گاڏيءَ ۾ سوار ٿيڻ لاءِ نڪرندي مون ڪجهه مختصر لمحن لاءِ ٻاهر اونهاري جي شام جي ڄاتل سڃاتل رنگ ۽ بو کي وري سڃاتو. روان جيل جي اونداهي گمناميءَ ۾ مون کي پنهنجي ٿڪ جو شدت سان احساس ٿيو ۽ ايتري ۾ هڪ هڪ تي پنهنجي محبوب شهر جي گوڙ شور جا سڀئي ڄاتل سڃاتل آواز منهنجي ڪنن ۾ گهڙي آيا ۽ انهيءَ عالم ۾ مون کي هڪ عجيب راحت محسوس ٿي. اخبارون وڪرو ڪندڙ هاڪرن جو کُليل فضا ۾ تفريحي انداز ۾ هوڪا ڏيڻ، ڇوڪن جي باغ ۾ آخري پکين جون لاتيون لنوڻ، سينڊوچ وڪرو ڪندڙ وارن جون پڪارون، شهر جي بلندين تي ترام جو ڏکيو موڙ مُڙندي شور ۽ آسمان جي اُها مبهم سرسراهٽ جڏهن رات سامهون بندرگاهه

تي جهومڻ لڳي. مون لاءِ اهو سفر هڪ اهڙي انڌي ماٺهو وانگر هو جيڪو جيل ۾ وڃڻ کان اڳ انهيءَ رستي جو چپو چپو سڃاڻيندو هجي.

بيشڪ شام جي اها گهڙي اهڙي هئي جنهن ۾ مون کي هڪ مدت کان پوءِ زندگيءَ جي راحت جو احساس ٿيو. هاڻي هڪ هلڪي پرسڪون ننڊ منهنجي اوسيئڙي ۾ هئي ـــ اهڙي ننڊ جنهن ۾ خوابن جو نالو نشان نہ هجي. اُن کان پوءِ منهنجي لاءِ سڀني شين جي حقيقت بدلجي ويئي. ڪالهہ جو تصور هاڻي جيل جي ڪوٺڙيءَ کان سواءِ ڪجهہ نہ هو. جهڙي طرح اونهاري جي موسم ۾ چاتل سڃاتل راهون معصوم ۽ مٺي ننڊ جي منزل جي سڌ ڏينديون آهن، بلڪل ساڳي طرح اُهي جيل جي نشان ڌهي بہ ڪن ٿيون.

# 4

● پنهنجي باري ۾ ڳالهيون ٻڌڻ هميشه دلچسپيءَ جو ڪارڻ هونديون آهن، چاهي اُهي جوابدارن جي ڪٽهڙي ئي ۾ ڇو نہ هجن. سرڪاري ۽ پنهنجي وڪيل جون تقريرون ٻڌڻ کان پوءِ مان اهو چئي سگهان ٿو تہ انهن منهنجي باري ۾ ڳالهيون تہ گهڻيون ڪيون، پر منهنجي ذات جي باري ۾ وڌيڪ ۽ منهنجي ڏوهہ جي باري ۾ گهٽ.

بهرحال انهن ٻنهي تقريرن ۾ ڪو خاص فرق نہ هو. منهنجي وڪيل همٿ هاري ڇڏي ۽ ڏوهہ جو قبولدار ٿيو پر ڏوهہ جي اهميت کي گهٽ ڪرڻ لاءِ عذر ڏاڍا پيش ڪيائين. سرڪاري وڪيل همٿ نہ هاري ۽ ڳليو ڳلايو مون کي ڏوهاري ٺهرايائين پر ڪوبہ عذر پيش نہ ڪيائين. پر هڪ شيءَ مون کي مبهم نموني پريشان ڪري رهي هئي. پنهنجي ڳتيءَ ۽ بي چينيءَ جي باوجود ڪيترائي ڀيرا دل بي اختيار چاهيو تہ مان ڪارروائيءَ ۾ مداخلت ڪريان پر منهنجي وڪيل اهو چئي مون کي روڪي ڇڏيو:

"تون خاموش رهہ، تو لاءِ انهيءَ ۾ چڱائي آهي."

هڪ طرح کان مان پنهنجي مقدمي کي پنهنجي ذات کان خارج سمجهي رهيو هوس ۽ منهنجو سلوڪ ڪجهہ اهڙو هو ڄڻ تہ انهيءَ جو مون سان ڪو داخلي تعلق ناهي. مقدمو منهنجي مداخلت کان سواءِ جاري رهيو.

منهنجي قسمت جو فيصلو ٿي رهيو هو ۽ ڪنهن منهنجي راءِ تائين به پڇڻ گوارا نہ ڪئي. وقت بوقت منهنجي دل چاهيو ٿي تہ سموري ڪارروائي روڪي ڇڏيان ۽ چوان:

”پر آخر ڏوهاري ڪير آهي؟ هي ڏوهاريءَ جي موت ۽ زندگيءَ جو سوال آهي ۽ مون کي پنهنجي زبان ۾ ڪجهہ چوڻو آهي.“

پر غور و فڪر ڪان پوءِ مان انهيءَ نتيجي تي پهتس تہ مون کي ڪجهہ بہ چوڻ ناهي. بهرحال مون کي اهو چئو ڏسڻ ۾ پئي آيو تہ ماڻهن جي دلچسپي گهڻي دير تائين قائم نہ رهندي. مثال طور مان سرڪاري وڪيل جي تقرير جلدي وساري ويٺس. رڳو ڪي ٽڪرا، ڪي اشارا، ڪي ملامت ڀريا جملا، مون کي ياد رهجي ويا هئا. پر مجموعي طور تي منهنجي دلچسپي ختم ٿي ويئي هئي.

سندس نيت منهنجي سمجهہ ۾ چڱي طرح اچي ويئي. اهوئي تہ مون ڄاڻي واڻي ڏوهہ ڪيو آهي. گهٽ ۾ گهٽ سندس ڪوشش اهائي هئي تہ هو اهو ثابت ڪري، جيئن هن چيو هو.

”حضرات! مان اهو ثابت ڪندس ۽ تڪرار سان- اول تہ واقعن جي تيز روشنيءَ ۾ ۽ پوءِ انهيءَ مجرمانہ ذهنيت جي نفسيات جي غمگين ۽ اداس پهلوئن جي روشنيءَ ۾!“

هن امان جي موت ڪان پوءِ جا واقعا ڳڻائڻ شروع ڪيا. هن منهنجي بي حسي ۽ بي پرواهيءَ جو ذڪر ڪيو، امان جي ڄمار جي باري ۾ منهنجي اڻ ڄاڻائي جو ٻڌايائين، پوءِ ٻئي ڏينهن منهنجو ماريءَ سان وهنجڻ ۽ سائنس گڏجي سنيما وڃڻ جتي فرنانديل جو ميٽني شو هلي رهيو هو ۽ پڇاڙيءَ ۾ منهنجو ماريءَ سان گڏ پنهنجي گهر موٽڻ بابت ٻڌايائين. مان ڪنهن ڪنهن وقت انهيءَ جو مطلب سمجهڻ ڪان قاصر ٿي رهيس، ڇو جو هو ڪيس ”سَرِيت“ جي لقب سان ڪوٺي رهيو هو ۽ منهنجي لاءِ هوءَ رڳو ”ماري“ هئي. پوءِ هن غيمون جو قصو ڇيڙيو. مون کي لڳو تہ هو واقعن کي ڏاڍي چالاڪيءَ سان موڙي توڙي پيش ڪري رهيو هو. ۽ جيڪي ڪجهہ چئي رهيو هو، بظاهر معقول لڳي رهيو هو.

اهو صحيح آهي تہ مون غيمون جي رضامنديءَ سان خط لکيو هو تہ

جيئن هو پنهنجي سرِيت جو ڏيان پاڻ ڏانهن ڇڪائي سگهي ۽ هڪ اهڙي شخص کي، جنهن جو اخلاق مشڪوڪ هو، پنهنجي سيرت جي خراب پهلوئن کان ڇوٽڪاروحاصل ڪرڻ جو موقعو ملي سگهي. مون سمنڊ ڪناري غيمون جي دشمن کي اشتعال ڏياريو هو. جهيڙي جي دوران هو زخمي ٿيو. مون ڪانئس سندس روالور گهُريو هو ۽ مان محض اهو استعمال ڪرڻ جي نيت کان اُتان موٽيو هوس. مون عرب کي نشانو بنايو هو جيئن منهنجو ارادو هو. پهرين گولي ڇوڙڻ کان پوءِ مان اُتي انتظار ڪندو رهيس ته جيئن مون کي پڪ ٿي وڃي ته ڪم سچ پچ پورو ٿي ويو آهي. مون وري ڇاتي واٽي چار گوليون بلڪل سڌيون ۽ نهايت بي دردي‌ءَ سان هلايون. يقيني طور تي اهو صاف ظاهر هو ته مون هڪ طرح سان اهو ڪم سوچي ويچاري نيت سان ڪيو هو.

”حضرات!“ سرڪاري وڪيل چيو. ”مون اوهان آڏو واقعا پيش ڪيا آهن، جن مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته هِن شخص سڀ ڪجهه سمجهندي ۽ سڄاڻيندي مقتول کي ڄاڻي ٻجهي قتل ڪيو آهي. هيءُ واقعو اهڙو ناهي جو ڪنهن اشتعال ۾ اچي غير ارادي طور تي قتل ڪيو هجي ۽ جوش جي حالت ڏوهه جي سنگينيءَ کي هلڪو ڪري سگهي. مان اها ڳالهه تاڪيد سان چئي رهيو آهيان.“

هن اڳتي چيو: ”ڇو ته هيءُ شخص هڪ معمولي ڪلارڪ ناهي جو اوهان حالتن ۾ ڪمي ڪري سگهو ته ڏوهه جو ارتڪاب سوچڻ سمجهڻ کان سواءِ ڪيو ويو آهي. هيءُ هڪ پڙهيل شخص آهي، تنهنڪري اهو فرض ڪرڻ بلڪل ناممڪن آهي ته جڏهن هن ڏوهه جو ارتڪاب ڪيو ته ڪيس احساس نه هو ته هو ڇا ڪري رهيو آهي.“

”حضرات!“ هي شخص ذهين آهي. انهيءَ ڳالهه ۾ اوهان ضرور مون سان سهمت ٿيندؤ. هو لفظن جي معنيٰ کي سمجهي ٿو ۽ ڪوبه اهو نه ٿو چئي سگهي ته هن جيڪي ڪجهه چيو آهي، اُهو حالتن جو جائزو وٺڻ کان سواءِ ڪيو آهي؟“

مان ٻڌندو رهيس. مون اهو به ٻڌو ته هو مون کي ’ذهين‘ مڃي ٿو. پر مان اهو سمجهي نه سگهيس ته اها خصلت جيڪا هڪ عام ماڻهوءَ ۾

خوبي سمجهي ويندي آهي. هڪ جوابدار ۾ اهائي سندس خلاف ڪنهن ڏوهه جي شرمناڪ الزام لڳائڻ ۾ ڇو اهڙي شدت سان استعمال ڪري سگهجي ٿي. گهٽ ۾ گهٽ مون کي انهيءَ ڳالهه پريشاني ضرور ٿي، ۽ پوءِ مان سرڪاري وڪيل جي باقي تقرير تي ڌيان رکي نه سگهيس ته ايتري قدر جو مون ڪيس اهو چوندي ٻڌو:

”ڇا هن پڇتاءُ جو اظهار ڪيو آهي؟ هرگز نه. حضرات، شنوائيءَ جي دوران هڪ ڀيرو به هيءُ شخص پنهنجي ڏڪار ڀريئي ڏوهه تي نادم نظر نه آيو.“

انهيءَ پل هو ڪٺهڙي ڏانهن مُڙيو ۽ مون ڏانهن اگر ڪندي پنهنجي زوردار تقرير جاري رکيائين. بيشڪ مون کي اهو اعتراف ڪرڻ ۾ ڪا هٻڪ نه هئي ته هو سچ چئي رهيو آهي. مان پنهنجي ڪئي تي ڪجهه گهڻو پشيمان نه ٿيس. مون کي جيڪي ڪجهه پيش آيو، مون اُن جي خوشيءَ سان آجيان ڪئي. مان هميشه حال يا مستقبل قريب ۾ ايتري قدر مشغول رهيو آهيان جو مون کي ماضيءَ جي باري ۾ سوچڻ جي ڪڏهن فرصت ئي نه ملي. پر قدرتي طور تي جنهن حالت ۾ مون کي جڪڙيو ويو هو، مان ڪنهن سان انهيءَ لهجي ۾ ڳالهائي نه سگهيس. مون کي اهو حق حاصل نه هو ته مان محبت جي جذبن جو اظهار ڪريان. نيڪ نيتي ۽ خيرخواهيءَ جو حق مون کان کسيو ويو هو. مون وري تقرير ٻڌڻ جي ڪوشش ڪئي. هاڻي وڪيل منهنجي روح ۽ ضمير جي باري ۾ ڪجهه چئي رهيو هو. هو چئي رهيو هو:

”حضرات!“ هن جي روح جو جائزو وٺڻ چاهيم، پر ڪيس ڪجهه حاصل ٿي نه سگهيو. سچ ته هي آهي جو هن جو ضمير ئي ناهي. هِن جي انسانيت شروع کان ئي غائب آهي ۽ اخلاقي اصول، جيڪي انسان کي مٿيرو ڪندا آهن، هن شخص جي انهن تائين رسائي ئي ناهي.“

”بيشڪ،“ هن چيو، ”اسان هن شخص تي ضمير جي تهمت نٿا مڙهيون. اُهي خوبيون جيڪي هو ڪڏهن حاصل ڪري نه سگهندو، اُهي ڪيئن ٿو وڃائي سگهي؟ پر جيتري قدر ڪورٽ سگهوريءَ جو تعلق آهي ته اسان کي رواداريءَ جي انڪاري نظريئي کي پاسيرو رکڻ گهرجي. اهو ڪم جيتوڻيڪ آسان ناهي، پر عدل ۽ انصاف جي اعليٰ اصولن جي تقاضا اهائي آهي ۽ سيني کان وڌيڪ اهو ته جڏهن ڪنهن جي دل اهڙي خالي هجي، جهڙي

هن شخص جي ڏني ويئي آهي تہ اها هڪ اهڙيءَ ڪڏ ٻنجي وجي ٿي، جنهن ۾ سمورو سماج ٻڏي سگهي ٿو.“

پوءِ هن امان سان منهنجي رويئي جو ذڪر ڪيو. هن انهن ڳالهين ڪي ورجايو جيڪي هو بحث جي دوران چئي چڪو هو. پر هن پيري منهنجي ڏوهہ جي باري ۾ سندس تقرير ڏکهي ٿي ويئي — ايڏي ڏکهي جو نيٺ مون ڪي رڳو منجهند جي گرميءَ کان سواءِ ٻي ڪنهن ڳالهہ جو احساس ئي نہ رهيو- گهڻ ۾ گهڻ اُن وقت تائين جڏهن سرڪاري وڪيل رُڪيو ۽ هڪ پل جي ماٺ کان پوءِ هڪ هلڪي ۽ نهايت اثرائتي آواز ۾ چيائين:

”حضرات! اهائي ڪورٽ سڀاڻي هڪ نهايت ئي خوفناڪ ۽ شرمناڪ ڏوهہ جو فيصلو ڪرڻ واري آهي — هڪ پيءُ جو سندس پٽ هٿان قتل.“

سندس پٽاندر اهڙي ظالماتي ڏوهہ آڏو تصور چڪرائجڻ لڳي ٿو. هن اُميد ظاهر ڪرڻ جي جرئت ڪئي تہ:

”حضرات! اوهان سواءِ ڪنهن ڪمزوري ۽ نرم دليءَ جي سزا تجويز ڪندؤ.“

هو لفظن ۾ هن ڏڪار جوڳي ڏوهہ جو بيان ڪرڻ کان قاصر هو، جنهن جو مون ارتڪاب ڪيو هو. جيتوڻيڪ اها هڪ خوفناڪ ڳالهہ آهي پر ڪيس اهو چوڻ ۾ هٻڪ محسوس نہ ٿي ٿئي تہ منهنجو ڏوهہ ايتروئي سنگين ۽ افسوسناڪ آهي جيترو انهيءَ شخص جو، جنهن پنهنجي پيءُ کي قتل ڪيو آهي. سندس چوڻ هو تہ هڪ شخص جيڪو پنهنجي ماءُ کي اخلاقي طور تي قتل ڪري سگهي ٿو، اهو ذات جي انتهائي پستين ۾ ڪري پوي ٿو ۽ اهڙي قسم جي ماڻهن جهڙو ٿي پوي ٿو، جن جا هٿ انسانيت جي رت سان رنگيل آهن. بهرحال پهرين اڻ ٽر حالت ٻي حالت تائين پهچائي ٿي ۽ اها منطق جي تقاضا آهي.

”مون کي پڪ آهي حضرات!“ هن آواز کي بلند ڪندي چيو. ”اوهان منهنجي خيالن کي گستاخ ۽ بي ادب نہ سمجهندؤ، جيڪڏهن مان ائين چوان تہ هيءُ شخص، جيڪو هتي بينچ تي ويٺو آهي، هن ڪورٽ جي قتل جو بہ ڏوهاري آهي، جيڪا سڀاڻي فيصلو ٻڌائڻ واري آهي، تنهنڪري ڪيس سخت سزا ملڻ گهرجي.“

اِتي سرڪاري وڪيل پنهنجي چمڪندڙ پيشانيءَ تان پگهر اگهيو.

پڇاڙيءَ ۾ هن چيو تہ سندس فرض اڻ وڻندڙ ۽ دردناڪ آهي، پر هو اُهو ٻنان ڏپ ڏاءُ جي ادا ڪندو. هن چيو تہ مون کي هن سماج تي ڪوبہ حق حاصل ناهي، جنهن جي بنيادي اصولن کي مون حقارت سان ٺڏيو آهي ۽ مون کي ڪو حق نہ ٿو پهچي تہ مان انهيءَ ڏوهہ کان پوءِ انسانيت جي نالي تي رحم جي درخواست ڪريان، جڏهن تہ مون خود انسانيت جي سيني اصولن کي نظر انداز ڪري ڇڏيو آهي.

"مان اوهان کان هن شخص جي سِر جي گهُر ڪريان ٿو ۽ اها گهُر مان اوهان کان نهايت صداقت ۽ ايمان سان ڪري رهيو آهيان. وڪالت جي منهنجي ڊگهي تجربي جي دوران ڪئين ڀيرا مون موت جي سزا جي گهُر ڪئي آهي، پر ڪڏهن اهڙي يقين سان نہ ڪئي اٿم جهڙي يقين سان اڄ ڪري رهيو آهيان. مان سمجهان ٿو تہ اها دردناڪ سزا قانون جي ۽ خدا جي حڪم پٽاندر آهي. مون کي هن شخص جي چهري تي، هولناڪ انسانيت سوزيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نظر نٿو اچي."

سرڪاري وڪيل جي ويهڻ کان پوءِ ماٺ ڇانيل رهي. منهنجو مٿو گرمي ۽ پريشانيءَ وچان چڪرائجي رهيو هو. صدر هلڪي آواز ۾ کنگهيو ۽ پوءِ نهايت ڌيمي آواز ۾ هن مون کان پڇيو تہ ڇا مون کي وڌيڪ ڪجهہ چوڻو آهي. مان اُٿي بيٺس ۽ جيئن تہ منهنجي دل ڪجهہ چوڻ تي چاهيو، تنهنڪري پهرين ڳالهہ جيڪا منهن ۾ آئي، چئي ڇڏيم ـــ شايد ڪجهہ هڪي تہ منهنجي نيت عرب کي قتل ڪرڻ جي نہ هئي. صدر جواب ڏنو تہ اها رڳو هڪ چوڻ جي ڳالهہ آهي جيڪا هيستائين منهنجي صفائي ۾ ڪجهہ نهي نہ ٿي. پر هو ڏاڍي خوشيءَ وچان منهنجي وڪيل کي موقعو ڏيڻ لاءِ تيار آهي، جيڪڏهن هو چاهي ٿو تہ انهن محرڪات جي وضاحت ڪري، جن جي ڪارڻ ڪري قتل سرزد ٿيو آهي.

مون تيزيءَ سان چيو (لفظن کي ڪجهہ غلط سلط ڪندي ۽ اهو سوچيندي تہ اها کلڻ جوڳي ڳالهہ آهي) تہ "قتل جو ڪارڻ سج جي تپش هئي."

ڪورٽ ۾ ٺهڪڙو مچي ويو. منهنجي وڪيل ڪُلها چنڊيا ۽ هڪدم ئي پوءِ هن تقرير شروع ڪري ڏني. پر هن چيو تہ جيئن تہ دير ٿي چڪي آهي ۽ بحث ڪجهہ ڪلاڪن کان جاري آهي تنهنڪري هن درخواست ڪئي

تہ شنوائي منجھند کان پوءِ ملتوي ٿيڻ گھرجي. ڪورٽ سندس ڳالھ قبولي.

ٻئي ڏينھن منجھند کان پوءِ جڏھن مون کي وري ڪورٽ ۾ آندو ويو تہ پکا هال جي ٻوساٽيل هوا کي صاف ڪري رهيا هئا ۽ جيوريءَ جي رُڪنن جي هٿن جا وڃڻا هڪ متناسب ترنم سان لڏي رهيا هئا. ائين ٿي لڳو ڄڻ منھنجي وڪيل جي تقرير ڪڏهن ختم ئي نہ ٿيندي. مون انھيءَ تي ڪو ڌيان نہ ڏنو پر هڪ ڪن مون ڪيس اهو چوندو ٻڌو:

"اهو سچ آهي تہ هن قتل ڪيو آهي."

پوءِ هن پنھنجي انداز ۾ تقرير جاري رکي. جڏهن مون ڪئين ڀيرا "مان" جو لفظ ٻڌو تہ سمجھيم تہ هو منھنجي ڳالھ ڪري رهيو آهي. مان ڏاڍو حيران ٿيس. مان هڪ سپاهيءَ ڏانھن جھُڪيس ۽ ڪانئس پڇيم تہ اهو ڇو؟ هن مون کي خاموش رهڻ لاءِ چيو ۽ پوءِ هڪ ڪن رکي چيائين:

"سڀئي وڪيل ائين ئي ڪندا آهن."

مون کي محسوس ٿيو تہ مقدمو نئين سر شروع ٿي رهيو آهي. منھنجي حيثيت تہ محض ٻڙي برابر هئي، پر هڪ لحاظ کان منھنجي جاءِ ٻئي ڪنھن ورتي هئي. مون سوچيو تہ مان پھرين ئي ڪورٽ جي ڪمري کان گھڻو پري ڪنھن ٻي دنيا ۾ پھچي چڪو آهيان. بھرحال مون کي منھنجو وڪيل مذاحيہ لڳي رهيو هو. هو ڏاڍي تيزيءَ سان تقرير ڪري رهيو هو ۽ پوءِ هن بہ اهوئي قصو ڇيڙيو. مون محسوس ڪيو تہ سرڪاري وڪيل جي ڀيٽ ۾ هو تمام گھٽ قابليت جو مالڪ آهي.

"مون بہ!" هن چيو، "هن شخص جي ضمير جو مطالعو ڪيو آهي. پر جوابدار جي قابل نمائندي جي چوڻ جي اُبتڙ مان ائين چئي سگھان ٿو تہ مون کي انھيءَ تلاش مان گھڻو ڪجھہ حاصل ٿيو آهي، ۽ مون اهو کُليل ڪتاب پڙهي ورتو آهي."

هن اُتي اهو پڙهيو تہ مان هڪ ديانتدار، هڪ باقاعدي ڪم ڪندڙ اورچ، پنھنجي فرم جو وفادار، ٻئي جي ڏک درد ۾ شريڪ ٿيندڙ شخص آهيان. هن لاءِ مان هڪ مثالي پٽ هئس، جنھن پنھنجي ماءُ جي پنھنجي حيثيت پٽاندر چڱي عرصي تائين خدمت ڪئي هئي. پوءِ هن سوچيو تہ اهو آرام، جيڪو سندس روزگار جا وسيلا سندس ماءُ لاءِ مھيا نٿي ڪري

اڃا اها ڪيفيت ختم نہ ٿي هئي تہ مون پنهنجي وڪيل کي آخري جملا چوندي ٻڌو:

”ڇا جيوري هڪ ايماندار ڪارڪن کي، جيڪو هڪ پل لاءِ ڀٽڪي ويو هو، موت جي منهن ۾ ڌڪي ڇڏيندي؟“

هُن انهن حالتن جو تذڪرو ڪيو، جيڪي ڏوهہ کي گهٽائيندڙ آهن ۽ جيڪي هو اڳ ۾ ئي ٻڌائي چڪو هو ۽ چيائين تہ انهيءَ ڳالهہ جو خيال رکڻ گهرجي تہ ڏوهاري ڀھرين ئي پنهنجي ڏوهہ جي ڪري پريشان آهي ۽ اها سزا مَن لاءِ ڪافي آهي.

ڪورٽ ملتوي ٿي ۽ وڪيل ٿڪجي ويهي رهيو. پر سندس ڪجهہ ساٿي ڏانهس وڌي آيا ۽ ساڻس هٿ ملايائون. مون ٻڌو:

”ڪمال ڪيو اٿيئي يار، واهہ جو بحث ڪيئہ.“

منجهانئن هڪڙي مون کي چيو:

”ڇا تون بہ سهمت آهين؟“

مون بہ چئي ڏنو تہ تقرير واهہ جي هئي. پر مون اها تعريف خلوص سان نہ ڪئي ڇو جو مان ڏاڍو ٿڪل هئس.

انهيءَ وچ ۾ ٻاهر سج لهي رهيو هو ۽ گرمي گهٽجي رهي هئي. رستن ۽ گهٽين مان آوازن جي ڪجهہ مبهم پهلوئن مان مون کي شام جي ٿڌاڻ جو احساس ٿيو. اُتي اسان سڀ منتظر هئاسين. پر جنهن شيءِ جو مون کي انتظار هو، انهيءَ سان مون ڪان سواءِ ڪنهن ٻئي جو ڪو تعلق نہ هو. مون هڪ ڀيرو وري ڪورٽ جي ڪمري تي نگاهہ وڌي. سڀ ڪجهہ ڀهرئين ڏينهن وانگر هو. جرنلسٽ کي ڀوري رنگ جو واسڪوٽ پاتل ڏٺم. اهو بہ ڏٺم تہ اها عورت جيڪا مشين وانگر ساڪت هئي، اڃا بہ اُتي ئي هئي. انهيءَ سان مون کي خيال آيو تہ سموري ڪارروائيءَ جي دوران مون هڪ ڀيرو بہ ماريءَ کي نظر ڪٿي نہ ڏٺو هو. مون ڪيس وساريو نہ هو، پر مان ڏاڍو مصروف هوس. مون هاڻي ڪيس سيليٽ ۽ غيمون جي وچ ۾ ويٺل ڏٺو. هن مون کي هٿ سان هلڪو اشارو ڪيو. ڄڻ چوندي هجي:

”آخرڪار...!“

۽ مون سندس چهرو ڏٺو: هڪ ئي وقت پريشان ۽ مشڪندڙ. پر

محسوس ڪير تہ منهنجي دل تي تالو لڳي ويو آهي ۽ مان سندس مشڪ جو جواب بہ نہ ڏيئي سگهيس.

ڪورٽ جي ڪارروائي وري شروع ٿي. ڪنهن جلدي جلدي جيوَريءَ جي آڏو سوالن جي فهرست پڙهي. منهنجي ڪنن تي ڪجهہ جملا چڙهيا:

”قتل جو ارادو... اشتعال جي سبب ... حالتن جي ڪري.“

جيوَري ٻاهر هلي ويئي. مون کي هڪ ننڍي ڪمري ۾ نيو ويو، جتي مان پهرين بہ انتظار ڪري چڪو هوس. اُتي منهنجو وڪيل پهتو. هو گهڻو ڳالهائي رهيو هو. هو مون سان ڏاڍي اعتماد سان ڳالهيون ڪندو رهيو ۽ ايتري قدر خوشگوار طريقي سان پيش آيو جو ڪڏهن اڳ ۾ نہ آيو هو. سندس خيال هو تہ سڀ خيريت رهندي ۽ ڪجهہ سالن جي سخت پورهيي جي سزا سان منهنجو ڇوٽڪارو ٿي ويندو. مون ڪانئس پڇيو تہ سزا رد ڪرائڻ جي ڪهڙي گنجائش آهي. هن چيو تہ ڪابہ نہ. هن قانون جو ڪوبہ نقطو نہ ڪنيو ڇو جو انهيءَ مان امڪان هو تہ جيوَري اجايو مخالف نہ ٿئي ۽ ڪورٽ جي فيصلي جي تنسيخ ممڪن ناهي سواءِ ٽيڪنيڪي سببن جي. هن مون کي ٻڌايو تہ خواهہ مخواهہ بي مقصد تنسيخ جي درخواست نہ ڏيڻ گهرجي. ڳالهہ ظاهر هئي ۽ مان سانئس سهمت ٿيس. معاملي تي ٿڌي دل سان غور ڪرڻ کان پوءِ اهو سڀ ڪجهہ هڪ قدرتي امر معلوم ٿيو ٿي. تنسيخ جي صورت ۾ خواهہ مخواهہ فضول ڪاغذن جو ڍير لڳي ويندو. ٻهر صورت منهنجي وڪيل چيو تہ هو عام طريقي سان منهنجي اپيل ڪري سگهي ٿو. پر ڪيس پڪ هئي تہ فيصلو اسان جي حق ۾ ٿيندو.

اسان ڏاڍو انتظار ڪيو. منهنجو خيال آهي اٽڪل منو ڪلاڪ. پوءِ گهنٽي وڳي. منهنجو وڪيل مون کي اهو چئي ويو:

”جيوَريءَ جو صدر، جيوَريءَ جي سفارش پيش ڪندو. اسان فيصلي جي اعلان کان اڳ ڪورٽ ۾ داخل نہ ٿا ٿي سگهون.

ڪجهہ دروازن جي کُلڻ جو آواز آيو. ماڻهن جي ڏاڪڻين تي ٻيچ ڊڪ جو آواز آيو. اها خبر نٿي پيئي تہ ڏاڪڻيون ويجهو هيون يا پري. پوءِ مون کي ڪورٽ ۾ ڪجهہ پڙهڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. جڏهن گهنٽي ٻيو ڀيرو وڳي تہ ڪورٽ جو ڪمرو کليو. ڪمري جي خاموشي مون کي گهيري ورتو

هو. اها خاص انوکي ڪيفيت مون تي اُن وقت ڇانئي، جڏهن مون ننڍي چمار واري جرنلسٽ کي ٻهريون گهمرو مون کان نظرون بچائيندي ڏٺو. مون ماريءَ ڏانهن اک کڻي نه ڏٺو. مون کي فرصت ئي ڪٿي هئي، ڇو جو صدر اڳ ۾ ئي هڪ عجيب انداز سان ڪجهه هن طرح چئي رهيو هو:

”منهنجو سِر فرانس جي عوام جي نالي تي ڇؤنڪ تي ڪپيو ويندو.“

اُن وقت مون کي خبر پيئي ته اهي احساس جيڪي ماڻهن جي دلين ۾ هئا، مان اهي چهرن تي پڙهي سگهان ٿو. مون کي پڪ هئي ته اهي همدرديءَ جو اظهار ڪري رهيا آهن. سپاهي به مون سان ڏاڍي شفقت سان پيش آيو. وڪيل منهنجي ڪرائيءَ تي هٿ رکيو. پوءِ منهنجي دماغ ۾ ڪوبه خيال نه آيو. منهنجي ڪن تي اهو آواز آيو ته صدر مون کان پڇيو آهي ته مون کي ٻيو ڪجهه ته چوڻو ناهي. مون ٿورو سوچيو ۽ پوءِ چيم:

”نه!“

اُن کان پوءِ پوليس مون کي اُتان وٺي ويئي.

## 5

● اڄ مون ٽيون ڀيرو جيل جي پادريءَ سان ملڻ کان انڪار ڪيو آهي. مون کي کيس ڪجهه به چوڻو ناهي. هونئن به مون کي ڪجهه چوڻ تي دل ئي نه ٿي ٿئي. پر بهرحال ٿوري دير کان پوءِ مون کي ساڻس ملڻو ئي پوندو. هن وقت منهنجي جنهن ڳالهه ۾ دلچسپي آهي، اها رڳو اِها آهي ته جلاد جي مشين کان ڇو ڇوٽڪارو حاصل ڪجي. ڇو قضا کان بچڻ جي راهه تلاش ڪئي وڃي. منهنجي ڪوٺڙي بدلائي ويئي آهي. هن هنڌ، جتي مان هاڻي پٺيءَ ڀر ليٽيو پيو آهيان، مان آسمان کي ڏسي سگهان ٿو. انهيءَ کي ڏسڻ کان سواءِ ٻيو رکيو ئي ڇا آهي. منهنجا ڏينهن انهيءَ کي ڏسندي ڏسندي ڪٽجي وڃن ٿا. انهيءَ جي بدلجندڙ رنگن مان مون کي ڏينهن ۽ رات جي سُڌ پوي ٿي. سُتي سُتي مان مٿي جي هيٺيان هٿ رکي ٿو ڇڏيان ۽ انهيءَ کي ڏسان ٿو ۽ انتظار ڪندو رهان ٿو.

خبر ناهي مون ڪيترا ڀيرا پنهنجي پاڻ کان پڇيو تہ ڇا اهڙو ڪو مثال بہ آهي تہ ڪو جوابدار جنهن کي موت جي سزا ٻڌائي ويئي هجي، قتل ٿيڻ کان اڳ سپاهين جي قبضي مان ڀڄي ويو هجي. پوءِ مان پنهنجي پاڻ تي رکي رکي ملامت ڪريان ٿو تہ مون اڳ ۾ موت جي واقعن کي وڌيڪ ڌيان سان ڇو نہ پڙهيو. ماڻهوءَ کي هميشه اهڙن معاملن ۾ دلچسپي وٺڻ گهرجي. مون کي ڪا خبر نہ هئي تہ هاڻي ڇا ٿيڻ وارو آهي ۽ ماڻهن وانگر مون بہ اخبارن ۾ مقدمي جي روئداد پڙهي هئي. پڪ سان خاص طور تي تفصيل سان بيان بہ ڇپيا هئا. پر هتي تحقيق ۽ تجسس جو شوق ڪنهن کي هو جو اهي غور سان پڙهان ها. شايد انهيءَ ۾ فرار جو ڪو نسخو هٿ اچي وڃي ها. مون کي چڱي طرح ياد اچي ٿو تہ مون ٻڌو هو تہ هڪ ڀيري مشين جي ڀُلي بيهي ويئي هئي. جيتوڻيڪ هڪ ئي ڀيرو واقعن جي بي رحم چال ۾ خوش قسمتي هڪ خوشگوار ڪردار ادا ڪيو هو–رڳو هڪ ڀيرو! منهنجو خيال آهي تہ هڪ طرح سان اهو واحد واقعو ئي منهنجي آٿت لاءِ ڪافي هو–باقي ڪمي منهنجا جذبات پوري ڪري ڇڏيندا. مون کي خبر آهي تہ گهٽ ۾ گهٽ هڪ وقوع ۾ تہ جوابدار پڪڙجي پوندو. انهيءَ زبردست پيش بنديءَ ۾ خطرو بہ آهي ۽ قسمت آزمائيءَ جو موقعو بہ — جيڪڏهن رڳو هڪ ڀيرو بہ ڪاميابي نصيب ٿئي تہ سڀ ڪجهہ بدلجي ويندو. رڳو هڪ ڀيرو. هڪ طرح مون سوچيو تہ اهو منهنجي لاءِ بس آهي، باقي ڪم منهنجي دل ڪندي.

اخبارون اڪثر هڪ فرض جو ذڪر ڪنديون آهن، جيڪو سندن چوڻ پٽاندر اسان کي سماج کي ادا ڪرڻو آهي. پر انهيءَ ڳالهہ سان تخيل جي قوت جي تسڪين نہ ٿي ٿئي. اهم مسئلو تہ فرار جي امڪانن جو هو. سنگدل رسمن کان ٻاهر هڪ ٻَڌو ٽپ. آزاديءَ ڏانهن حماقت جو هڪ سِراڙو، جنهن سان سڀ اميدون لاڳاپيل هيون. جواريءَ جي آخري چال. قدرتي طور تي گهٽيءَ جي موڙ تي اميد نيڪ فرار جي دوران گولين جي وسڪاري سان زخمي ٿي ڪري پيئي. سوچ ويچار کان پوءِ فرار جو خيال بہ محض هڪ تڪلف ۽ بيهودي ڪوشش نظر اچڻ لڳو.

پنهنجي نيڪ خواهي جي باوجود مان اها گستاخي قبول ڪري نہ سگهيس ڇو جو نيٺ منهنجو اهو فيصلو نهن کان وٺي چوٽي تائين غير

متناسب هو ۽ انهيءَ جو بنياد واقعن جي اُها ڪڙي هئي، جيڪا فيصلي کان پوءِ ظاهر ٿي. اهو واقعو تہ فيصلو شام جي پنجين وڳين بدران ائين وڳي ٻڌايو ويو. اهو امر تہ فيصلو شايد انهيءَ کان مختلف ٿي سگهيو ٿي، اها ڳالهہ تہ فيصلو جيوَريءَ جي علمي قسم جي ماڻهن ڪيو هو ۽ اهو امر تہ اهو فيصلو اهڙي اڻ چٽي نظريئي هيٺ ڪيو ويو هو يعني فرانس جي عوام جي نالي تي (يا چيني يا جرمن عوام ڇو نہ) اهي سڀ واقعا منهنجي خيال ۾ ڪورٽ جي فيصلي جي گنڀيرتا تي اثرانداز ٿي رهيا هئا. بهرحال مان اها حقيقت قبول ڪرڻ تي مجبور هئس تہ فيصلو ٿيندي ئي انهيءَ جا نتيجا ايترائي ٺوس ۽ سنجيده ٿي ويا آهن، جيتري اُها ديوار، جنهن سان مان پنهنجي چيلهہ ٽڪائي بيٺو آهيان.

ان وقت مون کي هڪ ڳالهہ ياد آئي، جيڪا امان بابي جي باري ۾ ٻڌائيندي هئي. مون کي بابو ياد ناهي- سواءِ سندس باري ۾ انهن ڳالهين جي جيڪي امان ٻڌائيندي هئي. مون کي ڪا بہ خبر ناهي. منجهانئن هڪ اها هئي تہ هڪ ڏينهن هو ڪنهن قاتل جي ڦاسي ڏسڻ ويو. اُتي وڃڻ جي خيال سان ئي سندس طبيعت خراب ٿيڻ لڳي. بهرحال هو اُتي ويو ۽ واپس اچي سمورو ڏينهن اُلٽيون ڪندو رهيو. اِهو ٻڌي اُن وقت مون کي بابي کان نفرت ٿي وئي. پر هاڻي مون کي سمجهہ ۾ آيو تہ اها هڪ طبعي ڳالهہ هئي ۽ سمجهہ ۾ بہ ڇونہ اچي، ڇو جو ماڻهوءَ جي لاءِ ڦاسيءَ کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي شيءِ دلچسپ ٿي سگهي ٿي. صحيح معنيٰ ۾ اهائي هڪ اهڙي شيءَ آهي، جنهن کي ڏسڻ ۾ ماڻهوءَ کي دلچسپي ٿيڻ گهرجي. مون فيصلو ڪيو تہ جيڪڏهن مون کي ڪڏهن جيل مان ڇوٽڪارو مليو تہ مان سڀ ڦاسيون ڏسڻ ويندس. جيتوڻيڪ انهيءَ امڪان جو سوچڻ ئي غلطي هئي، پر انهيءَ خيال کان تہ مان سيني سپاهين جي ٻيٺي حلقي مان ٽپي ڪنهن صبوح جو ڪنهن نہ ڪنهن طرح ڦاسي ڏسڻ پهچي ويو آهيان ۽ پوءِ انهيءَ تماشي کان پوءِ گهر موٽي مون بہ اُلٽي ڪئي آهي. منهنجي دل ۾ خوشيءَ جي هڪ زهر ڀري لهر ڊوڙي وئي. پر اها معقول ڳالهہ نہ هئي. اها منهنجي غلطي هئي جو مان اهڙن خيالن جي وهڪري ۾ وهي ويس. هڪ ڪن کان پوءِ مون کي اهڙي زوردار سردي لڳي جو مان پنهنجي ڪمبل ۾ ڪرونڊڙو ٿيڻ لڳس. منهنجا ڏند وڄي رهيا هئا ۽ مان بيوس ٿي رهيو هئس.

پر قدرتي ڳالهہ آهي تہ انسان هميشه تہ معقول ڳالهيون نہ ٿو ڪري سگهي. مثال طور ڪئين ڀيرا مون قانون جون نيون رٿائون تيار ڪيون. مون سزائن ۾ ترميم تجويز ڪئي. مون سوچيو تہ ڏوهاريءَ کي هڪ موقعو ڏيڻ تمام ضروري آهي. هزارن مان ڪنهن هڪ جو شايد پلو ٿي وڃي. مون کي اهو بہ خيال آيو تہ ڪا اهڙي ڪيميا تلاش ڪئي وڃي، جنهن جي پيئڻ سان بيمار (هتي مان ڏوهاري کي بيمار ٿو چوان) ڏهن هزارن مان نوَ هزار نوَ سؤ نوانوي ڀيرا تہ زندگيءَ کان ڇوٽڪارو حاصل ٿي سگهي. شرط اهو هو تہ ماٺهو بيمار هجي، پر اهو سوچڻ ۾ سنجيدگيءَ سان معاملي تي غور ڪرڻ کان پوءِ مان انهيءَ نتيجي تي پهتس تہ ڪنڌ ڪپڻ واري ڇُري ۾ اهو وڏو نقص آهي جو اُن کان بچڻ جي ڪابہ صورت ئي ناهي، بلڪل ڪابہ صورت ناهي.

مختصر اهو تہ ڇُريءَ جو هڪ وار بيمار جي موت جو فيصلو ڪري ٿو ڇڏي. اهو هڪ ڪلاسيڪي مثال آهي. اهو جوڙ خوب هو. بلڪ سهمت فيصلو، جنهن کان فرار جي ڪا گنجائش ئي نہ هئي. جيڪڏهن ڪوبہ غير معمولي واقعو ٿئي ۽ هڪ اڌ وار خالي وڃي تہ سلسلو نئين سِر شروع ٿي ويندو. پر پريشاني انهيءَ ڳالهہ کان ٿيندي آهي تہ جنهن کي موت جو حڪم ڏنو ويو آهي، اُن کان اها توقع بہ ڪئي ويندي آهي تہ هو انهيءَ اُميد تي جيئي تہ سندس جان وٺندڙ مشين پنهنجو ڪم صحيح طور انجام ڏيندي. مون چيو تہ هن نظام ۾ تہ اهو وڏو نقص آهي. انهيءَ طرح سان اها ڳالهہ سچي هئي پر ٻيءَ طرح سان مان اهو مڃڻ لاءِ بہ مجبور هئس تہ هر سٺي نظام جو اهوئي تہ راز هوندو آهي. مختصر اهو تہ جنهن کي موت جو حڪم مليو آهي، اُهو مجبور آهي تہ اخلاقي طور تي پنهنجي جلاد سان سهڪار ڪري. سندس چڱائي انهيءَ ۾ آهي تہ ٻئي، سواءِ ڪنهن رنڊڪ جي، هڪ ٻئي جو ساٿ ڏين.

مان انهيءَ نتيجي تي پڻ پهتس تہ اجا تائين انهن معاملن تي جيڪو مون سوچ ويچار ڪيو آهي، اُهو ڪجهہ صحيح ناهي. هڪ عرصي کان مون اهو سمجهي ورتو هو– خبر ناهي ڇو گلوٽين (اڏيءَ) تي وڃڻ لاءِ ڏاڪڻيون چڙهي هڪ اُتاهين چبوتري تي وڃڻو پوندو آهي. منهنجو خيال آهي تہ انهيءَ جو ڪارڻ 1789ع جو انقلاب هو. منهنجو مطلب آهي تہ انهيءَ جو ڪارڻ اهو

سيکجهه هو، جيڪو مون انهيءَ موضوع تي اسڪول ۾ پڙهيو يا فلمن ۾ ڏٺو هو. پر پوءِ ياد آيم ته هڪ صبوح جو مون اخبارن ۾ هڪ تصوير ڏٺي هئي جيڪا هڪ مشهور معروف ڏوهاري جي ڦاسيءَ جي سلسلي ۾ ڇپي هئي. درحقيقت سادي سودي مشين زمين تي پيئي هئي ۽ منهنجي اندازي کان اُها گهٽ وڌيڪ مختصر نڪتي.

اها مشين چڱي ڪلائيندڙ هئي ۽ مان حيران آهيان ته مان انهيءَ کان اڳ ۾ ڇو نه سمجهي سگهيس. مشين جي ساخت نهايت نفيس هئي. مان اُن جي جزئيات جي ڪاريگري ڏسي ڏاڍو متاثر ٿيس. اها تمام عمدي چمڪدار هئي. ماڻهوءَ کي جنهن شيءِ جي خبر نه هجي، ان جي باري ۾ هميشه سندن خيال مبالغي آميز ٿيندا آهن. انهيءَ جي اُبتڙ هاڻي مون کي ميٽو پيو ته ڳالهه ته سادي سودي هئي. مشين انهيءَ سطح تي هئي، جنهن تي انُهن ماڻهن کي اُن تي پيٽ چاڙهيندو ويندو آهي. ان ڏانهن ماڻهو ائين ئي قدم وڌائيندو آهي، جيئن ڪنهن پاليندڙ سان ملڻ ويندو هجي. اُتاهين چبوتري تي چڙهڻ، آسمان ڏانهن اُڏامڻ يعني هڪ طرح سان هن دنيا کي هيٺ ڇڏي ڏيڻ جو خيال به پريشان ڪندڙ هو. اها ڳالهه ته تصور ۾ چڱي لڳندي هئي، پر مشين انهن خيالن جي سلسلي کي ٽوڙي ڇڏيو. اُن کي ته تميز سان سمجهٽو آهي — ٿورڙي شرمندگي ۽ گهڻي ضابطي سان.

ٻه ٻيون ڳالهين هيون، جن جي باري ۾ مان سمورو وقت سوچيندو رهيس، صبح ٿيڻ ۽ پنهنجي اپيل. مان پنهنجي پاڻ سان اُلجهندو رهيس ۽ ڪوشش ڪندو رهيس ته انهن جي باري ۾ ڪجهه وڌيڪ نه سوچيان. پر منهنجي سوچڻ جي طاقت وڌيڪ تيز ٿيندي ويئي. مون آسمان کي تڪيو تي ۽ پنهنجي پاڻ کي زبردستي اُن ۾ اجا وڌيڪ دلچسپي وٺڻ تي آماده ڪيو ٿي. جڏهن آسمان جو سائو رنگ ٿيڻ شروع ٿيو ته مون سمجهيو ته سج لهي ويو آهي. مون پوءِ ڪوشش ڪئي ته منهنجي خيالن جو رُخ بدلجي وڃي. تنهنڪري مون پنهنجي دل جي ڌڙڪن کي ٻُڌڻ شروع ڪيو. منهنجي ذهن ۾ به اهو نه ٿي اچي سگهيو ته اهو جهڪو آواز، جيڪو هڪ عرصي کان منهنجو ساٿ ڏيئي رهيو هو، ڪڏهن بند ٿي ويندو. پر اها منهنجي تخيل جي ڪم مائيگي هئي. بهرحال مون ڪوشش ڪئي ته هڪ اهڙي پل جو تصور ڪريان جڏهن

منهنجي دل جي ڌڙڪن جو پڙاڏو منهنجي دماغ تائين پهچي نہ سگهندو. پر اها ڪوشش بيهودي هئي. سچ جو اپرڻ ۽ منهنجي اپيل تہ اتي جو اتي رهيون. مان نيٺ انهيءَ نتيجي تي پهتس تہ خيالن جي فطري رُخ کي بدلائڻ جي ڪوشش ڪرڻ فضول آهي.

اُهي هميشه پرهہ ڦٽيءَ جو ڏوهاريءَ کي قتل ڪرڻ لاءِ وٺي ويندا هئا. اها مون کي خبر هئي. تنهنڪري منهنجون راتيون پرهہ ڦٽيءَ جي انتظار ۾ ڪٽبيون هيون. مون کي ڪڏهن اهو چڱو نہ لڳو تہ مون کي ڪوبہ بي خبريءَ ۾ اوچتو اچي وٺي وڃي. جڏهن ڪوبہ واقعو ٿيڻ وارو هجي تہ مان اهو بهتر سمجهان ٿو تہ مان ان لاءِ تيار هجان. اهو ئي سبب هو جو مان ڏينهن جو ٿوري ننڊ ڪري وٺندو هوس ۽ سموري رات جاڳي گذاريندو هوس. مان بي صبريءَ سان انتظار ڪندو رهندو هوس تہ مٿاهين اونداهي گنبذ تان پرهہ ڦٽڻ جو ڪو اشارو ملي.

شڪ شبهي جي اها گهڙي ڏاڍي ڏکي گذرندي هئي، جڏهن مون کي خيال ايندو هو تہ معمول مطابق اُهي انهيءَ وقت ايندا آهن. مان آڌي رات کان پوءِ انتظار جون گهڙيون ڳڻيندو رهندو هوس. منهنجي ڪنن ۾ ڪڏهن ايتري قدر باريڪ ۽ هلڪا آواز ٻڌڻ ۾ نہ آيا هئا. بهرحال مان اهو چئي سگهان ٿو تہ هڪ طرح کان مان خوش نصيب هئس ڇو جو انهيءَ سموري عرصي جي دوران مون ڪڏهن ڪنهن جي پيرن جي آهٽ نہ ٻڌي. امان اڪثر چوندي هئي تہ انسان ڪڏهن ڪُلي طور تي ناخوش نہ هوندو آهي. انهيءَ ڳالهہ جو مون کي جيل ۾ تجربو ٿيو، جڏهن آسمان ۾ رنگ ڦهليا هئا ۽ جڏهن هڪ نئون ڏينهن منهنجي ڪوٺڙيءَ ۾ اُڀرندو هو. ائين بہ ٿي سگهيو ٿي تہ مون کي ڪنهن جي پيرن جي آهٽ ٻڌڻ ۾ ايندي هئي ۽ منهنجي دل خوف وچان ڌڙڪڻ لڳندي هئي. هلڪي کان هلڪي آهٽ تي مان دروازي ڏانهن ڀڄندو هوس. در تي ڪن ڏيئي چرين وانگر آواز جي ٽوهہ ۾ رهندو هوس، ايتري قدر جو مون کي پنهنجو ساهہ بہ ٻڌڻ ۾ ايندو هو. مون کي ڊپ رهندو هو تہ مهنجو ساهہ ٻوساٽجي ويندو. پر نيٺ مون کي هڪ اهڙو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو هو ڄڻ ڪتي جي نڙيءَ ۾ ساهہ روڪجي ويو هجي. مون کي پنهنجي دل جي ڌڙڪڻ ٻڌڻ ۾ اچڻ لڳي ۽ مان اهو سمجهندو هوس تہ مون کي زندگيءَ کان

هڪ ٻيو ڏينهن ملي ويو.

پوءِ سمورو ڏينهن منهنجي اپيل جو جهنجهٽ رهندو هو. مون انهيءَ جي سيني پهلوئن تي غور ڪيو. مون حساب ڪيو تہ نيٺ انهيءَ جو نتيجو ڇا آهي ۽ منهنجي سموري سوچ ويچار جو تت ڇا آهي. مان هميشه اونداهي کان اونداهي پهلوءَ کي ڪٺندو هوس. منهنجي اپيل رد ٿي ويئي آهي.

”تہ هاڻي مون کي مرڻو آهي.“

ظاهر آهي تہ سيني ماڻهن کان ٿورو اڳ اهو تہ ڇٺو هو پر سموري دنيا کي خبر آهي تہ زندگي انهيءَ قابل ناهي تہ رڳو جيئڻ جي لاءِ ايتريون سختيون سٺيون وڃن. درحقيقت مون کي خبر هئي تہ ٽيهن ورهين جي عمر ۾ يا ستر ورهين جي عمر ۾ مرڻ، ٻنهي ۾ ڪو خاص فرق ناهي، ڇو جو هر حالت ۾ قدرتي طور ٻيا مرد ۽ ٻيون عورتون زنده رهنديون ۽ دنيا جو هي سلسلو هزارين ورهيہ جاري رهندو. مختصر اهو تہ ڪابہ ڳالهہ صاف نہ هئي. سمورو وقت سوال تہ منهنجي موت جو هو- تہ اهو هاڻي ايندو يا ويهن ورهين کان پوءِ- هن پل منهنجي استدلال ۾ جيڪا ڳالهہ ٿورو ڀڏري ٿي، اُها هئي تہ ايندڙ ويهن ورهين جو خيال مون کي پنهنجي ذات سان هڪ زبردست لڳاءُ جو احساس پيدا ڪري رهيو هو، پر مون انهيءَ خيال کي گهٽو ڏيئي ڇڏيو. اهو تصور ڪندي تہ جيڪڏهن موت تائين وڃڻ ضروري آهي تہ ويهن ورهين ۾ ڪهڙي خبر منهنجي خيالن جو ڪهڙو ڍنگ هوندو. جنهن وقت ماڻهو ساهہ ڏي ٿو، هو ڪيئن ۽ ڇو مري ٿو- اهي بي معنيٰ سوال بڻجي وڃن ٿا. اهو تہ ظاهر آهي. پوءِ (مشڪل اها هئي تہ انهيءَ استدلال ۾ ”پوءِ“ جنهن معنيٰ جي نمائندگي ڪئي ٿي، اُن کي نظرانداز ڪرڻ آسان نہ هو) پوءِ مون کي پنهنجي اپيل جي نامنظوريءَ جو امڪان قبول ڪرڻ گهرجي.

انهيءَ پل، رڳو انهيءَ پل- ائين ڇٺو تہ مون کي حق آهي تہ مان پنهنجي پاڻ کي ٻيو مفروضو قائم ڪرڻ جي اجازت ڏيان- يعني مؤت جي سزا کي قيد جي سزا ۾ بدلائڻ جو حڪم ملي ويو آهي. هڪدم رت جي هڪ تندو تيز لهر منهنجي سموري بدن ۾ سراڙي سان ڊوڙي ويئي ۽ منهنجي اکين مان هڪ بيان نہ ڪرڻ جوڳي خوشيءَ جي سنسنيءَ کان لڙڪ لڙڻ لڳا.

انهيءَ سان منهنجي بيزاري ڪجهہ گهٽ ٿي. پر مناسب هو تہ مان

خوشيءَ جي انهيءَ طوفان کي دليلن سان روڪڻ جي ڪوشش ڪريان. انهيءَ امڪان تي غور ڪندي لازم هو ته مان پنهنجا حواس قائم رکان ته جيئن ٻهرئين امڪان کان جيڪا آٿت ملي هئي، اُن جو به اعتبار ڪجهه نه وڃي. جڏهن مون کي انهيءَ ۾ ڪاميابي ٿي ته مون کي ڪلاڪ کن جو سُڪون نصيب ٿيو.

ڪجهه اهڙوئي پل هو، جڏهن مون هڪ ڀيرو وري پادريءَ سان ملڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو.

مان ليٽيو پيو هوس ۽ هڪ قسم جي هلڪي سونهري روشنيءَ مان، جيڪا اُفق تي ڦهلجي رهي هئي، انهيءَ شام جي آمد جو اندازو ڪري رهيو هوس. مون هاڻي پنهنجي اپيل ۾ ڪامياب ٿيڻ جو آسرو لاهي ڇڏيو هو. مون کي رت جي لهرن جو احساس ٿي رهيو هو، جيڪي منهنجي اندر باقاعدي موجزن هيون. يعني مون کي پادريءَ سان ملڻ جي ضرورت نه هئي. پوءِ گهڻي عرصي کان پوءِ مون کي ماريءَ جو خيال آيو. مُدت کان هُن مون کي خط لکڻ ڇڏي ڏنو هو. اڄ شام جو مون سوچيو ۽ پنهنجي پاڻ کي چيم ته شايد هوءَ هڪ اهڙي ماڻهوءَ جي، جنهن کي موت جو حڪم ملي چڪو آهي، سُريت ٿي رهڻ کان تنگ ٿي چڪي آهي. مون کي اهو به خيال آيو ته شايد هوءَ بيمار آهي يا مري ويئي آهي. نيٺ اها ڪا اڻ ٿيڻي ڳالهه ته نه هئي. ۽ هاڻي مون کي خبر به ڪيئن پوي. ٻن جسمن کان سواءِ، جيڪي هاڻي جدا ٿي چڪا هئا، اسان جي وچ ۾ ڪوبه ٻيو رشتو نه هو جيڪو اسان کي هڪٻئي جي ياد ڏياري. فرض ڪجي ته هوءَ مري ويئي آهي ته سندس ياد جي ڪا معنيٰ نٿي رهي. مون کي ڪنهن مُرده ڇوڪريءَ ۾ ڀلا ڪهڙي دلچسپي ٿي سگهي ٿي. اها ڳالهه فطري هئي. مون کي چڱي طرح خبر هئي ته منهنجي موت کان پوءِ ماڻهو به مون کي وساري ڇڏيندا. سندن مون سان ڪوبه واسطو نه رهندو. مان اهو به نٿو چئي سگهان ته اها سوچ غلط هئي. ڪوبه خيال اهڙو نه آهي ته انسان وقت سان گڏ اُن جو عادي نه ٿئي. منهنجا خيال انهيءَ نقطي تي پهتا هئا ته پادري ٻنان ٻڌائڻ جي اندر داخل ٿيو.

جڏهن مون کيس ڏٺو ته مون کي ڪنبڻي وٺي ويئي. هو ڀانپي ويو ۽ مون کي چيائين ته ڊڄڻ جي ڪابه ڳالهه ناهي. مون کيس چيو:

”ڊپ ڪڏهن نه ڪڏهن ايندو ئي آهي.“

هن جواب ڏنو تہ هو دوستاڻي طور تي آيو آهي ۽ سندس آمد جو منهنجي اپيل سان ڪوبہ واسطو ناهي ۽ اُن جي باري ۾ ڪيس ڪا خبر بہ ناهي. هو منهنجي پلنگ تي ويهي رهيو ۽ مون کي چيائين تہ مان سندس پرسان ويهان. مون انڪار ڪيو. مون ڏٺو تہ هو پوءِ بہ ڏاڍيون مٺيون ڳالهيون ڪندو رهيو.

هو هڪ ڪن ائين ويٺو رهيو. ٻانهون گوڏن تي ٽيڪي مٿو جهڪائي، هو پنهنجي هٿن ڏانهن ڏسي رهيو هو. سندس هٿ نازڪ هئا پر رڳون ڦنڊيل هيس. اهي ڏسي مون کي ٻن ڦڙت جانورن جو خيال آيو. هو ٻنهي هٿن کي هڪٻئي تي آرام سان رڳڙيندو رهيو. پوءِ هو ٿورو رُڪيو. مٿو بدستور جهڪيل هئس. ايتري دير ۾ مون کي خيال آيو تہ شايد هو اُتي موجود ئي ناهي. پر هن تڏهن پنهنجو مٿو کنيو ۽ مون کي اکين ۾ اکيون وجهي چيائين:

"اوهان مون سان ملڻ کان انڪار ڇو ڪيو؟" هن چيو.

مون ورائيو:

"مان خدا ۾ ايمان نٿو رکان."

هن ڄاڻڻ چاهيو ٿي تہ ڇا مون کي انهيءَ ڳالهہ تي پورو يقين آهي ۽ مون جواب ڏنو:

"مون ڪڏهن پنهنجي پاڻ کان اهو سوال پڇڻ جي زحمت گوارا نہ ڪئي آهي. مون کي اهو سوال غير ضروري لڳي ٿو."

هو پوءِ پوئتي هٽي ويو ۽ ڀت سان ٽيڪ ڏنائين. سندس هٿ سندس رانن تي ڪجهہ اهڙي انداز سان هئا ڄڻ هن مون سان ڳالهايو نٿي. هن چيو:

"ماڻهو ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهي تہ کيس پورو يقين آهي، پر درحقيقت ائين هوندو ناهي."

مون ڪجهہ نہ چيو.

هن مون ڏانهن ڏٺو ۽ مون کان پڇيائين: "اوهان جو ڇا خيال آهي؟"

مون جواب ڏنو تہ اهو ممڪن آهي- بهرحال مون کي شايد انهيءَ ڳالهہ جو پورو يقين ناهي تہ مون کي ڪهڙي شيءِ ۾ دلچسپي آهي، پر جنهن شيءِ ۾ مون کي دلچسپي ناهي، ان جو مون کي پورو يقين آهي ۽ سچ اهو آهي تہ اُها ڳالهہ جنهن جو هو ذڪر ڪري رهيو هو، ان ۾ مون کي هرگز ڪا

دلچسپي نہ هئي.

هو ٻئي طرف ڏسڻ لڳو ۽ پاسو بدلائڻ کان سواءِ مون کي چيائين تہ چا مان مايوسيءَ جي ڪري تہ ائين نٿو چوان. مون ڪيس ٻڌايو تہ مان نااميد ناهيان. مون کي رڳو خوف پئي ٿيو ۽ اها هڪ فطري ڳالهہ آهي.

”خدا اوهان جي مدد ڪندو.“ هن چيو. ”اوهان جهڙي حالت ۾ جيترا بہ مون ماڻهو ڏٺا آهن، آهي سڀ پنهنجي ڏکئي وقت ۾ ڏانهس رجوع ڪندا آهن.

مان مڃان ٿو تہ اهو انهن ماڻهن جو حق آهي ۽ هوئڻ بہ وٽن وقت گهڻو آهي. پر جيتري قدر منهنجو تعلق آهي، مون کي ڪنهن جي مدد جي خواهش نہ هئي ۽ سچ تہ اهو آهي تہ مون وٽ وقت ڪٿي آهي جو اهڙين ڳالهين ۾ دلچسپي وٺان، جيڪي مون کي بلڪل دلچسپ نٿيون لڳن.

اُن پل هن بي چئن ۽ پريشانيءَ جي عالم ۾ هٿ ڇنڊيا. پر هن پاڻ کي سنڀالي ورتو ۽ پنهنجي لباس جا گهنج درست ڪرڻ لڳو. ان کان پوءِ هو مون سان ڳالهيون ڪندي مون کي ”منهنجا دوست“ چئي مخاطب ٿيڻ لڳو. انهيءَ ڪري نہ تہ مون کي موت جو حڪم ملي چڪو هو. سندس راءِ ۾ اسان سڀنيءَ کي موت جو حڪم ملي چڪو آهي. پر مون ڳالهہ ڪاٽيندي ڪيس چيو:

”اها هڪ ئي ڳالهہ تہ ناهي، بهرحال انهيءَ سان ڪنهن جي دل آزاري نٿي ٿئي.“

”شايد!“ هن چيو، ”پر سڀني کي هڪ ڏينهن مرڻو آهي. اڄ نہ تہ سڀاڻي. پوءِ اهوئي سوال اُٿي ٿو تہ انهي ڀيانڪ وقت کي ڪيئن منهن ڏنو وڃي؟“

مون ورائيو:

”بلڪل ائين ئي جيئن مان هاڻي ڏيئي رهيو آهيان.“

انهيءَ تي هو اُٿي بيٺو ۽ منهنجي اکين ۾ اکيون وجهي ڏسڻ لڳو. اها چال مون چڱي طرح ڄاڻي ٿي. مان ايمانيئيل ۽ سيليت سان اهائي چالبازي ڪري پنهنجي دل وندرائيندو هوس ۽ عام طرح اُهي اکيون ڦيرائي ڇڏيندا هئا. پادري اها راند چڱي طرح ڄاڻي ٿي. مان هڪدم ڀانپي ويس. سندس نظر نٿي ڪنبي ۽ نہ ئي سندس آواز ۾ ڪنبڻي هئي، جڏهن هن مون کي چيو:

”ڇا اوهان کي ڪا اُميد ناهي؟ ڇا اوهان واقعي سمجهو ٿا تہ موت کان پوءِ اوهان ڪُلي طرح مري ويندؤ ۽ ڪجهہ باقي نہ رهندو؟“

”جي ها!“ مون وراڻيو.

تڏهن هن اکيون جهڪائي ڇڏيون ۽ وري ويهي رهيو. هن چيو ته ڪيس مون سان واقعي همدردي آهي. جيڪڏهن ماڻهوءَ جو زندگيءَ جي باري ۾ نظريو اهوئي هجي، جيڪو منهنجو آهي ته جيئڻ وبال ٿي پوندو آهي. مون محسوس ڪيو ته هاڻي هن مون کي بيزار ڪرڻ شروع ڪري ڏنو آهي. مان ڀِتي ڏيئي روشندان جي هيٺيان هلڻ لڳس. مان ڪلها پت سان ٽڪائي بيهي رهيس. مون ڏانهس ڌيان ڏيڻ جي ڪوشش ئي نٿي ڪئي، پر مان سمجهي ويس ته هو پريشان آهي ۽ بهتر آهي ته مان سندس ڳالهه ٻڌي ئي وٺان.

هن مون کي ڏاڍي اعتماد سان چيو ته کيس پڪ آهي ته منهنجي اپيل منظور ٿي ويندي. پر مون خواه مخواه گناهه جو هڪ بار پاڻ تي وڌو آهي ۽ ان کان مون کي ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ گهرجي. سندس ٻڌاندر انسان جو انصاف ڪجهه به ناهي ۽ خدا جو انصاف سڀ ڪجهه آهي. مون چيو:

”مون کي انسانن جي ڪورٽ موت جو حڪم ڏنو آهي.“

هن وراڻيو ته انهيءَ سان بهرحال منهنجو گناهه ته ڌوپجي نه ويندو.“

مون کيس چيو:

”مون کي خبر ناهي ته منهنجو ’گناهه‘ ڪهڙو آهي. مون کي ته رڳو اهو ٻڌايو ويو آهي ته منهنجو ڏوهه ڪهڙو آهي؟. مون ڏوهه ڪيو آهي. مان ان جي سزا ڀوڳي رهيو آهيان. انهيءَ کان وڌيڪ ته ڪو مون کان تقاضا نٿو ڪري سگهي.“

انهيءَ پل هو وري اٿي بيٺو. مون سوچيو ته هن سوڙهي ڪوٺڙيءَ ۾ جيڪڏهن هو چرپر ڪرڻ چاهي ٿو ته هڪ ئي طريقو اختيار ڪري سگهي ٿو. هو رڳو ويهي سگهيو ٿي يا بيهي سگهيو ٿي.

منهنجون نظرون فرش تي ڄميل هيون. هن مون ڏانهن هڪ قدم کنيو ۽ بيهي رهيو ڄڻ ته کيس ويجهو اچڻ جي جرئت نٿي ٿي سگهي. پوءِ هو سيخن مان آسمان ڏانهن تڪڻ لڳو.

”تون غلطيءَ تي آهين. منهنجا پٽ!“ هن سنجيدگيءَ سان چيو، ”توکان ٻي تقاضا ڪري سگهجي ٿي. مان توکان شايد اها تقاضا ڪندس.“

”ڇا جي؟“ مون پڇيو.

”مان توکان تقاضا ڪندس تہ تون ڏسڻ جي ڪوشش ڪر.“

مون پڇيو:

”ڇا ڏسڻ جي ڪوشش ڪريان؟“

پادري هيڏانهن هوڏانهن جهاتيون پائڻ شروع ڪيو ۽ جڏهن هن ڳالهہ ڪئي تہ مون کي محسوس ٿيو تہ سندس آواز ۾ هڪدم اُداسي پيدا ٿي ويئي آهي.

”مون کي چڱي طرح خبر آهي تہ اهي پٿر جون پٿيون انسان جي درد ۽ غم سان ڀرپور آهن. مان انهن کي ڏسي ڏکڻ لڳان ٿو. يقين ڪر تہ مان پنهنجي دل جي گهراين مان ڳالهائي رهيو آهيان. مون کي خبر آهي تہ خسيس کان خسيس ماڻهو بہ ڪڏهن نہ ڪڏهن اونداهين ۾ هڪ خدائي چهري جو اُجالو ڏسندو آهي. اهوئي چهرو آهي، جنهن کي ڏسڻ جي مان توکي دعوت ڏيئي رهيو آهيان.“

انهيءَ تي مون کي ڪجهہ ڪاوڙ اچي ويئي. مون چيو تہ گهڻ ۾ گهڻ مهينن کان مان انهن ٿلهين ۽ اوچين ديوارن کي ڏسي رهيو آهيان. سموري دنيا ۾ نہ ڪا شيءِ آهي، نہ ڪو شخص، جنهن کي مان انهن کان وڌيڪ سڃاڻان ٿو. شايد گهڻو عرصو ٿي چڪو آهي تہ مون ڪنهن چهري جي تلاش ناهي ڪئي. پر اهو چهرو جنهن جي مون کي تلاش آهي، سندس رنگ سج جهڙو سونهري ۽ ان جي شعلي ۾ هڪ حسرت، هڪ شوق جي تمنا آهي، اهو ماريءَ جو چهرو هو. مون ڪيس اجايو ڳوليو. هاڻي سڀ ڪجهہ ختم ٿي چڪو آهي ۽ بهرحال مون ڪڏهن پٿر جو پگهر وهندي نہ ڏٺو.

پادري مون کي اداسيءَ سان ڏٺو. هاڻي مان پوري طرح پٺ سان ڀيلهہ ٽڪائي ويٺو هئس ۽ مون کي ڏينهن جي خُنڪي مٿي تي محسوس ٿي رهي هئي. هن ڪجهہ چيو جيڪو مان ٻُڌي نہ سگهيس ۽ پوءِ اوچتو هن پڇيو تہ ڇا هو مون کي چُمي ڏيئي سگهي ٿو؟

”نہ!“ مون وراڻيو.

هو مُڙيو ۽ پٺ ڏانهن هلڻ شروع ڪري ڏنائين، جنهن تي آهستگيءَ سان هو هٿ ڦيريندو پئي ويو.

”اوهان کي واقعي محبت آهي هن زمين سان؟“ هن آهستي پڇيو.

مـون کـو جواب نـہ ڏنو. پوءِ مُرڻ ۾ هن ڪافي وقت ورتو. سندس موجودگيءَ ۾ مـون کي ڪوفت ۽ پريشـاني ٿي رهي هئي. مان چوڻ وارو ئي هئس تہ هو منهنجي پٽ ڇڏي ڏي تہ هن اوچتو سڏڪا ڀري رئڻ شروع ڪيو ۽ مون ڏانهن مُڙندي چيائين:

”نـہ نـہ، مون کي توتي اعتبار نـٿو اچي. مون کي يقين آهي تہ هجي نـہ هُجي، تو ۾ ٻي زندگيءَ جي خواهش ضرور آهي.“

مون ورائيو:

”فطري طور تي آهي پر منهنجي لاءِ اها خواهش ايتري ئي اهم آهي جيتري امير ٿيڻ جي آرزو يا تيز ترڻ جي خواهش يا هڪ موزون ڇهري جي مالڪ هئڻ جي تمنا. انهن سڀنيءَ جي نوعيت هڪ ئي آهي.“

مان انهيءَ انداز ۾ ڳالهائي رهيو هوس تہ هن مون کي وچ ۾ ڪٽيندي پڇيو تہ منهنجو ٻي زندگي بابت ڪهڙو تصور آهي. پوءِ مون دانهن ڪئي:

”هڪ اهڙي زندگي، جيڪا مون کي هِن زندگيءَ جي ياد ڏياري.“ ۽ هڪدم ئي پوءِ مون چيو تہ هاڻي گهڻو ٿي چڪو.

هن چاهيـو ٿـي تـہ وري خدا جو تذڪـرو ڇيـڙيـان، پر مـان ڏانهـس وڌيس ۽ آخري ڀيرو کيس سمجهائڻ جي ڪوشش ڪيم تہ مون وٽ وقت تمام گهٽ آهي ۽ مان اُهو خدا لاءِ ضايع ڪرڻ نٿو چاهيان پوءِ هن اهو چئي موضوع بدلائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ مان کيس هر پادري وانگر ”پيءُ“ چئي خطاب ڇو نٿو ڪريان. انهيءَ سان مان وڌيڪ چڙي پيس ۽ کيس جواب ڏنم تہ انهيءَ ڪري تہ هو منهنجو پيءُ ناهي. انهيءَ جي اُبتڙ هو ٻين جو طرفدار آهي.

”نہ منهنجا پٽ!“ منهنجي ڪلهن تي هٿ رکندي هن چيو، ”مان توسان گڏ آهيان، توڙي جو توکي انهيءَ جو احساس ناهي، ڇو جو تنهنجي دل پٿر ٿي ويئي آهي.“

هن وڌيڪ چيو:

”مان تولاءِ دعا ڪندس.“

پوءِ مون کي خبر ناهي ڇو منهنجا ڪجهہ ناسور هئا جيڪي ڦاٽي پيا. مون زور سان دانهون ڪرڻ شروع ڪيون ۽ سندس بيعزتي ڪيم ۽ مون

ڪيس چيو تہ هو منهنجي لاءِ فضول دعائون نہ ڪري. مون ڪيس ڳچيءَ کان جهليو ۽ جيڪي منهنجي دل ۾ آيو، مٿس مڙهيندو ويس. خوشيءَ غصي جي گڏيل ڪيفيت ۾ مان ڪيس ٻچڙو ڪندو رهيس.

سندس انداز ڏاڍو خود اعتماديءَ وارو هو. پر منهنجي نظر ۾ سندس اعتماد جي وقعت ڪنهن عورت جي وار برابر نہ هئي. ڪيس تہ پنهنجي زندگيءَ تي بہ يقين نہ هو. ڇو جو هڪ مڙدي وانگر زنده هو ۽ مان- مون کي سڌ هئي تہ مان خالي هٿين آهيان. پر دراصل مون کي پنهنجي پاڻ تي پورو اعتماد هو. مون کي سيني تي اعتماد هو. انهيءَ کان گهڻو وڌيڪ، پنهنجي زندگي ۽ انهيءَ موت تي جيڪو اچڻ وارو هو. ها! مون وٽ انهيءَ اعتماد کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ هو. گهٽ ۾ گهٽ انهيءَ حقيقت تي ايترو ئي قابض هئس جيترو اهو مون تي قابض هو. مان حق تي هئس. مان هميشہ حق تي هئس. مون اهڙي طرح پنهنجي زندگي گذاري ڇڏي آهي ۽ جيڪڏهن مان چاهيان ها تہ مان اها هڪ ٻئي طريقي سان بہ گذاري سگهيس ٿي. مون اِهو ڪيو هو ۽ اهو نہ ڪيو هو. مون هيئن ڪم نہ ڪيا هئا پر هونئن ڪم ڪيا هئا. ۽ پوءِ؟ ائين لڳو ٿي تہ مون سموري زندگي انهيءَ پل جي انتظار ۾ گذاري ڇڏي آهي- پرهہ ڦٽيءَ جي انتظار ۾ تہ جيئن آءٌ منهنجي سچائي جي شاهدي ڏيئي سگهان. ڪنهن شيءَ جي ڪا اهميت نہ هئي ۽ مون کي چڱي طرح خبر هئي تہ ڇو. اهو مون بہ ڄاتو ٿي تہ ڇو. هن سموري بيڪار زندگيءَ جي دوران هڪ گمنام نامعلوم نفس منهنجي مستقبل جي گهرائين کي چيريندو، انهن مهينن ۽ سالن کي اورانگهيندو، جيڪي اڃا وجود ئي ۾ نہ آيا هئا، مون ڏانهن وڌندو رهيو ۽ مون کي چوندو رهيو تہ هن زندگيءَ جي ڪا بہ اهميت ناهي. ڀلا مون لاءِ ڪهڙي اهميت ٿي سگهي ٿي، ٻين جي موت جي، هڪ ماءُ جي محبت جي، خدا جي وجود جي، انهيءَ زندگيءَ جي جيڪا ماڻهو پنهنجي لاءِ انتخاب ڪري ٿو، انهيءَ تقدير جي، جيڪا هو پنهنجي لاءِ چونڊي ٿو. پر اهائي تقدير مجبور آهي تہ نہ رڳو مون کي بلڪ مون جهڙن لکين ڪروڙين ماڻهن کي چونڊي. مون کي رڳو هڪ زندگي ملي ۽ مون سان گڏ لکن کي جن کي دراصل اقتدار حاصل آهي، پر پنهنجي پاڻ کي منهنجو ڀاءُ چون ٿا.

هو سمجهيو اُن کي؟ پوءِ اُن کي هو سمجهيو؟ هر زنده انسان کي

اقتدار حاصل آهي. سيني کي رعايت ۽ حق حاصل آهي. انسان جو هڪ ٻي قسم آهي. ٻين کي به ڪنهن ڏينهن قتل جو حڪم ملندو. انهن کي به ڪو موت جو حڪم ٻڌائيندو. ڪنهن تي الزام لڳائڻ جي ڀلا ضرورت ئي ڪهڙي آهي ته هو پنهنجي ماءُ جي جنازي تي نه رُنو؟ انهيءَ سان ڪهڙو فرق پوي ٿو؟ نيٺ مرڻو ته سيني کي آهي. سالامانو جو ڪتو وڌيڪ قيمتي آهي يا سندس زال؟ اها ننڍڙي مشيني عورت، جيڪا ساڪت ويٺي رهي، اها به ايتري ئي ڏوهاري آهي جيتري پيرس جي اها عورت، جنهن ماسون سان شادي رچائي رکي هئي يا ماري، جنهن جي خواهش ٿي رهي ته مان ساڻس شادي ڪريان؟ انهيءَ جي ڪهڙي اهميت آهي ته غيمون منهنجو پڪ مٽ يار آهي يا سيليت؟ ڪنهن جو قدر ڪنهن کان وڌيڪ آهي؟ انهيءَ جي ڪهڙي اهميت آهي ته ماري هن پل ڪنهن ميرسو سان عشق پيئي ڪري- هڪ اهڙي حيثيت وارو ماڻهو، جنهن کي خود موت جو حڪم مليو هجي؟ ڇا هو منهنجي ايتري ڳالهه به نه ٿي سمجهي سگهيو ته مستقبل جي اونداهين مان منهنجي ڇا مراد آهي؟ دانهون ڪندي ڪندي منهنجو ساهه ٻوساٽجڻ لڳو. سپاهي ڊوڙندا اندر آيا ۽ پادريءَ کي منهنجي قبضي مان ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا. هڪ سپاهي مون کي مارڻ جي ڌمڪي ڏني، پر پادري کين سمجهائي پري ڪيو. هو مون کي ڪن لاءِ ماٺ ڪري ڏسندو رهيو. سندس اکيون لڙڪن سان ڀريل هيون. هن ڇيله موڙي ۽ منهنجي ڪوٺڙيءَ مان ٻاهر هليو ويو.

سندس وڃڻ کان پوءِ مون کي ڪجهه سڪون آيو. ٿڪ کان منهنجو خراب حال ٿي رهيو هو. مان صندل تي سڌو ليٽي پيس. منهنجو خيال آهي ته مان گهڻي دير تائين ستو رهيس، ڇو جو جڏهن منهنجي اک کلي ته تارا منهنجي سامهون چمڪي رهيا هئا. ڳوٺن جون صدائون هوريان هوريان مون کي ٻڌڻ ۾ پئي آيون. رات جي ٿڌي هوا جيڪا زمين ۽ لوڻ جي خوشبو سان معطر هئي، منهنجي ڳلن کي ڇهي رهي هئي. اونهاري جو پُر امن سڪون، سمنڊ جي لهرن وانگر مون کي ٿڦڪيون ڏيئي رهيو هو. پرهه ڦٽيءَ کان ٿورو اڳ مون جهاز جو سائرن ٻڌو. انهيءَ هڪ اهڙي دنيا ڏانهن سفر ڪرڻ جو اعلان ڪيو جنهن کان هاڻي مان بلڪل بي نياز هئس. مهين کان پوءِ پهريون ڀيرو مون کي امان ياد آئي. هاڻي مون کي سمجهه ۾ آيو ته هوءَ زندگيءَ جي

پڇاڙيءَ ۾ هڪ ”مگيندي“ کي ڇو وهاري وينـي هئي. هن زندگيءَ جي راند نئين سر ڇو کيڏڻ ٿي چاهي. اتي بہ ٻَڌن جي گهر ۾ زندگيءَ جا چراغ گل ٿي رهيا هئا ۽ شام هڪ افسرده جنگ بندي، هڪ عارضي صلح جو اعلان ڪري رهي هئي. موت جي ايترو ويجهو هوندي امان جي خواهش هوندي تہ هوءَ آزاد محسوس ڪري ۽ نئين سر زندگيءَ جي تياري ڪري سگهي. دنيا ۾ ڪنهن کي متس لڙڪ لاڙڻ جو حق نٿو پهچي. ۽ مان بہ نئين سر هڪ تازي زندگي جي تياري ڪري رهيو آهيان. ائين لڳي ٿو تہ هن غضب جي غصي مون کي سيني ڏکن کان پاڪ ڪري ڇڏيو آهي. اُميد ۽ اُمنگ کان خالي هن تارن ڀري رات ۾ مون تي ڀهريون ڀيرو دنيا جي نازڪ ۽ ملائم بي نيازي جو راز کليو. اهو نيڪ منهنجي پنهنجي تجربي پٽاندر هو. بني نوع آدم ۾ هڪ اخوت جو سلسلو آهي. هاڻي مون کي خوشيءَ جو احساس ٿيو. هاڻي مان مطمئن هئس. ائين منزل مقصود حاصل ڪري منهنجي اڪيلائي جو احساس گهٽ ٿيو. رڳو هڪ خواهش، هڪ ارمان باقي رهجي ويو تہ منهنجي قتل واري ڏينهن تي گهڻا تماشائي گڏ ٿين ۽ منهنجي آجيان نفرت ڀريل نعرن سان ڪن.

# اداري جا وڪري لاءِ موجود ڪتاب

| | | | |
|---|---|---|---|
| 1- | مکڙيون ماڪ ڦڙا | مير محمد پيرزادو | 20/= |
| 2- | منيءَ هاڻا ماڻهو | عبدالواحد آريسر<br>(پيو ڇاپو ڇپائي هيٺ) | |
| 3- | ماڻهو ميگهه ملهار | عبدالواحد آريسر | 15/= |
| 4- | تاريخ مون کي بيڏوهي قرار ڏيندي | فيڊل ڪاسترو | 25/= |
| 5- | عظيم انقلابي عورتون | سنڌيڪار: تاج جويو | 20/= |
| 6- | ڦاسيءَ جي ڇانوَ ۾ | جولس فوچڪ | 25/= |
| 7- | پاڪستان ۾ قومي سوال | امداد چانڊيو | 25/= |
| 8- | فلسفي جو ابتدائي ڪورس | سنڌيڪار: محمد ابراهيم جويو | 50/= |
| 9- | ترقيءَ جو غير سرمائيداراڻو رستو | لعل چارڻ | 12/= |
| 10- | سوشلزم ماضي حال مستقبل | سنڌيڪار: امداد چانڊيو | 10/= |
| 11- | سوويت جمهوريت اصول ۽ عمل | چرننڪو | 15/= |
| 12- | چناڪانگ جا عظيم انقلابي | ڪلپنا دت / سرواڻ | 22/= |
| 13- | چي گويرا جي ڊائري | سنڌيڪار: يوسف سنڌي | 50/= |
| 14- | مظلوم قومن جو مستقبل | جام ساقي | 25/= |
| 15- | انقلاب جي واٽ | ابو جبران | 30/= |
| 16- | بين الاقوامي انقلاب جو راهه عمل | سنڌيڪار: رشيد ڀٽي | 32/= |
| 17- | ويتنامي ڪهاڻيون | رسول بخش پليجو | 25/= |
| 18- | لينن جي انقلابي ڪهاڻي | نجم عباسي | 40/= |
| 19- | سنڌ جي بمبئي کان آزاديءَ | جي - ايم - سيد | 27/= |
| 20- | پريسترائيڪا | ميخائيل گورباچوف/ گهنشام پرڪاش | 80/= |
| 21- | تاريخ اسان سان انصاف ڪندي | گل محمد جکراڻي | 20/= |
| 22- | فڪر جي آزاديءَ | سنڌيڪار: محمد ابراهيم جويو | 75/= |
| 23- | نئين سنڌ لاءِ جدوجهد | جي - ايم - سيد | 62/= |
| 24- | پيءُ جا ڌيءَ ڏي خط | جواهر لعل نهرو/پرويز | 25/= |
| 25- | بغاوت | خليل جبران/ يوسف سنڌي | 20/= |
| 26- | چار گهڙيون چين ۾ | احمد علي رند | 27/= |
| 27- | ڏونگر منجهه ڏيئو | بورس پوليوائي/پرويز | 80/= |
| 28- | شاهه - سچل - سامي | محمد ابراهيم جويو | 35/= |
| 29- | منهنجي ڪهاڻي | جواهر لعل نهرو | 88/= |
| 30- | غدار | ڪرشن چندر/ ولي رام ولڀ | 25/= |

# البيرڪاميو

# ڏاريو (ناول)

- نوبيل انعام يافته البيرڪاميو جو لکيل "ڏاريو" سيني کان اهم جديد ناولن ۾ ڳڻيو ويندو آهي، ۽ سهيوڳي لکڻين جي وڏي حصي جو سرواڻ آهي.

- ميرسو هڪ نوجوان آهي، جيڪو الجيئرز ۾ ڪلرڪ جي حيثيت سان ڪم ڪري ٿو. هو هڪ فرينچ - آلجيريائي، وچئين طبقي جي غير شادي شده نوجوان جي عام نموني جي زندگي- پنهنجي ننڍي فلئٽ ۾، پنهنجي لاءِ رات جي ماني پچائيندي، هفتي جي پڄاڻيءَ تي پنهنجي محبوبا سان گڏ گذاريندي، وهنجندي، فلمون ڏسندي بسر ڪري ٿو. پر سماج جي نظرن ۾ هو ڏنو وائتو غلطيءَ تي آهي. هو بنيادي جذبن ۽ ردعملن کان (منافقي سميت) وانجهيل نظر اچي ٿو، جيڪي منجهس هئڻ ضروري آهن. هو ٻاهران کان زندگي، موت ۽ جنس جي حقيقتن جو مشاهدو ڪري ٿو. ايتري قدر جو جڏهن هو ذاتي دُر گهٽنا ۾ ڦاسي ٿو، جنهنڪري مٿس خوفناڪ ۽ ناجائز مقدمو هلي ٿو ته هو خود پنهنجا احساس ۽ عمل ماٽ ميٽ ۽ گهٽو ڪري اڏول سچائيءَ سان پين جا سمجهڻ لڳي ٿو.

- هيءُ هڪ اهڙو سُنو لکيل ۽ گهرائيءَ سان بيچئن ڪندڙ ڪتاب آهي، جو اهو خود ۾ هڪ "ڪلاس" آهي. مون اهڙو ڪو ورلي ڪتاب پڙهيو آهي، جيڪو ٿورن صفحن ۾ ايترو گهڻو ٻڌائي.

  - جان بيٽجيمن : ڊيلي هيرالڊ.

- هڪ بي تاب ڪندڙ، اهنجو ۽ عجيب ڍنگ سان اثرائتو ڪتاب.

  - سنڊي ٽائيمز.

The cover shows a portrait of R.Duchamp by Jaques Villon in the Musee d' Moderne, Par.is

A ROSHNI BOOK
Novel/Fiction (Translation)
Pakistan Rs. 55.00